# فهرست


- ناشر پاران 5
- پنهنجي پاران 6

**باب پهريون: ٻـولـي** 7

- ٻوليءَ جو  ڪارج 10
- ٻوليءَ جو علم 11
- علم صوتيات 12
- علم صرفيات 14
- علم نحويات 15
- علم معنيات 16
- حوالا 18

**باب ٻيو: گرامر يا وياڪرڻ** 20

- گرامر ڇا آهي؟ 22
- ٻوليءَ ۾ گرامر جي اهميت 24
- گرامر نويسيءَ جي ارتقا 27
- سنڌي ٻوليءَ ۾ گرامر نهڻ جو پس منظر 30
- حوالا 33

**باب ٽيون: سنڌي ٻوليءَ ۾ گرامر نويسيءَ جي ارتقا** 35

- سنڌي ٻوليءَ جو گرامر (ڪئپٽن جارج اسٽئڪ- 1849ع) 36
- سنڌي ٻوليءَ جو گرامر  (ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ، 1872ع) 38





- سنڌي وياڪرڻ (منشي اڌارام ٿانورداس 1892ع) 58
- سنڌي وياڪرڻ (ڪشنچند گلاب سنگهه گدواڻي ڏيارام وسڻ مل ميرچنداڻي (1914ع) 63
- سنڌي وياڪرڻ (مرزا قليچ بيگ 1916ع) 68
- وڏو سنڌي وياڪرڻ (ڀيرومل مهرچند آڏواڻي 1925ع) 79
- سنڌي معلم (ڊاڪٽر غلام علي الانا 1984ع) 98
- سنڌي ٻوليءَ جو صرف نحو (واحد بخش شيخ 1986ع) 104
- سنڌي گرامر ۽ ڪمپوزيشن (ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ سنڌي 1987ع) 115
- سنڌي ٻولي (آر پي ييگورو روا- 1971ع) 115
- حوالا 121

**باب چوٿون: سنڌي ٻوليءَ جا گرامر نويس** 124

- ڪئپٽن جارج اسٽئڪ 125
- ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ 126
- منشي اڌارام ٿانورداس 127
- ڪشنچند گلاب سنگهه ۽ ڏيارام وسڻ مل ميرچنداڻي 127
- شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ 128
- ڀيرومل مهرچند آڏواڻي 129
- رايا ييگورووا 130
- ڊاڪٽر غلام علي الانا 130

• واحد بخش شيخ 132

• ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي 132

**نتيجا** 133

**ببليوگرافي** 139




## ناشر پاران

ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائڻ ۽ تحقيق ڪرائڻ دوران ڪيترائي اهڙا شاگرد مليا، جن کي ٻوليءَ ۽ لسانيات جي موضوعن سان گهڻي دلچسپي هئي. انهن مان هڪ آفتاب ابڙو پاڻ مڃائي چڪو آهي ۽ هاڻي منهنجي نگرانيءَ ۾ پي ايچ ڊي ڪري رهيو آهي ۽ ٻي شازيہ پتافي آهي، جنهن منهنجي نگرانيءَ ۾ ايم اي ۾ هي مقالو (مونوگراف) لکيو. اها پڻ هن وقت منهنجي نگرانيءَ ۾ پي.ايچ ڊي ڪري رهي آهي. گڏوگڏ پاڻ وفاقي اردو يونيورسٽي، ڪراچيءَ ۾ ليڪچرار جا فرض بہ ادا ڪري رهي آهي.

هڪ استاد جي حيثيت ۾ شازيہ ۾ مون تمام گهڻيون صلاحيتون ڏٺيون، سنڌي ٻوليءَ جي گرامر تي ڪم ڪرڻ لاءِ جڏهن مون ڪيس اتساهيو تہ پاڻ مواد جي کوٽ جي شڪايت ڪيائين. جيسين اهو ملي، تيسين مون پنهنجي ان سموري ريسرچ جو مواد پڙهڻ لاءِ ڏنومانس، جيڪو مون لنڊن يونيورسٽيءَ جي ”اسڪول آف اوريئنٽل اينڊ افريقن اسٽڊيز“ ۾ پوسٽ ڊاڪٽريٽ ريسرچ لاءِ ترتيب ڏنو هو. منهنجو اهو پروپوزل منظور بہ ٿي ويو هو ۽ ڪجهہ وقت لنڊن ۾ رهي، ان تي ڪم بہ ڪيم، پر ڪراچي يونيورسٽيءَ پاران وڌيڪ موڪل منظور نہ ٿيڻ جي صورت ۾ موٽي اچڻو پيم ۽ اهو ڪم اڌ ۾ رهجي ويو.

بهرحال شازيہ پتافيءَ انهيءَ موضوع کي تمام سهڻي نموني نباهيو آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ گرامر نويسيءَ جي ارتقا بابت تمام سُني تحقيق ڪري، بنيادي ڪم ڪيو آهي. مون کي منجهس وڏيون اميدون آهن، هوءَ سنڌي ٻوليءَ جي مختلف پهلوئن تي تحقيق ڪري، ان کي مالا مال ڪندي.

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران هي ڪتاب ڇپائيندي، مون کي تمام گهڻي خوشي ٿي رهي آهي. اميد تہ پڙهندڙ بہ هن کي ضرور پسند ڪندا.

10 اپريل، 2009

حيدرآباد سنڌ

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

(چيئرپرسن)

# پنهنجي پاران

ايم.اي جي آخري سال ۾ اها گنجائش هوندي آهي تہ شاگرد پنهنجي مرضيءَ سان اختياري مضمون جي جاءِ تي تحقيقي مقالو (مونوگراف) لکي سگهن. ’لسانيات‘ منهنجو پسنديده مضمون آهي، ان ڪري مون ان سان وابستہ ڪنهن موضوع تي ڪم ڪرڻ چاهيو پئي. اهڙن خيالن جو اظهار جڏهن مون مئڊم فهميده حسين سان ڪيو تہ ان منهنجي تمام گهڻي همت افزائي ڪئي، پوءِ مئڊم جي صلاح سان ۽ سندس نگرانيءَ ۾ مون **”سنڌي ٻوليءَ ۾ گرامر نويسيءَ جي ارتقا“** جي موضوع تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو.

هيءُ هڪ نئون موضوع هو ۽ ساڳئي وقت تحقيق بہ مون لاءِ نئون ڪم هو، ان جي تڪميل مشڪل ٿئي ها، پر مئڊم فهميده حسين جي رهنمائي ۽ رهبريءَ ۾ هن ڪم کي آسانيءَ سان ڪري سگهيس. ان ڪري سيني کان وڌيڪ ٿورا مئڊم جا، جنهن مون کي تمام گهڻو وقت ڏنو ۽ هر طرح سان گائيڊ ڪيو. مان پنهنجي استاد سائين سليم ميمڻ جي بہ ٿورائتي آهيان، جنهن تحقيق جي سلسلي ۾ هر ممڪن مدد ڪئي.

مونوگراف لکڻ ۾ جيڪا ڏکيائي پيش آئي، اها هئي ڪتابن جي، ان سلسلي ۾ منهنجي چاچي سڪندر علي پتافي، جيڪو حيدرآباد مان ڪتاب هٿ ڪري موڪليندو هو. فوزيہ نواز سنڌي شعبي جي لائبرري انچارج ۽ شاهہ عبداللطيف چيئر جي ريسرچ آفيسر عبدالعزيز خاصخيليءَ تمام گهڻي مدد ڪئي، ان ڪري انهن جا ٿورا نہ مڃڻ بہ احسان فراموشي ٿيندي. پنهنجي فيمليءَ جي سيني فردن جا بہ احسان، جن سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح مون سان تعاون ڪيو.

**شازيہ پتافي**



## باب پهريون

# ٻـولـي

انسان کي سماجي حيوان (Social Animal) چيو وڃي ٿو. هي گروهن جي صورت ۾ رهي ٿو ۽ ٻين سان ڪاروهنوار رکي ٿو. سندس رابطي جو ذريعو ”ٻولي“ آهي. ڳالهائڻ ماڻهوءَ کي جانور کان الڳ ڪري ٿو. هر قوم جي الڳ ٻولي هوندي آهي. ان ڪري ٻولي قومن کي جدا جدا سڃاڻپ ڏئي ٿي، يعني تہ ٻولي قوم جي سڃاڻپ آهي.

> ”ٻوليءَ جو استعمال يعني ڳالهائڻ شايد اهو سماجي تحفو آهي، جيڪو انسان کي ٻين جانورن کان الڳ ۽ معتبر ڪري ٿو. ماڻهپي ۽ انسانيت کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي تہ ٻوليءَ جي قدرت ۽ ڪيفيت کي سمجهون، جيڪا اسان کي ماڻهو بڻائي ٿي.[1]

ٻوليءَ کان سواءِ ڪوبہ انساني معاشرو يا ڪنهن بہ قوم کي سمجهڻ مشڪل آهي. ٻولي هڪ اهڙو وسيلو بڻجي ٿي، جنهن جي مدد سان ساڳي زبان ڳالهائيندڙ ماڻهو يا مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ (جيڪي هڪٻئي جي ٻولي سمجهي سگهن) پاڻ ۾ ويچارن جي ڏي وٺ ڪن ٿا، يا هڪٻئي سان وهنوار رکن ٿا. هرهڪ ٻوليءَ جو مکيہ روپ اهو آهي، جيڪو سماج ۾ مروج آهي. ”ٻولي“ لفظ جي معنيٰ ئي آهي، ’جيڪا ڳالهائي وڃي‘.

> ”ٻولي آوازن جي اها صورت آهي. جنهن مان لفظ نهندا

آهن. گرامر جي زبان ۾ ٻولي ڳالهائڻ جي لفظن (Parts of Speech) جي مدد سان ادا ڪئي ويندي آهي، ٻولي اهو وسيلو آهي، جيڪو معنيٰ مقصد ۽ خيال جي اظهار ۾ مدد گار ثابت ٿيندو آهي. ٻولي، گفتگو يا بيان ڪرڻ وارو پنهنجو مقصد ۽ مفهوم آسانيءَ سان ادا ڪري سگهي ٿو.“ (2)

ٻولي نه صرف علم اللسان پر نفسيات، سماجيات ۽ علم الانسان جو موضوع به آهي، ڇاڪاڻ ته ٻولي انسان جي سرگرمي آهي ۽ ان جو واسطو فرد، سماج ۽ تهذيب سان آهي. ٻوليءَ کان سواءِ ڪنهن به انساني معاشري جو تصور ڪرڻ مشڪل آهي. ساڳئي وقت ٻولي به خلا ۾ نٿي پيدا ٿئي، پر انساني معاشري ۾ رهي ڪري وڌي ويجهي ۽ ترقي ڪري ٿي. سنڌ جي ڏاهي محمد ابراهيم جويي چيو آهي ته:

”ماڻهن جي هر تهذيب جي ابتدا به ذهن جي انهيءَ معجزي سان ٿئي ٿي، جنهن کي ”ٻولي“ ٿو چئجي. ٻوليون قومن جي روح جا، انهن جي آدرشي عڪس جا، انهن جي ”هئڻ جي احساس“ جا سڀ کان سڌا ۽ چٽا اظهار آهن، ٻولي ئي سڀ کان وڏيڪ بقادار مواد آهي. جنهن ۾ ڪنهن قوم جي ”پاڇي وجهندڙ ڪا سُرت“ پنهنجي روحاني زندگيءَ جي مُوڙي محفوظ ڪري ٿي.“ (3)

ٻولي پنهنجي ملڪ، ماحول ۽ تمدن جي علامت آهي. ماهرن جي راءِ آهي ته:

”جيستائين ڪنهن به ٻوليءَ جي ڳالهائڻ وارو هڪ فرد به



زنده آهي ته اها ٻولي زنده تسليم ڪئي ويندي آهي.“ (4)

ٻوليءَ جي وصف بيان ڪندي سنڌ جو مشهور ماهر لسانيات پروفيسر علي نواز جتوئي لکي ٿو ته:

”زبان خودبخود اختيار ڪيل آوازي علامتن جو هڪ اهڙو نظام آهي، جنهن جي مدد سان هڪ سماجي گروهه جا ماڻهو هڪٻئي سان واهپو رکن ٿا ۽ هڪٻئي کي متاثر ڪن ٿا.“(5)

هن وصف جا چار حصا آهن:

1: ٻولي هڪ تنظيم آهي.

2: ٻولي علامتن جي تنظيم آهي.

3: اها پاڻمرادو اختيار ڪيل آهي.

4: ٻوليءَ جي علامتن جو تعلق زباني آوازن سان آهي.

ڪنهن به نظام کي پرکڻ لاءِ ان جو ڇيد (Analysis) ڪيو ويندو آهي. ٻوليءَ جي سٽا معلوم ڪرڻ لاءِ به ان جي آوازن، لفظن، لفظن جي جوڙجڪ ۽ لفظن جي جملي ۾ ڪارج وغيره کي جاچيو ويندو آهي. ٻولي علامتن جي تنظيم آهي ۽ انهن علامتن جو تعلق زباني آوازن سان آهي. فطرت ۾ ڪيترائي آواز، اهڃاڻ ۽ علامتون موجود آهن، پر انهن کي ٻولي نٿو چئي سگهجي. جيڪي آواز انسان جي ڳالهائڻ جي عضون جي مدد سان ظاهر ڪيا وڃن ٿا، ٻوليءَ جو واسطو انهن سان آهي.

”هر ٻوليءَ کي پنهنجي تنظيم آهي، جنهن کي مرضيءَ موجب ڦيرائي نٿو سگهجي، جيڪڏهن ڦيرائبو ته ڳالهائي

نہ سگھبو، سندس لغت ۾ ڦيرو اچي سگھي ٿو، سندس آواز گھٽ وڌ ٿي سگھن ٿا، منجھس معنائون ڦري سگھن ٿيون، مگر سندس عملي سٽا بدلائي نٿي سگھجي، سندس اسمن، ضميرن، صفتن، ظرفن، فعلن وغيره جي نوعيت ۽ مخصوص هنڌن کي بدلائي نٿو سگھجي، گويا زبان جي عملي نظام کي ڦيرائي نٿو سگھجي." (6)

هڪ ٻوليءَ کي لکڻ جا طريقا مختلف ٿي سگھن ٿا، جيئن 1853ع کان پھرين سنڌي زبان مختلف لِپين ۾ لکي ويندي هئي، يا جيئن خود عربي فارسي لپيءَ ۾ مختلف آوازن لاءِ مختلف علامتون مقرر هيون. ڪنهن بہ ٻوليءَ جي لکت پڙهڻ لاءِ ضروري آهي تہ ان ٻوليءَ جي ڄاڻ هجي، پر ٻوليءَ کي ڄاڻڻ لاءِ ان جي لکت کان واقف هجڻ ايترو ضروري ناهي، (خاص ڪري مادري زبان جي صورت ۾ يا سڌي رابطي ذريعي سکڻ جي صورت ۾).

"Writing is not language, but merely a way of recording language by means of visible marks." (7)

(لکت ٻولي ڪانهي، پر محض ٻوليءَ کي ڪن نشانين ذريعي محفوظ ڪرڻ جو طريقو آهي.)

## ٻوليءَ جو ڪارج:

ٻولي اسان جي زندگيءَ ۾ تمام اهم ڪردار ادا ڪري ٿي، هن ذريعي هڪ انسان پنهنجي سوچ ويچار، جذبن احساسن، اميدن، امنگن، خوشيءَ ۽ ڏک جو اظهار ٻين سان ڪري ٿو ۽ ٻين جا ويچار ٻڌي، انهن سان انهن جي خوشين ۽ تڪليفن ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿئي ٿو.



اهوئي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج آهي.

ٻولي گھڻن مقصدن وارو ذريعو (Multipurpose Instrument) آهي. ان جو بنيادي مقصد اهو آهي تہ ان ذريعي اسان ٻين جو رويو سمجھون ٿا، تنهنڪري ماڻهن جي وچ ۾ هم آهنگي پيدا ٿئي ٿي. ٻولي انفرادي نہ پر اجتماعي معاملو آهي، تنهنڪري ٻولي انساني آوازن جو اهو وڏي ۾ وڏو معنيٰ رکندڙ نظام آهي، جنهن ذريعي ماڻهن جي وچ ۾ لاڳاپو پيدا ٿئي ٿو. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ٻوليءَ جا ٻہ طرف مقرر ڪندي، ان جي اهميت جي باري ۾ لکي ٿو تہ:

"ٻوليءَ جا ٻہ طرف يا پهلو آهن، هڪڙو طرف آهي اچار ڪيل آواز ۽ ٻيو طرف آهي انهن آوازن ذريعي حاصل ٿيندڙ مطلب. اچار ڪيل آواز مطلب يا معنيٰ کي ظاهر ڪرڻ جو هڪ ماڌيم يا ذريعو (Medium) آهن. انهيءَ مان ظاهر آهي تہ سماج ۾ اسين ٻوليءَ جو استعمال ڪنهن خاص مقصد سان ڪريون ٿا. اهو مقصد آهي پنهنجي امنگن ۽ ويچارن کي ٻين تائين پهچائڻ." (8)

ڪنهن بہ زبان جي ڪارج ۾ هيٺيون ڳالهيون اچي وڃن ٿيون:

1. پنهنجي خيال کي ٻين تائين پهچائڻ
2. جذباتي اظهار
3. سماجي ڪاروهنوار
4. تهذيب ۽ ثقافت جي ترقي
5. مواد کي ريڪارڊ ڪرڻ

ٻين لفظن ۾:

"In a broad way language is the expression of

human thought and all thought is expressed through language, hence all knowledge, of the universe may fall within the scope of Linguistics and the scope may be complexness." (9)

(وسيع معنيٰ ۾ ٻولي انساني خيالن جو اظهار آهي ۽ سيني خيالن جو اظهار ٻوليءَ ذريعي ڪيو ويندو آهي. تنهنڪري ڪائنات جي باري ۾ سموري ڄاڻ لسانيات جي دائري ۾ اچي وڃي ٿي. ان لاءِ ٻوليءَ جو ڪارج پيچيده آهي.)

ٻوليءَ ذريعي ڪنهن به مواد کي لکي سگهجي ٿو ۽ لکيل مواد کي محفوظ ڪري سگهجي ٿو. ان ڪري ٻوليءَ جو واسطو تاريخ سان به آهي. ٻوليءَ ذريعي اها خبر پوندي آهي ته ڪهڙي دؤر ۾ ان جي ڳالهائيندڙن جو واسطو ڪهڙي علائقي، تهذيب ۽ ٻوليءَ جي ماڻهن سان هو. ٻولي ۽ قوم جو وجود لازم ۽ ملزوم آهي.

"جڏهن ڪا قوم پنهنجي شخصيت کان باخبر ٿيندي آهي، تڏهن ان جو پهريون ڌيان پنهنجي تاريخ ۽ پنهنجي ٻوليءَ ڏانهن ويندو آهي." (10)

## ٻوليءَ جو علم:

ٻوليءَ جي علم کي لسانيات يا علم اللسان (Linguistics) چئبو آهي، جيڪو جديد علمن مان هڪ آهي. ان کي سائنس جي حيثيت ڏني آهي.

"Linguistics is that science which studies the origin, organization, nature and development of language descriptively, historically, comparatively and explicitly and formulates the general rules



related to language." (11)

(لسانيات اها سائنس آهي، جيڪا ٻوليءَ جي ابتدا، جوڙجڪ، مزاج ۽ ترقيءَ جو بياني، تاريخي ۽ تقابلي حوالي سان واضح مطالعو ڪري ٿي ۽ ٻوليءَ متعلق عام قاعدا ۽ قانون جوڙي ٿي.)

ان ڏس ۾ چئي سگهجي ٿو ته:

"لسانيات انسان ذات جي سيني ٻولين جي اپياس ۽ ڇنڊ ڇاڻ جو علم آهي. هي اهو علم آهي، جو ٻولين جي آوازن، آوازي سٽائن، آوازي ميلن ۽ ميڙن، صوتين، صرفين، صوتي، صرفي، نحوي ۽ معنوي اصولن ۽ علمن بابت مواد مهيا ڪري ٿو. مطلب ته ڪنهن به هڪ ٻوليءَ يا دنيا جي مختلف ٻولين جي صوتي، صرفي ۽ نحوي سرشتي ۽ نظام جي مطالعي کي علم اللسان يا لسانيات چئبو آهي"(12)

متئين وصف مان ظاهر ٿئي ٿو ته ٻوليءَ جي مطالعي جا چار پاسا آهن:

1. علم صوتيات Phonology
2. علم صرفيات Morphology
3. علم نحويات Syntax
4. علم معنيات Semantics

## علم صوتيات (Phonology) :

ڪنهن به ٻوليءَ جي آوازن جي علم کي علم صوتيات (Phonology) چيو وڃي ٿو. آوازن مان صوتيا (Phonemes) ٺهن ٿا. انهن صوتين جي علم کي صوتيات (Phonetics) چيو وڃي ٿو، جيڪا وسيع علم صوتيات يا علم آواز جي هڪ شاخ چئي سگهجي ٿي.

"صوت" عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي

"آواز". صوتيا ڳالهائڻ واري زبان (Spoken Language) جا بنيادي ايڪا آهن. صوتيو آواز جو اهو ايڪو (unit) آهي، جيڪو معنوي فرق پيدا ڪري ٿو. صوتيات ذريعي ڳالهائڻ جي آواز، توڙي ڳالهائڻ جي ٻين جزن جو مطالعو ڪري سگهجي ٿو.

> "Phonetics is the scientific study of the production, transmission and reception of speech sounds. It studies the medium of spoken language. (13)

(علم صوتيات ڳالهائڻ جي آوازن جي نهڻ، منتقلي ۽ حصول جو سائنسي مطالعو آهي. ان ذريعي اسان ڳالهائڻ واري زبان جو مطالعو ڪري سگهون ٿا. )

> "صوتيات اهو علم آهي، جنهن جو واسطو ڳالهائڻ جي عضون جي عمل سان آهي. هن علم جي مدد سان اهو ڏيکاري يا سيکاري سگهجي ٿو ته ڪنهن به نئين يا خاص آواز جي اچار ڪرڻ وقت ڳالهائڻ جي عضون جي بيهڪ (position) ڪهڙي ٿي سگهي ٿي." (14)

علم صوتيات ذريعي خبر پوي ٿي ته ڪنهن آواز جي اچارڻ لاءِ ڪهڙا عضوا عمل ۾ اچن ٿا ۽ حرڪت ڪن ٿا ۽ انهن جي عمل جو ڍنگ يا نمونو ڪهڙو آهي ۽ ڪهڙي آواز جو مخرج (Point of articulation) ڪهڙو آهي.

> "صوتيات جي وسيلي نه فقط مفرد آوازن ۽ انهن جي اچارن جي خبر پوي ٿي پر لفظن ۾ مختلف آوازن جي استعمال ۽ تقسيم جو به پتو پوي ٿو. يعني اها خبر پوي



> ٿي ته ڪهڙا ڪهڙا آواز لفظن ۾ ابتدائي صورت (Initial position) ۾ ڪم اچن ٿا، ڪهڙا وچينءَ صورت (Medial position) ۾ ۽ ڪهڙا آخري صورت (Final position) ۾ ڪم ايندا آهن. مثال طور اها خبر پوي ٿي ته (ڱ، نھ، ڻ، ٺھ، ڃ، ڙ، ڙھ، مھ ۽ لھ) لفظن جي ابتدا ۾ اچي نٿا سگهن. انهيءَ کان سواءِ اها خبر پوي ٿي ته ڪهڙا آواز گڏجي يعني مرڪب حالت ۾ اچاري سگهجن ٿا ۽ ڪهڙا نٿا اچاري سگهجن. ان کان سواءِ اهو به پتو پوي ٿو ته ڪهڙن آوازن جو مرڪب اچار ممڪن نه آهي. اهڙيءَ طرح صوتيات جي علم مان آوازن، آوازن جي مجموعن، آواز جي جاءِ (Sets of sounds position) ۽ لفظن ۾ آوازن جي استعمال ۽ لفظن جي ساخت ۽ سٽا جي خبر پوي ٿي." (15)

هر ٻوليءَ جو صوتياتي سرشتو منفرد هوندو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام جي به انفرادي حيثيت آهي، هرشخص پنهنجي مادري زبان جي آوازن سان ننڍپڻ کان هريل هوندو آهي. آوازن جي مطالعي جي تاريخ تمام گهڻي پراڻي آهي، جيتوڻيڪ ان کي هن علم جي حيثيت هاڻي ڏني وئي آهي. مشهور ماهر لسانيات ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته:

> "صوتيات جي تاريخ، سنڌو ماٿر جي تاريخ وانگر تمام پراڻي آهي، طب، رياضي، ڪيميا، جوتش، علم طبعي توڙي جادو ۽ منتر وانگر ٻي دنيا کي هي علم (صوتيات) به سنڌو ماٿر کان مليو." (16)

## علمِ صرفيات (Morphology):

لفظن جي علم کي صرفيات چئبو آهي. هي اهو علم آهي جنهن جي مدد سان ڪنهن بہ ٻوليءَ جي لفظن ۽ لفظن جي جزن جي جوڙجڪ، سٽا ۽ گردانن جي خبر پوندي آهي.

"لفظ اهو اچاريل ايڪوآهي، جو اڪيلي سر ٻوليءَ ۾ بامعنيٰ مستقل حيثيت رکي ٿو." (17)

سنڌي لغت (Lexicon) ۾ ٽن قسمن جا لفظ آهن. سادا مرڪب ۽ مرتب. سنڌيءَ ۾ اڳيان، وچان ۽ پويان جوڙ (Affixes) ملائي نوان لفظ ناهيا ويندا آهن.

> "The smallest meaningful elements into which word can be analysed are known morphemes; and the way morphemes operate in language provide the subject matter of Morphology." (18)

(ننڍي ۾ ننڍا معنيٰ دار جُزا جن ۾ لفظن جو ڇيد ڪري سگهجي، انهن کي صرفيا چيو ويندو آهي ۽ جنهن طريقي سان صرفيا ڪنهن بہ زبان ۾ ڪم ڪن ٿا اهو طريقو صرفيات جو مواد مهيا ڪري ٿو. لفظن جي علم جو بنيادي ايڪو صرفيو آهي.)

"ڪابہ اها خود مختيار صورت، جنهن کي ننڍي ۾ ننڍي معنيٰ دار جزي ۾ ٽوڙي نہ سگهجي. اهڙيءَ صورت کي وياڪرڻ ۾ صرفيو (Morpheme) چئبو آهي." (19)

صرفيات جي بنياد تي ئي ٻوليءَ جي وياڪرڻ (Grammar) جو سرشتو اڏيل آهي. صرفيي جي صورت ۾ تبديل نہ ٿي اچي، جيڪڏهن ان کي ٽوڙيو ويندو تہ ڪوبہ بامعنيٰ لفظ نہ نهندو.



"علم صرف (Morphology) اهو علم آهي، جنهن جي مدد سان ڪنهن بہ ٻوليءَ جي لفظن ۽ انهن جي جزن جي جوڙجڪ سٽا ۽ بيهڪ جي خبر پوي ٿي. هن علم جي مدد سان ٻوليءَ جي وياڪرڻي مواد ۾ جيڪي خودمختيار صورتون (Free forms) يا پروس صورتون (Bound forms) هونديون، انهن جي استعمال جي خبر پوندي آهي." (20)

## علمِ نحويات (Syntax):

هن علم جي باري ۾ ٻوليءَ جو مشهور ماهر ڊاڪٽر جيٽلي لکي ٿو: "اهو علم جنهن ۾ لفظن مان نهندڙ لفظي ميڙن، فقرن ۽ جملن جي رچنا جو اڀياس ڪجي ٿو. ان ڪري هن علم کي واڪيا وگيان يا علم نحو (Syntax) چئبو آهي. (21)

علم نحو جملن ۽ انهن جي جزن جي بناوت، سٽاءَ نموني ۽ عمل سان بحث ڪري ٿو. جيئن تہ جملا لفظن جو ميڙ آهن، ان ڪري جديد لسانيات ۾ "لفظ" کي علم نحو جو مرڪز بنايو ويو آهي. علم نحو لفظن جي صورتن ۽ جوڙجڪ سان بحث نٿو ڪري، پر لفظ ڪيئن ميڙ، (Phrases)، فقرا (Clauses) ۽ جملا (Sentences) ناهين ٿا ۽ جملي اندر ڪهڙو ڪارج ڪن ٿا، اهو علم نحو جي دائري ۾ اچي وڃي ٿو. نحوي بناوتن جون چار مکيہ خاصيتون آهن. جزن جي چونڊ، ترتيب، ترميم ۽ سٽاءَ جن مان جزن جو هڪٻئي سان لاڳاپو معلوم ڪري سگهبو آهي. نحوي جوڙجڪ ۾ لاڳاپيل جزا ئي هڪٻئي سان ملندا آهن. جيئن صفت اسمن سان گڏ اڳ ۾ ايندي آهي ظرف فعل سان!

"نحوي جوڙجڪ ۾ نہ رڳو سڀ جزا هڪٻئي سان نہ ٺا ملن، مگر انهن جون خاص جايون بہ مقرر هونديون آهن، جتي هو وارد ٿي سگهن ٿا. سنڌي، اردو، هندي ۽ فارسي وغيره زبانن ۾ فاعل اڳ ۾ ۽ فعل پوءِ ايندو آهي. فاعل جون صفتون ان کان اڳ اينديون آهن. مفعول فعل کان اڳ ايندا آهن. عربي زبان ۾ گهڻو ڪري اڳ ۾ فعل پوءِ فاعل ۽ پوءِ مفعول ايندا آهن. انگريزي زبان ۾ اڳ فاعل پوءِ فعل ۽ پوءِ مفعول ايندا آهن. حرف جر ۽ حرف اضافت وارا لفظ سنڌيءَ ۾ اسمن ۽ ضميرن کان پوءِ ايندا آهن. مگر فارسي، عربي ۽ انگريزي زبانن ۾ پهرين ايندا آهن. ائين لفظن جي ترتيب مختلف ٻولين جي جوڙجڪ ۾ ٻي ٻي آهي." (22)

## علمِ معنيات (Semantics):

معنيٰ ٻوليءَ جو روح آهي. ان کي لسانيات جي شاخ طور تہ ويهين صديءَ ۾ استعمال ڪرڻ شروع ڪيو ويو آهي، پر هي موضوع تمام پراڻو آهي. جيڪو سقراط ۽ افلاطون کان شروع ٿئي ٿو. هر دؤر ۾ فلاسفرن ۽ مفڪرن جو خاص ڌيان معنوي پهلوءَ تي رهيو آهي.

"معنيٰ يا ارٿ (Content) ۾ ٻوليءَ جي اظهار واري طرف کي ڇڏي، باقي ڪائنات جون سڀ شيون، خيال، ڀاونائون ۽ صدين کان وٺي انسانذات جا ڪٺا ڪيل آزمودا شامل آهن." (23)

ٻولي وڏي معنيٰ رکندڙ نظام آهي، هر نظام وانگر ان جا بہ بہ پهلو آهن، ظاهري ۽ باطني. ظاهري پهلو آوازن سان تعلق رکي ٿو ۽ باطني معنائن سان وابستہ آهي. آوازن جي مدد سان ٺاهيل لفظ چڻ



تہ علامتون (Symbol) آهن. ڪنهن خيال، جذبي وغيره جون، جيڪي هڪ ڳالهائيندڙ جي ذهن کان ٻئي ذهن تائين پهچي ڪواڳ ۾ رٿيل مفهوم ادا ڪن ٿيون ڇو تہ هر لفظ سان هڪ تصور ۽ هڪ مفهوم لاڳاپيل هوندو آهي. لفظن جي معنائن جو دائرو تمام گهڻو وسيع ۽ پيچيدو آهي.

"هر ٻوليءَ ۾ اهڙا سوين لفظ آهن، جن جون معنائون ۽ مطلب هڪ کان مٿي آهن، جي جملن ۾ لفظن جي استعمال ۽ ماحول مان ئي معلوم ٿي سگهن ٿيون."(24)

لفظن جي معنيٰ ۾ موقعي ۽ ماحول (Context of Situation) جو وڏو عمل دخل هوندو آهي. هر لفظ جي هڪ مرڪزي يا حقيقي معنيٰ هوندي آهي ۽ ٻيون ڪناري واريون يا پاسائيتيون (Marginal) ۽ مددي (Subsidiary) معنائون هونديون آهن. تنهن کان سواءِ لفظن جي سماجي يا ثقافتي معنيٰ بہ هوندي آهي. جيڪا سماج جي پيدا ڪيل هوندي آهي. انگريزي ۾ چيو ويندو آهي تہ:

"The Speech without meaning is like the tree without fruits and flowers."

(معنيٰ کان سواءِ ڳالهہ ٻولهہ ائين آهي، جيئن وڻ گل ۽ ميوي کان سواءِ.)

## حوالا:


1. ٻگهيو قاسم، ڊاڪٽر، سنڌي ٻولي (لسانيات کان سماجي لسانيات تائين) سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي 1998ع، ص 27
2. الانا غلام علي، ڊاڪٽر، زبان اور ثقافت، علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد، 1987ع، ص
3. جويو محمد ابراهيم، شاهہ لطيف هڪ مفڪر، سهيڙيندڙ آفتاب ابڙو، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 1993 ص 91
4. الانا غلام علي، ڊاڪٽر، زبان اور ثقافت، علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد، 1987ع، ص 37
5. جتوئي علي نواز، علم اللسان ۽ سنڌي زبان انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، يونيورسٽي آف سنڌ، ڄامشورو 1996ع ص 8
6. ايضاً ص 16
7. Bloomfield, Language, London, George Allen and Unwin Ltd. 1961:7 P, 21
8. جيٽلي مرليڌر، ڊاڪٽر، ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ، اکل ڀارتيہ سنڌي ساهتيہ وِدوَت پَرشد، D-127 وويڪ وهار دهلي، 1999، ص10
9. Shakeel Amina, An Approach to the Study of Linguistics and Phonetics with glossary, Golden Publication Hyd: 2002,P,13
10. سراج ، سنڌي ٻولي، عظيم پبليڪيشن حيدرآباد، سنڌ 1964ع ص 17
11. Shakeel Amina An approach to the Study of Linguistics and Phonetics with glossary. Golden Publication Hyd: 2002, P,13
12. الانا غلام علي، ڊاڪٽر، سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيوسٽي، ڄامشورو، 1987ع. ص3
13. Shakeel Amina, An Approach to the Study of Linguistics and Phonetics with glossary, GoldenPublication, Hyd: 2002,P,13
14. الانا غلام علي، ڊاڪٽر، سنڌي صوتيات، ادبيات پبليڪيشن جيڪب روڊ حيدرآباد سنڌ، 1967ع، ص2





15. ايضاً ، ص4
16. ايضاً ، مقدمو
17. جتوئي علي نواز، علم اللسان ۽ سنڌي زبان انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، يونيورسٽي آف سنڌ ، ڄام شورو 1996ع، ص97
18. Crystal David: The Cambridge Encyclopaedia of Language, Cambridge University Press, 1987,88 P,90
19. الانا غلام علي، ڊاڪٽر، سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو 1987ع ص 20
20. ايضاً ، ص 15
21. جيٽلي مرليڌر، ڊاڪٽر، ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ، اکل ڀارتيہ سنڌي ساهتيہ وِدوَت پَرشد، 127 وويڪ وهار، دهلي 1999ع، ص 18
22. جتوئي علي نواز، علم اللسان ۽ سنڌي زبان، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، 1996ع، ص 115
23. جيٽلي مرليڌر، ڊاڪٽر، ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ، اکل ڀارتيہ سنڌي ساهتيہ وِدوَت پَرشد، 127 وويڪ وهار، دهلي 1999ع، ص 10
24. جتوئي علي نواز، علم اللسان ۽ سنڌي زبان، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، 1996ع، ص 132.

## باب ٻيو

# گرامر يا وياڪرڻ

جنهن علم کي سنڌيءَ ۽ سنسڪرت ۾ ”وياڪرڻ“ چيو وڃي ٿو، ان کي عربيءَ فارسيءَ ۾ ”صرف و نحو“ ۽ انگريزيءَ ۾ گرامر (Grammar) چئبو آهي. ’گرامر‘ يوناني لفظ Grammatik مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”The Art of Writing“ ”لکڻ جو فن“. محترم مرزا قليچ بيگ ”علم صرف“ ۽ ”علم نحو“ جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو ته:

> ” ’صرف‘ لفظ جي عربي لغت ۾ معنيٰ آهي: ڦيرائڻ، ڦيرو يا گردان. انهيءَ موجب لفظ جدا جدا صورتن ۾ ڦرن ٿا، جيئن اسم جنس، عدد ۽ حالتن موجب ڦرن ٿا ۽ سيني قسم جي لفظن جون جدا جدا صورتون ۽ صيغا ”صرف“ ۾ داخل آهن“. ’نحو‘ لفظ جي اصلي معنيٰ آهي پاسو ۽ اصطلاحي معنيٰ اٿس: صرفيا هڪٻئي جي پاسي ۾ ٻيهاري لفظ جوڙڻ، لفظ هڪٻئي جي پاسي ۾ ٻيهاري جملا جوڙڻ ۽ جملا هڪٻئي جي پاسي ۾ ٻيهاري بيان يا تقرير يا دليل جوڙڻ.“ [1]

نحويات کي انگريزيءَ ۾ (Syntax) چئبو آهي، جيڪو يوناني ٻوليءَ مان ورتل آهي، معنيٰ اٿس ”Ordering together“ يا “Systematic or arrangement.”



> “Briefly speaking syntax is the grammar of sentence, it is the science of sentence construction.[2]

علم ”صرف“ لفظن جي گردانن سان واسطو رکي ٿو ۽ ”نحو“ فقرن ۽ جملن ۾ لفظن جي بيهڪ ۽ وياڪرڻي استعمال بيان ڪري ٿو. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته وياڪرڻ يا گرامر ۾ لفظ کي بنيادي حيثيت آهي.

’لفظ‘ ڇا آهي؟ لسانيات جي ماهرن لفظ جون ڪيتريون ئي وصفون مقرر ڪيون آهن، پر اڃا تائين ڪنهن هڪ ۽ مطمئن ڪندڙ وصف تي اتفاق ڪري نه سگهيا آهن. ڊاڪٽر غلام علي الانا ’لفظ‘ جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو ته:

> ”لفظ (مفرد) اها ننڍي ۾ ننڍي خودمختيار يا آزاد صورت (Free form) آهي، جنهن کي اڳتي ٻين ننڍين بامعنيٰ ڌار صورتن (خود مختيار يا پروس) ۾ هرگز ڀڃي نه سگهجي، ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو ته ننڍي ۾ ننڍي بامعنيٰ خود مختيار صورت کي لفظ (مفرد) چئبو آهي.“ [3]

Pelican Original Grammar ۾ لکيل آهي ته:

> “What a Word is? There have been three main approaches to this problem. The first is to see the word as a semantic unit, a unit of meaning; the second sees it as a phonetic or phonological unit, one that is marked, if not by space or pauses, at least by some features of the sounds of the languages; the third attempts to establish the word by a variety of linguistic procedures, the word is in some ways an isolable and indivisible unit.” [4]

(لفظ ڇا آهي؟ ان مسئلي کي ٽن رخن سان ڏٺو ويو آهي. پهرئين مطابق لفظ معنوي ايڪو آهي، يعني معنيٰ جو هڪ يونٽ ۽ ٻئي مطابق لفظ صوتياتي ايڪو آهي، يعني ته اهو جيڪو وضع ٿيل هجي، جيڪڏهن جڳهه ۽ وقفن سان نه تڏهن به ٻوليءَ جي آواز جي ڪن خاصيتن سان ۽ ٽئين رخ مطابق لفظ جي حيثيت کي لسانياتي طريقي ڪار مطابق متعين ڪيو ويو آهي ته لفظ الڳ تلڳ ۽ اڻ ورهائجندڙ ايڪو آهي.)

بائيبل ۾ چيل آهي ته:

> "In the beginning was the word, and the word was with God, and the word was God."

(ابتدا ۾ لفظ هو ۽ لفظ خدا وٽ هو ۽ لفظ خدا هو.)

’لفظ‘ کي ٻوليءَ ۾ تمام گهڻي اهميت آهي، بلڪِ ’لفظ‘ ٻوليءَ جو بنيادي ايڪو آهي. ٻوليءَ واري جوڙجڪ جي جزن صوتيات، صرفيات، نحويات ۽ معنيات ۾ لفظن جو مختلف طريقن سان اڀياس ڪيو وڃي ٿو. صوتيات ۾ لفظن جي ظاهري پهلوءَ يعني آوازن جو مطالعو ڪيو ويندو آهي. صرفيات ۽ نحويات ۾ انهن جي جوڙجڪ، ترتيب، تنظيم ۽ جملي ۾ سٿاءَ جو مطالعو ڪيو ويندو آهي ۽ معنيات ۾ لفظن جي اندروني علامتي حصي يعني معنيٰ کي جاچيو ويندو آهي.

> "For a linguist the `word` is a very important and fundamental unit. Not only it is the chief subject matter of lexicology, but it is dependent on phonology for the analysis of its sound-structure; and on syntax for the delimitation of its status in more complex configuration." (5)

(ڪنهن ماهرِ لسانيات لاءِ ’لفظ‘ تمام اهم ۽ بنيادي ايڪو آهي. اهو نه



صرف لغت جو اهم مواد مهيا ڪري ٿو، پر ان جي آوازن جي بناوت جي تجزيي لاءِ اهو صوتيات تي مدار رکي ٿو ۽ وري ان جي پيچيده شڪل ۽ حيثيت کي غيرمحدود ڪرڻ لاءِ نحويات تي مدار رکي ٿو.)

’لفظ‘ صرف نحو جو مکيه مواد (Subject-matter) آهن ۽ صرف نحو ملي ڪري ڪنهن به ٻوليءَ جو وياڪرڻ يا گرامر ناهين ٿا.

## گرامر ڇا آهي؟

> "Grammar is the study of the classes of words, their inflections and their functions and relations in the sentence." (Franklin Electronic Dictionary)

(گرامر جملي ۾ لفظن جي قسمن، انهن جي گردان يا تبديليءَ جي قاعدن ۽ جملي ۾ هڪٻئي سان لاڳاپي ۽ ڪارج جي مطالعي کي چئبو آهي.)

> "Grammar is the study of what is to be preferred and what avoided in inflection and syntax". (Franklin Electronic Dictionary).

(گرامر ان ڳالهه جو اڀياس آهي ته گردانن ۽ نحوي ڏس ۾ ڪهڙي ڳالهه اهم آهي ۽ ڪهڙيءَ کي نظر انداز ڪرڻ گهرجي.)

آڪسفورڊ ڊڪشنري ۾ لکيل آهي ته:

> "The Study of words and of the rules for their formation and their relationships to each other in sentence."

(لفظن ۽ انهن جي جوڙجڪ جي قاعدن ۽ جملي ۾ هڪٻئي سان لاڳاپي جي علم کي گرامر چئبو آهي.)

ڊاڪٽر جيٽلي گرامر لاءِ لکي ٿو ته:

”روپ- وگيان (علم صرف) ۽ واڪيه- وگيان (علم نحو)

اهي ٻئي گڏجي ڪنهن ٻوليءَ جي وياڪرڻي سرشتي (Grammatical structure) جي بناوت ڏيکارين ٿا. ٻين لفظن ۾ چئجي ته ڪنهن ٻوليءَ جي وياڪرڻ ۾ انهيءَ ٻوليءَ ۾ رُوپ ٽڪرن ٽنڻ مان ٺهيل لفظن جي رَچنا؛ لفظن مان فقرن جي رَچنا ۽ فقرن مان جملن جي رَچنا جي تصوير پيش ڪجي ٿي.“ (6)

گرامر کي ٻوليءَ جي جوڙجڪ جو ڍانچو (Skeleton) يا ٻوليءَ جو فريم ورڪ (Frame work) چيو ويندو آهي. ان کي ٻوليءَ جو اندروني يا جوڙجڪ جو علم به چئي سگهجي ٿو. هرهڪ لفظ سان ان جي وياڪرڻي (Grammatical) وصف ڏجي ٿي ته اهو اسم يا ضمير آهي، مذڪر يا مؤنث آهي، واحد يا جمع آهي، تڏهن ان لفظ متعلق اها ڄاڻ ملندي آهي ته اهو لفظ وياڪرڻي سرشتي ۾ ڪهڙي ريت ڪم ڪري ٿو.

> “So broadly speaking, in present usage in Linguistics, grammar is a description of the structure of a language. And it was not the grammarian but the philosopher who created grammar, for the philosopher studies the nature of things and recognizes their essential qualities.”(7)

(وسيع معنيٰ ۾ موجوده استعمال مطابق لسانيات ۾ گرامر، ٻوليءَ جي بناوت جو بيان آهي ۽ اهي گرامر نويس نه بلڪِ فلاسفر هئا، جن گرامر جي تخليق ڪئي. ڇو ته فلاسفر شين جي نوعيت جو مطالعو ڪندا آهن ۽ انهن جون بنيادي ۽ ضروري خاصيتون بيان ڪندا آهن.)

گرامر جي مدد سان ٻوليءَ جي تخليقي سگهه کي وڌائي



سگهجي ٿو. ڪنهن به ٻوليءَ جو گرامر ان ٻوليءَ متعلق پوري ڄاڻ مهيا ڪري ٿو. ٻوليءَ جو مزاج، ان ۾ لفظن جو ذخيرو، جملي جي بناوت. جيئن سنڌي ۾ جملي جي شروع ۾ فاعل پوءِ مفعول ۽ آخر ۾ فعل ايندو آهي اهو سڀ گرامر جي مطالعي ۾ اچي وڃي ٿو.

> “Grammar is a device that specifies the infinite set of well- formed sentences and assigns to each of them one or more structural descriptions. That is to say it tells us just what all the possible sentences of a language are and provides descriptions of them”. (8)

(گرامر هڪ اهڙو ذريعو آهي، جيڪو لامحدود ترتيب ڏنل جملن جي مجموعي جي وضاحت ڪري ٿو ۽ هر هڪ جملي کي هڪ يا وڌيڪ بناوتي سمجهاڻي ڏئي ٿو. يعني ته اهو اسان کي ٻڌائي ٿو ته ڪنهن به ٻوليءَ ۾ ڪيترا جملا ممڪن آهن ۽ ائين هرهڪ جي تشريح ڏئي ٿو.)

## ٻوليءَ ۾ گرامر جي اهميت:

عام طرح سان گرامر کي خشڪ ۽ بور ڪندڙ مضمون چيو ويندو آهي، ڇاڪاڻ ته ان کي قاعدن ۽ قانونن جي هڪ ڪتاب تائين محدود سمجهيو ويندو آهي ۽ ٻوليءَ ۾ ان جي استعمال واري پهلوءَ کي نظرانداز ڪيو ويندو آهي. ڪنهن به نظام کي سمجهڻ لاءِ ان جي جوڙجڪ کي سمجهڻ تمام ضروري هوندو آهي. ساڳيءَ طرح ٻوليءَ کي سمجهڻ لاءِ ان جي جوڙجڪ جي اصولن يعني گرامر کي سمجهڻ ضروري آهي. ڇاڪاڻ ته،

> “It is the grammar that makes the language so essentially a human characteristic. For, though, other creatures can make meaningful sounds, the

link between sound and meaning is, for them, a more primitive kind than it is for man, and the link for man is grammar. Man is not merely homoloquens, he is homo grammaticus." (9)

(اهو گرامر ئي آهي، جيڪو ڪنهن به ٻوليءَ کي اهم انساني خصلت بنائي ٿو. ٻيا جاندار بامعنيٰ آواز پيدا ڪري سگهن ٿا، پر انهن جي لاءِ آواز ۽ معنيٰ جي وچ ۾ لاڳاپو انسان جي ڀيٽ ۾ ابتدائي (primitive) هوندو آهي. ماڻهوءَ وٽ اهو تعلق گرامر وارو آهي. ماڻهو صرف ڳالهائيندڙ نه پر گرامر موجب ڳالهائيندڙ ساهوارو آهي.)

"ڪنهن به ٻوليءَ کي سکڻ لاءِ ان جي وياڪرڻي سرشتي جي پوري پوري ڄاڻ حاصل ڪرڻ نهايت ضروري آهي، جيڪڏهن ڪنهن کي لفظن جي معنيٰ اچي ٿي، پر انهن کي صحيح طريقي سان استعمال ڪرڻ جي ڪيس سُڌ نه آهي ته پوءِ هو ٻوليءَ ذريعي پنهنجي ويچارن جو پوريءَ طرح اظهار ڪري نه سگهندو." (10)

گرامر جي تجربي سان ٻوليءَ جي تخليقي سگهه کي سمجهائي سگهجي ٿو. گرامر جي اصولن جي مدد سان محدود لفظن مان لامحدود جملا ۽ اظهار جا مختلف طريقا حاصل ڪري سگهجن ٿا. اسان نه صرف ادب ۾ پر روزمره جي لساني بقا لاءِ به گرامر کي استعمال ڪريون ٿا ۽ انهيءَ طريقي سان پنهنجي اظهار کي سگهارو بنائي سگهون ٿا. ڳالهائڻ ۽ ٻڌڻ لکڻ ۽ پڙهڻ جا پيچيده مسئلا گرامر ذريعي حل ڪري سگهجن ٿا.

"Many kinds of specialized problems can be



illuminated through the study of grammar such as the difficulties facing the language handicapped, the foreign language learner or the translator. Grammar need not be dry, unreal, arcane, it can be alive, relevant, entertaining as with so many subjects. It depends only on how it is put across." (11)

(ڪيترن ئي قسمن جا خاص مسئلا گرامر جي علم جي ذريعي چٽا ٿي سگهن ٿا. جيڪي ڪنهن ٻي ٻولي ڳالهائڻ وارن ماڻهن کي پيش ايندا هجن، جيئن پرڏيهي ٻولي سکندڙ يا ترجمو ڪندڙ کي پيش ايندا هجن. گرامر خشڪ غير حقيقي ۽ منجهائيندڙ نه هئڻ گهرجي. اهو ڪيترن ئي ٻين مضمونن وانگر زنده، ضرورت موجب ۽ دلچسپ ٿي سگهي ٿو، اهو ان تي مدار رکي ٿو ته ان کي ڪهڙي طريقي سان ڪتب آندو وڃي ٿو.)

ڪنهن به ٻوليءَ متعلق جيڪي شڪ شبها هجن، انهن کي گرامر جي تجزيي سان ختم ڪري سگهجي ٿو. گرامر جا اصول عام آهن، جيڪي ڪنهن به ٻوليءَ جي مطالعي سان لاڳو ٿي سگهن ٿا ۽ ٻولين جي وچ ۾ هڪجهڙاين ۽ فرقن متعلق ڄاڻ حاصل ڪري سگهجي ٿي، ڇو ته دنيا جون سڀ ٻوليون ڪيترين ڳالهين ۾ مختلف هوندي به ڪن خاصيتن ۾ هڪجهڙيون آهن. ان ڪري گرامر کي وسيع مقصد لاءِ استعمال ڪري سگهون ٿا.

"Grammar is neither a set of prescriptive rules, nor an inventory of data, but a general scientific theory of language. It is the native speakers' ability to use, produce and understand a natural language, the ability to distinguish between

grammatical and ungrammatical such a grammar is generative, explicit, predicting, simple, scientific, mechanical economical and formal.” (12)

(گرامر نہ تہ نهيل قاعدن جو مجموعو آهي ۽ نہ ئي وري انگن اکرن جي فهرست آهي، پر ٻوليءَ متعلق هڪ عام سائنسي مفروضو آهي. اها اهل زبان جي قابليت آهي تہ اهو گرامر مطابق ۽ بنا گرامر جي ڪيئن فطري زبان کي سمجهي ٿو، استعمال ڪري ٿو ۽ تميز ڪري ٿو. اهو گرامر تخليقي، واضح، نشاندهي ڪندڙ، آسان، سائنسي، قابل عمل ۽ رواجي هوندو آهي.)

## گرامر نويسيءَ جي ارتقا:

يونان کي قديم زماني کان مختلف علمن جي ڪري امتيازي حيثيت حاصل آهي. ڪيترن ئي علمن جي تاريخ جو سلسلو اتان کان شروع ٿئي ٿو. قبل مسيح جڏهن اتي ڊرامو ۽ فلسفو عروج تي هو، تڏهن ڪيترائي ٻوليءَ جا ماهر بہ پيدا ٿيا، جن جي ڪيل ڪم کي گهڻو عرصو حرف آخر سمجهيو ويندو هو. انهن پنهنجي ٻوليءَ جو چڱيءَ طرح مطالعو ڪيو. پر جيئن هو شاعريءَ کي الهام سمجهندا هئا، تيئن ٻوليءَ کي بہ خدائي تحفو (God given gift) سمجهندا هئا، ان ڪري ان ۾ ڪنهن بہ شڪ شبهي يا تبديليءَ جي گنجائش کي نہ ٿي مڃيائون. پر جيئن تہ وقت گذرڻ سان ٻوليءَ يا ان جي گرامر ۾ تبديلي اچي ٿي، ان ڪري انهن جا ڪڍيل نتيجا غيراهم ۽ غلط ثابت ٿيا. هو لاطينيءَ کي حقيقي منطقي (Logical) ٻولي سمجهندا هئا ۽ انهيءَ بنياد تي هنن گرامر جا عام قاعدا ۽ اصول ٺاهيا، جيڪي صرف لاطيني ٻوليءَ



تائين محدود هئا.

“Grammar has its roots in the Greek grammar of Dionysius Thrax (c. 200 B.C.) and in the Latin grammars of Donatus (c. 400 A.D.) and Priscian (c. 600 A.D.). The methodology of these classical grammarians was adopted by the grammarians of eighteenth century England, most notably Joseph Priestly, Robert Lowth, George Campbell and Lindley Murray. The grammars of these men are all based on the assumption that the structure of various languages and specially of Latin, embodies universally valid canons of logic.” (13)

(گرامر جو بنياد ٻي صدي قبل مسيح ۾ يوناني وياڪرڻي ڊيونيس ٿرئڪس ۽ پريسيان (Priscian) نالي ٻن گرامر نويسن وڌو، جن لاطيني ٻوليءَ جا گرامر لکيا. هنن ڪلاسيڪل گرامر نويسن جو طريقو ارڙهين صديءَ جي گرامر نويسن بہ اختيار ڪيو. انگلينڊ ۾ خاص ڪري جوزف پرسٽلي، رابرٽ لوٿ، جارج ڪمپبيل ۽ لنڊلي موري وغيره هئا. هنن سڀني جا گرامر ان مفروضي تي مبني هئا تہ مختلف ٻولين جي بناوت، خاص طور تي لاطينيءَ جي بناوت منطق جي هر هنڌ مڃيل يا آفاقي اصولن موجب آهي.)

ارڙهين صديءَ ۾ انگلينڊ جي گرامر نويسن انگريزي گرامر کي بہ لاطيني ٻوليءَ جي اصولن مطابق پيش ڪيو. ان دؤر جي گرامر کي روايتي گرامر (Traditional Grammar) چيو ويندو آهي. روايتي گرامر نويسن ڳالهائڻ واري ٻوليءَ کان وڌيڪ لکيل ٻوليءَ کي اهميت ڏني. لکيل ٻوليءَ ۾ بہ خاص ڪري ادبي ٻوليءَ کي صحيح ۽

صاف (Pure) سمجهندا هئا. ان ئي دؤر ۾ برصغير جي وياڪرڻي پاڻينيءَ جو گرامر منظرِعام تي آيو.

”ارڙهين صديءَ جي آخر ڌاري يورپي عالمن کي پاڻينيءَ جي گرامر جي سُڌ پيئي. سنسڪرت جي گرامر جو هي ڪتاب ڪنهن مخصوص مفروضي بدران حقيقتن ۽ مشاهدي جي روشنيءَ ۾ مرتب ٿيل هو ۽ ان جي وسيلي يورپي عالمن جي سامهون ٻولين جي تقابلي مطالعي جا امڪان پڌرا ٿيا. پاڻينيءَ جي گرامر ٻوليءَ جي ڇيد جو اصول سيکاريو، جنهن موجب ٻولين جي ترڪيبي جزن جي پيٽڻ سان سندن هڪجهڙايون، جيڪي هوندئن لڪل ۽ ڍڪيل رهن ٿيون، سي پوري پروسي سان ليپي سگهيون ٿي.“ (14)

پاڻينيءَ (Panini) اهو گرامر 400 ق. م ۾ لکيو هو. ان زماني ۾ دنيا جي ٻي ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ اهڙي اعليٰ معيار جو گرامر نہ لکيو ويو هو. پاڻينيءَ جي گرامر ملڻ ڪري ٻولين جي تقابلي ۽ تاريخي مطالعي ڪرڻ جو رواج پيو، جنهن ذريعي اها ڳالهہ سامهون آئي تہ سيئي ٻوليون تبديل ٿين ٿيون. ان دؤر جي گرامر کي تقابلي (Comparative) ۽ تاريخي (Historical) گرامر چيو ويندو آهي. گرامر جي تاريخ ۾ پاڻينيءَ جي ڪم کي تمام گهڻي اهميت حاصل آهي. سنڌ جو مشهور ماهر لسانيات سراج لکي ٿو تہ:

”هندستان ۾ سنسڪرت جو اپياس هزارين ورهين کان رهيو هو ۽ ان جي گرامر ۽ وياڪرڻ تي اهڙا بلند پايي جا



ڪتاب لکيا ويا هئا جو يورپي عالم اڄ تائين انهن ليکڪن جا نالا ادب ۽ احترام سان وٺندا آهن. اڄ تائين 400 ق.م جي وياڪرڻي ڄاڻوءَ پاڻينيءَ کي دنيا جو وڏي ۾ وڏو وياڪرڻي ڄاڻو (Grammarian) مڃيو وڃي ٿو. دراصل ڪيس گرامر جي سائنس جو ابو تصور ڪيو وڃي ٿو.“ (15)

گرامر جو ٽيون دؤر ويهين صدي جي شروعات کان شروع ٿئي ٿو. ان دؤر جي گرامر کي تشريحي/ بياني (Descriptive) سٽادار (Structural) گرامر چيو وڃي ٿو. هيءَ هڪ نئين سوچ هئي، جيڪا يورپ ۽ آمريڪا کان شروع ٿي. Immediate Constitutent يعني جزن جي فوري تجزيي جو تصور هن دؤر جي گرامرنويس ڏنو. هنن ٻوليءَ جو، جيئن استعمال ۾ هئي، تيئن مطالعو ڪيو ۽ لکت کان وڌيڪ ڳالهائجندڙ ٻولي (spoken language) کي اهميت ڏني. هنن جو طريقہ ڪار سائنسي هو.

> “The most notable of the early descriptivists were Leonard Bloomfield and Edward Sapir. They noted it should be English not as people think but as it actually is that the study of language can and should be divided into two parts: syntax and semantics.” (16)

(شروعاتي تشريحي ماهرن (descriptivists) مان قابلِ ذڪر ليونارڊ بلومفيلڊ ۽ ايڊورڊ سيپر هئا. مختصراً انهن موجوده انگريزيءَ کي ائين بيان نہ ڪيو، جيئن ماڻهو چاهين ٿا تہ ”هئڻ گهرجي“ پر جيئن اها آهي. هنن واضح ڪيو تہ ٻوليءَ جو مطالعو ٻن حصن ۾ تقسيم ٿي سگهي ٿو

۽ هئڻ بہ گهرجي: نحويات ۽ معنيات.)

## سنڌي ٻوليءَ ۾ گرامر ٺهڻ جو پس منظر:

سنڌي تمام قديم ۽ تاريخي زبان آهي. موهن جي دڙي مان لڌل مهرن جي لکت مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ اها باقاعده لکي ۽ پڙهي ويندي هئي. لکڻ ۽ پڙهڻ لاءِ انهن ضرور کي قاعدا قانون بہ جوڙيا هوندا، ڇو تہ انسان مادري زبان تہ ننڍپڻ کان ئي ٻڌي ٿو، اهو ڳالهائڻ ٻڌي ڪري سکي سگهي ٿو، پر لکڻ ۽ پڙهڻ لاءِ ان جي اصولن کي سکڻ ضروري هوندو آهي.

سنڌ جون سياسي سماجي حالتون اڪثر اهڙيون رهيون، جو سنڌي ٻوليءَ کي ايتري تاريخي حيثيت نہ ڏني وئي، جيترو ان جو حق هو. تاريخ جي اڪثر دؤرن ۾ ٻي ڪنهن ڌاري ٻوليءَ جي برتري ان تي مڙهي وئي آهي. ان ڪري ٻوليءَ جي علم ۽ گرامر جي ارتقا اوڻيهين صديءَ کان شروع ٿيل معلوم ٿئي ٿي، جڏهن انگريز هن خطي تي قابض ٿيا. اهي پهريان حڪمران هئا، جن سنڌيءَ کي سرڪاري ۽ تعليمي (Academic) ٻوليءَ جو درجو ڏنو. انهن مقامي ٻولين کي هٿي ڏيڻ ۽ پنهنجي آفيسرن کي سنڌي سکڻ ۽ امتحان پاس ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا. جيتوڻيڪ سنڌي مختلف نمونن ۽ طريقن سان لکي ۽ پڙهي پئي وئي. شاعريءَ جا ڪتاب بہ لکيا پئي ويا، پر انهن ۾ ڪو هڪ ۽ يڪسان معيار مقرر ڪونہ هو ۽ هر ڪو پيو پنهنجي نموني لکندو هو. سنڌي ٻوليءَ جي آئيوتا ناهڻ ۾ ڏهہ سال لڳي ويا. 1853ع ۾ سنڌيءَ جي صورتخطي ناهي وئي. ڪتاب لکندڙن ۽ ترجمو ڪندڙن لاءِ انعامن اڪرامن جو اعلان ڪيو ويو. سرڪاري خزاني مان پئسا



مقرر ڪري ڊڪشنريون، گرامر ۽ ٻين صنفن تي ڪتاب ڇپرايا ويا.

شروعاتي دؤر ۾ سنڌي ڪتابن تي ڪم ڪندڙ ٻن يورپي عالمن ڪئپٽن جارج اسٽئڪ ۽ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جا نالا سرفهرست آهن، ڪئپٽن اسٽئڪ 1849ع ۾ گرامر لکيو، جيڪو ديوناگري رسم الخط ۾ لکيل آهي ۽ ڪانئس اڳ مسٽر واٿن (Wathen) جي گرامر جي آڌار تي لکيو هئائين. ڊاڪٽر ٽرمپ 1872ع ۾ A Grammar of the Sindhi Language) لکيو. جنهن ۾ هن سنڌي گرامر جو سنسڪرت ۽ پراڪرت گرامر سان تقابلي جائزو ورتو. هي پهريون مڪمل گرامر هو ۽ سنڌي گرامر جي تاريخ ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. ان کان پوءِ سر گريئرسن جو جڳ مشهور ڪتاب Linguistic Survey of India Vol: VIII ۽ هيسڪل (Haskell) جو A Grammar of the Sindhi Language بہ انهيءَ سلسلي جي ڪڙي آهن. ان دؤر جي ٻين گرامر نويسن ۾ منشي اڌارام ٿانورداس، پيرومل مهرچند آڏواڻي، ڪشنچند گلاب سنگهہ گدواڻي، ڏيارام وسڻ مل ميرچنداڻي ۽ مرزا قليچ بيگ جا نالا اچي وڃن ٿا.

جيئن تہ ان دؤر ۾ سنڌيءَ کي تعليمي ٻولي ڪيو ويو هو، ان لاءِ خاص ڪري اسڪول جي شاگردن ۽ انگريز آفيسرن لاءِ جن کي سنڌيءَ ۾ امتحان پاس ڪرڻو هو، ائنگلو ورنيڪيولر ۽ اسڪول گرامر لکيا ويا. اميد علي، ڪريم محمد ۽ علي قلي بيگ 1853ع ۾ ائنگلو ورنيڪيولر گرامر لکيو. ميان محمد حيدرآباديءَ 1860ع، آر.ايم رنگ ۽ بي بي. راسناڻي، نارومل وسنواڻي 1892ع ۾ گرامر تي ڪتاب لکيا، جن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ جي بنيادي ڄاڻ ڏني

وئي هئي.

پاڪستان جي ٺهڻ کان پوءِ اردو ڳالهائيندڙ سنڌ ڏانهن آيا، انهن کي سنڌي سيکارڻ لاءِ سنڌي گرامر جي بنيادي ڳالهين تي 'سنڌي معلم' ۽ 'سنڌي اردو بول چال' ڪتاب لکيا ويا. ڊاڪٽر غلام علي الانا، علي محمد بلوچ ۽ محمد صالح شاهه اهي گرامر لکيا هئا. ورهاڱي کان پوءِ گرامر تي قابل ذڪر ڪم واحد بخش شيخ جو آهي. جنهن ''صرف ونحو'' ٻن ڀاڱن ۾ لکيو آهي. آغا تاج محمد، مشهور مؤرخ ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ۽ محمد صديق ميمڻ ٻه اسڪول گرامر لکيا آهن. انهيءَ کان سواءِ ٻيا انيڪ مقالا ۽ مضمون مهراڻ، نئين زندگي ۽ ٻين رسالن ۾ گرامر جي مختلف پهلوئن ۽ مسئلن تي لکيا ويا آهن.

ڏٺو وڃي ته لسانيات جي جديد تقاضائن مطابق سنڌي گرامر تي ڪنهن به ناهي لکيو، اڃا تائين اسان جي گرامر جا ڪتاب ساڳئي پراڻي نموني تي لکيا وڃن ٿا. انگريزيءَ ۾ تغيري (Transformational)، عملي (Practical) ۽ تخليقي گرامر (Generative Grammar) کي متعارف ڪرايو ويو آهي ۽ ان قسم جا ڪيئي ڪتاب لکيا ويا آهن.



## حوالا:


1. بيگ مرزا قليچ، ''سنڌي وياڪرڻ''، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 1992ع، صفحو، 74.
2. Shakeel Amina: An approach to the Study of Linguistics and Phonetics (with glossary), Golden Publication Hyd: 2002, P,135.
3. الانا غلام علي، ڊاڪٽر، ''سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس''، انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي، 1987ع، ص،21.
4. Palmer Frank، A Pelican Original Grammar, P, 44.
5. Shakeel Amina: An approach to the Study of Linguistics and Phonetics with glossary، Golden publication Hyderabad, 2002, P, 209.
6. مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر، ''ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوت''، اکل ڀارتيه سنڌي ساهتيه وِدوَت پرشد 127، D وويڪ وهار دهلي، 1999ع صفحو 18.
7. Shakeel Amina: An approach to the study of Linguistics and Phonetics with glossary, Golden publication Hyderabad, 2002, P 193.
8. Palmer Frank, A Pelican Original Grammar P.9
9. ايضاً، ص 8
10. مرليڌر جيٽلي ڊاڪٽر، ''ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوت''، اکل ڀارتيه سنڌي ساهتيه وِدوَت پرشد D ،127, وويڪ وهار دهلي، 1999ع ص 18.
11. Crystal David, The Cambridge Encyclopedia of

Language, Cambridge University Press, 1987,88, P,89.

12. Shakeel Amina: An approach to the Study of Linguistics and Phonetics with glossary, Golden publication Hyderabad, 2002, P166.
13. Thomas Owen, Transformational Grammar and the Teacher of English, Holt Rinehart and Winston, 1969 2nd edition, P,9.
14. سراج، سنڌي ٻولي، عظيم پبليڪيشن حيدرآباد، 1964ع، ص 10.
15. ايضاً، ص 12.
16. Thomas Owen, Transformational Grammar and the Teacher of English, Holt Rinehart and Winston, 1969, p-13.



## باب ٽيون

# سنڌي ٻوليءَ ۾ گرامر نويسيءَ جي ارتقا

سنڌي ٻوليءَ جي مختلف رخن تي کوجنا جو ڪم 1843ع کان پوءِ شروع ٿيو، جڏهن انگريزن جي حڪومت قائم ٿي ۽ انهن سنڌيءَ کي سرڪاري (Official) ۽ تعليمي (Academic) ٻولي مقرر ڪيو.

1884 ۾ بمبئي صوبي جي گورنر سر جارج ڪلرڪ هڪ حڪم نامو جاري ڪيو، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري ٻولي مقرر ڪرڻ ۽ ڪئپٽن اسٽيڪ جي ڊڪشنري ۽ گرامر ڇپائڻ جي منظوري ڏني هئي.

> We should introduce the language of the country (namely Sindhee) as the medium of official intercourse. I do not see in what way our revenue and judicial officers (however their offices and courts may be continued) can work effectually through a foreign medium of communication, such as Persian or English. A period of 18 months should, therefore, be allowed to the officers in civil employ to qualify themselves for an examination in the Sindhi language. I believe their doing so will be facilitated by the publication of the dictionary and grammar which I proposed Lieutenant Stack should be allowed to have printed. [1]

ان کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي گرامر تي تحقيق جو ڪم شروع ٿيو.

"برصغير ۾ سنڌي ٻوليءَ جو مقام ۽ شمار انهن ٻولين ۾ آهي، جن تي علم اللسان يا لسانيات جي فن ۽ اصولن جي بنياد تي گهڻي کان گهڻي تحقيق ٿي آهي. هيءَ ٻولي انهن ٻولين مان هڪ آهي، جن جا آثار ۽ علامتون قبل مسيح جي دؤر مان ثابت آهن. هيءَ اها ٻولي آهي، جنهن جا ڪجهه آثار موهن جي دڙي ۾ محسوس ۽ معلوم ڪيا ويا آهن. بهرحال اها جستجو اڃا جاري آهي، جڏهن به ان سلسلي ۾ ڪوئي قطعي ثبوت ملي ويو ته انهيءَ وقت ان دعويٰ جي لاءِ پختو دليل مهيا ٿي ويندو ته اها ٻولي اسلام جي آمد کان گهڻو پهريان عوام جي روزمره جي زندگيءَ ۽ ڪاروبار جي ٻولي هئي، جنهن ۾ ڳالهائڻ کان سواءِ واپاري ۽ تاجر پنهنجو حساب ڪتاب به رکندا هئا ۽ دڪان ۾ موجود شين جا نالا به انهيءَ ٻوليءَ ۾ لکندا هئا ته جيئن ڪا شيءِ ڳولڻ ۾ دير نه لڳي." (2)

سنڌي گرامر لکندڙن اڳيان ڪو ڳاٽو مثال ڪونه هو، هنن وٽ سنسڪرت، پراڪرت ۽ اپڀرنش جا گرامر انگريزي، عربي ۽ فارسيءَ جون روايتون اڳ ئي موجود هيون، انهن اصول اتان ڪنيا.

هيٺ ابتدائي گرامرن جو احوال ڏيندي، سنڌي گرامر جي درجي بدرجي ارتقا (Evolution) ڏجي ٿي:

**(1) سنڌي ٻوليءَ جو گرامر: A grammar of Sindhi Language**

(ڪئپٽن جارج اسٽئڪ- 1849ع)

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ حيدرآباد جو ڊپٽي ڪليڪٽر هو. هن کي



سنسڪرت، هندي، اردو، سنڌي ۽ ڪن ٻين هندستاني ٻولين ۾ مهارت حاصل هئي. هن مارچ 1847ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جو گرامر (A grammar of Sindhi Language) لکيو ۽ انهيءَ سان گڏ انگريزي سنڌي لغت به مرتب ڪندو رهيو. اهي ٻئي ڪتاب هن بمبئي سرڪار جي حڪم سان آمريڪن مشن پريس بمبئيءَ مان سن 1849ع ۾ ڇپائي پڌرا ڪيا.

1843ع ۾ ميرن جي حڪومت جو خاتمو آيو ۽ انگريز حڪمران بڻيا. ٻاهرين حملا آورن ارغون- ترخانن جي دؤر کان وٺي مقامي حڪمرانن ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دؤر تائين سنڌ جي سرڪاري ٻولي فارسي هئي. علميت جو معيار فارسيءَ ۽ عربي ۾ ماهر هئڻ هو، ان ڪري مادري ٻولي يعني سنڌيءَ کي مقامي ماڻهو به گهٽ اهميت ڏيندا هئا. سنڌي صورتخطيءَ تي ڪلهوڙن جي دؤر ۾ مخدوم ابوالحسن قابل قدر ڪم ڪري چڪو هو ۽ جيڪو پهريون سنڌي ڪتاب ان صورتخطيءَ ۾ جوڙيائين، ان کي "مخدوم ابوالحسن کي سنڌي" چيو وڃي ٿو. ان کان پوءِ ڪجهه ٻين ماڻهن پاران ناهيل اهڙن ۽ ڪجهه ٻين "سنڌين" جا مثال به ملن ٿا، پر سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ تي ڪوبه ڪم نه ٿيو هو.

جارج اسٽئڪ "سنڌي گرامر" جي مهاڳ ۾ لکيو آهي ته:

"ڪيس سنڌ ۾ هڪ به سنڌي شخص نه مليو، جنهن کي پنهنجي مادريءَ زبان جي وياڪرڻ جي ڄاڻ هجي ۽ هو سنڌي ٻوليءَ جي لساني خوبين کان واقف هجي" (3)

انگريزن پاران ابوالحسن واري سنڌي آئيوٽا (Alphabet)

ڪي ترميمي شڪل ڏئي، 1853ع ۾ ان کي مقرر ڪيو ويو. ان کان اڳ سنڌ ۾ ڪيترائي خط رائج هئا. مسلمان عربيءَ جي اناويهن اکرن ۽ فارسيءَ جي ٻٽيهن اکرن جي بنياد تي عربي- سنڌي رسم الخط (Script) کان ڪم وٺندا هئا ۽ انهن ۾ ٿوري تبديلي آڻي، سنڌيءَ جي خاص اچارن کي لکندا هئا. ٻئي طرف هندو ديوناگري يا گرمکي لپيءَ کي ترجيح ڏيندا هئا. ان کان سواءِ هر علائقي ۾ ڌار ڌار نمونا پئي لکيو ويو. جيئن سکر ۾ ”ساکرو“ شڪاپور ۾ ”شڪارپوري“ خدا آباد ۾ ”خداوادي“ وغيره جو الڳ رسم الخط هو ته وري مختلف ذاتيون جيئن ڀاٽيا، ميمڻ، خواجا ۽ لوهاڻا وغيره الڳ الڳ رسم الخط ڪم آڻيندا هئا. جيئن ته ان وقت ڪابه مقرر لکاوٽ ڪانه هئي، ان ڪري ڪئپٽن اسٽئڪ اڳيان مکيه مسئلو رسم الخط جو پيدا ٿيو. هن ديوناگريءَ ۾ ڪتاب لکيا ۽ ان کي استعمال ڪرڻ جو سبب ٻڌائيندي لکي ٿو:

> ”هن ڪم جي شروع ڪرڻ وقت اول سوچڻو پيم ته ديسي لفظ ڪهڙي خط ۾ لکان، پنهنجي انتخاب لاءِ منهنجي نظر ۾ سنڌي خط، رومن خط، پارسي خط، گرمکي خط ۽ ديوناگري خط هئا. پارسي خط انهيءَ ڪري ترڪ ڪيم جو منهنجي اڳيان واٿن جو گرامر (Wathen’s Grammar) ۽ ٻيا سنڌي ڪتاب موجود هئا. فارسي خط مقرر ڪرڻ کان اڳ ڪيترن ئي نج سنڌي آوازن لاءِ نيون صورتون مقرر ڪرڻيون پون ها، جن جا آواز پارسي خط لاءِ انوکي حيثيت رکندڙ هئا. مون محسوس ڪيو ته اهو خط سنڌين لاءِ بلڪل ائين ٿيندو جيئن رومن خط، جنهن ۾ صورتن جا اضافا ڪجن ها يا تبديليون ڪجن ها ۽ جيڪي پارسيدانن کي جيڪي عجيب لڳن ها.“ (4)



ڪئپٽن اسٽئڪ جو گرامر ديوناگري لپيءَ ۾ لکيل هو جنهن کي اڄا تائين موجوده صورتخطيءَ ۾ ڇاپيو نه ويو آهي ۽ هاڻي اهو ڪتاب ملڻ مشڪل ئي نه بلڪِ ناممڪن بڻجي ويو آهي. ان ڪري اهو ڪتاب گرامر جي ارتقا ۾ بنيادي حيثيت رکڻ جي باوجود ڳڻپ ۾ ڪونه ايندو آهي. تازو انٽرنيٽ تي ان جي لغت ته رکي وئي آهي، پر گرامر نٿو ملي. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي اهو ڏٺو آهي ۽ ان بابت لکيو اٿس.

### (2) سنڌي ٻوليءَ جو گرامر: A grammar of Sindhi Language

(ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ، 1872ع)

ڊاڪٽر ٽرمپ جو گرامر پهريون دفعو 1872ع ۾ ڇپيو، پر لکيو ان کان گهڻو اڳ ويو هو، جنهن جو ذڪر ليکڪ مهاڳ ۾ ڪيو آهي:

> “The grammar, which is now offered to the learned public had been compiled already years ago, but as there were no means of printing, it was laid aside hopelessly”. (7)

هن ڪتاب ۾ پهريائين تعارف (Introduction) ڏنل آهي، جنهن ۾ سنڌيءَ جي سنسڪرت ۽ پراڪرت سان لاڳاپي ۽ سنڌي الف-ب (Alphabet) تي بحث ڪيو ويو آهي. گرامر واري حصي کي ويهن بابن (Chapters) ۾ ورهايو ويو آهي ۽ آخر ۾ به ضميما (Appendix)

ٻہ ڏنل آهن. ڊاڪٽر ٽرمپ ڳالهائڻ جي لفظن (Parts of Speech) کي اٺن قسمن ۾ ورهايو آهي:

**اسم:**

ڊاڪٽر ٽرمپ اسم (Noun) کي، اسم ذات (Abstract noun)، مرڪب اسم (Nouns compounded with a preceding particle) ۽ ڳنڍيل يا متصل اسم (Aggregation nouns) ۾ ورهائي ٿو. اهي اسم ذات، جن سان اڳياڙيون (Preceding of particles) هونديون آهن، انهن کي مرڪب اسم سڏي ٿو ۽ انهن ناڪار وارن جزن کي سنسڪرت جي خاصيت سڏي ٿو. مثلاً 'اچيت' ۾ (اَ) 'اڻ چيو' ۾ (اڻ) 'ناڪارو' ۾ (نا)، 'نراس' ۾ (ن)، 'مجڏو' ۾ (مَ) وغيره.

> "All these negative particles are of Sanskrit origin and used in the same way and in the same sense, as in the Sanskrit. The Negative "a" is only used with participles and gerundives, rarely with adjectives, "na" with adjectives and the shortened form "na" with gerundives and participle adjectives, "nir" (with assimilated r) only with adjectives (and abstracts derived from adjectives)." (PP80)

(انهن سيني ناڪاري اڳياڙين جو بنياد سنسڪرت آهي ۽ اهي اهڙيءَ طرح انهيءَ معنيٰ ۾ استعمال ٿينديون آهن، جهڙيءَ طرح سنسڪرت ۾ استعمال ٿين ٿيون. "اَ" صرف صفت سان استعمال ٿيندو آهي ۽ "اڻ" خاص، صفت طور استعمال ٿيندڙ ڪردنت (Participles) ۽ اسم طور استعمال ٿيندڙ ڪردنت (Gerundives) سان، ۽ تمام گهٽ صفت سان "نا" صفت سان ۽ مختصر صورت "ن" اسم طور استعمال ٿيندڙ



ڪردنت ۽ صفت طور استعمال ٿيندڙ ڪردنت سان لڳنديون آهن. "نر" ۽ "ن" (ادغام ٿيل ر) صرف صفتن (اسم ذات سان جيڪي صفت مان نڪتل هجن) سان استعمال ٿيندا آهن.)

ٻہ اسم يا ڪي ٻہ ٻہ لفظ، جيڪي گڏ اچن انهن کي ٻٽا لفظ چئبو آهي. ٻن لفظن جي ملڻ سبب اظهار جو طريقو يا نمونو (Mode of expression) مؤثر، مفهوم واضح ۽ نقطءِنظر زورائتو بنجي ٿو. انهن جا ٽي قسم آهن،

> "ٻٽن لفظن کي مجموعي طرح ٽن قسمن يا درجن ۾ هن ريت ورهائي سگهجي ٿو: هڪ هم معنيٰ يا ساڳي معنيٰ وارا (Synonyms) ٻيو متضاد لفظ يا وروڌي شبد (Antonyms) ۽ ٽيون زائد يا مهمل /Redundant Excessive"(5)

ٻن اسمن جي گڏ اچڻ متعلق ڊاڪٽر ٽرمپ لکي ٿو:

> "In Sindhi, as well as, in the other cognate dialects, two nouns are frequently joined together of which the latter is without a proper meaning and only added to render the sound more full, these compounds are called alliteration." (PP 84)

(سنڌي ۽ ٻين اهڙن محاورن ۾ (جيڪي ساڳئي بنياد مان نڪتل آهن) ٻہ اسم اڪثر ڪري گڏ ملايا ويندا آهن. انهن مان پويون ڪنهن خاص معنيٰ کان سواءِ هوندو آهي ۽ صرف آواز کي زوردار بنائڻ لاءِ ملايو ويندو آهي، انهن مرڪبن کي تجنيس چيو ويندو آهي.)

ڊاڪٽر ٽرمپ مثال طور جهڙوڦڙ، مَٽَسَٽَ، چڱو ڀلو، وٺ پڇ ۽ اڄ سڀاڻي وغيره ڏني ٿو. انهن سڀني لفظن ۾ پويون لفظ پنهنجي مخصوص معنيٰ رکي ٿو ۽ 'اڄ سڀاڻي' 'وٺ پڇ' لفظ اسم نه پر ظرف آهن. هن جن لفظن جي وصف لکي آهي، اهي ٻن لفظن جي ٽئين قسم زائد يا مهمل ۾ اچي وڃن ٿا. زائد لفظ جي پنهنجي ڪا معنيٰ نه هوندي آهي، اهو پهرئين کي پرجهلائيندڙ (supporting) هوندو آهي. مثال طور: پئسو پنجڙ، ماڻهو ڇيٽو وغيره.

برائن بئمبر ٻن لفظن جي ڪارج بابت لکي ٿو:

> "هر معنيٰ لفظن جي جوڙن کي ڪڏهن ڪڏهن (chiming pairs) پڻ سڏيو ويندو آهي. چاڪاڻ ته اهي ٻه لفظ جيڪي پاڻ ۾ ملي جوڙو بنجن ٿا، تن ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ اچار- آواز هڪجهڙو هوندو آهي. ان جو تاثير اهو آهي ته گڏ پڻ سڏيو ويندو آهي. ان جو تاثير اهو آهي ته گڏ ڪم ايندڙ لفظن ۾ سمايل معنيٰ مستحڪم بنجي وڃي ٿي، جن مان پويون لفظ، پهرئين لفظ کي پراءُ ڏيئي زوردار بنائي ٿو، انهيءَ ڪري چوٽو پوي ٿو ته ٻيو لفظ بيڪار يا واڌو آهي، جڏهن ته لفظن جي مهمل هجڻ وارو انداز (redundancy) زبان جي اهم خصوصيت آهي. ان مان لفظن جي معنيٰ کي بيان ڪرڻ ۽ چٽيءَ طرح سمجهائڻ ۾ مدد ملي ٿي ۽ زائد لفظن جو استعمال، لفظن ۾ سمايل فهم (comprehension) جي ٻيٽي چڪاس ڪري ٿو." (6)

**عدد:**



ڊاڪٽر ٽرمپ اسم جا ٻه عدد جزا، واحد (Singular) ۽ جمع (Plural) ڏيکاريا آهن، ڪجهه ٻولين ۾ عدد سان (Articles) لڳندا آهن، جن جو استعمال سنڌيءَ ۾ ڪونهي، جيئن انگريزيءَ ۾ واحد سان جزا "a" ۽ "an" ۽ جمع ۽ خاص اسمن "The" لڳايو ويندو آهي (جڏهن ڪن مخصوص شين ڏانهن اشارو ڪرڻو هوندو آهي، ياوري ڪائنات جي سچاين سان "the" لڳندو آهي، هرهڪ اسم سان "the" نه لڳندو آهي.)

> Sindhi possesses no definite or indefinite article, as little as the Sanskrit or the Prakrit, if the one or the other is to be expressed for distinctness, sake, a demonstrative or indefinite pronoun (or the numeral 'one') is placed before a noun. (PP102)

(سنڌيءَ ۾ معروف (Definite) يا غير معروف (Indefinite) جزا نه آهن، جيئن سنسڪرت يا پراڪرت ۾ ٿورا آهن. جيڪڏهن واحد يا جمع ظاهر ڪرڻو هوندو آهي ته واضح ڪرڻ لاءِ ضمير اشارو يا ضمير مبهم (يا وري عدد "هڪ") اسم جي اڳيان رکيو ويندو آهي.)

سنڌيءَ ۾ اسم جي آخري اکر جي سُر (Short vowel) مان واحد ۽ جمع جي خبر پوندي آهي، جيئن 'ڪتابُ' ۾ "ب" تي پيش اچي ٿو، اهو واحد آهي، جڏهن ان تي زَبر ايندي آهي يعني 'ڪتابَ' لکبو ته ان مان مراد گهڻا ڪتاب يعني جمع جي معنيٰ نڪري ٿي. يا وري پڇاڙين (Suffix) مان واحد ۽ جمع جي خبر پوندي آهي مثال طور اسم 'ڇوڪري' ۾ "اون" پڇاڙي ملائڻ سان جمع نهي ٿو. (انگريزيءَ ۾ ٻه

"s" يا "es" ملائڻ سان جمع نهندو آهي.) ڪنهن ٻاهرين عالم (foreigner) لاءِ اها ڳالهه سمجهڻ مشڪل ٿي سگهي ٿي.

> "The are no fixed rules, by which a noun may be known as definite or indefinite, the only safe guide is attention to the context." (PP425)

ڊاڪٽر ٽرمپ کان پوءِ ڪن ڏيهي گرامر نويسن به سنڌيءَ ۾ "Articles" نه هئڻ کي سنڌي ٻوليءَ جي کوٽ ڪري لکيو آهي، جڏهن ته "Articles" نه هئڻ جي باوجود اسم جو عدد معلوم ڪرڻ ۾ ڪو مونجهارو پيدا ڪونه ٿو ٿئي.

**اسم جي جنس:**

سنڌيءَ ۾ جنس بي جان (Neuter Gender) ڪانهي. بي جان شين کي به جنس جي دفعي (مذڪر يا مؤنث) ۾ آندو ويندو آهي. سنسڪرت ۾ جنس بي جان آهي.

> "The Sindhi has lost the neuter, which has been already discarded in Prakrit, the immediate predecessor of the modern Sindhi. This, as it seems, has been the first step, to break the fetters of the old compact mother- tongue, and to initiate the reveling processes of the present idiom." (PP32)

(سنڌيءَ مان بي جان جنس ختم ٿي وئي آهي، جنهن کي پراڪرت جي محاوري مان پهريائين تُرڪ ڪيو ويو هو، جيڪا هاڻوکي (جديد) سنڌيءَ جي پيشرو آهي. اهو، جيئن نظر اچي ٿو، پهريون قدم هو،



پراڻي وسيع/ جامع مادري زبان جي اثرن کي ٽوڙڻ جو ۽ موجوده محاوري جي ابتدا لاءِ زمين هموار ڪرڻ جو.)

ڊاڪٽر ٽرمپ ان نظريي جو هو ته سنڌي سنسڪرت مان نڪتي آهي، (ان وقت ٻيو ڪوبه نظريو سامهون نه آيو هو.) ان ڪري هن معيار طور پراڪرت ۽ اپڀرنش کي کنيو آهي، جيڪي سنسڪرت مان نڪتل آهن ۽ سنڌيءَ جي هر وياڪرڻي بناوت/ صورت (Grammatical form) کي ان ڪسوٽيءَ تي پرکيو آهي.

> "ڊاڪٽر ٽرمپ پنهنجي تمهيد واريءَ راءِ جي باوجود سنڌي زبان جي وياڪرڻ جي هر حصي کي سنسڪرت جي روشنيءَ ۾ پرکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ جتي به ڪيس سنسڪرت جي سٽاءَ کان ٻاهر ڪا صورت نظر آئي آهي ته اتي هيئن چيو اٿس ته، سنڌي زبان مان سنسڪرت وارو سٽاءُ گم ٿي ويو آهي. حقيقت ۾ ڊاڪٽر صاحب لاءِ لازمي هو ته ائين به سوچي ها ته سنڌيءَ ۾ ڪي پنهنجون انوکيون ديسي خوبيون به آهن." (7)

**حالتون:**

ڊاڪٽر ٽرمپ وٽ سنڌي گرامر جو آڳاٽو مثال ڪونه هو، هن سنسڪرت ۽ پراڪرت ٻولين تان اصول کنيا، انهن ٻولين ۾ اسم (ضمير) جون اٺ حالتون آهن، انڪري سنڌيءَ ۾ به هُو اٺ حالتون ڏيکاري ٿو، پر وري ائين لکي ٿو ته:

> "The great distinctive feature of the declensional process of the modern Arian dialects, with the exception of the Bengali, consists in the fact, that

there are properly only two cases of a noun, the absolute or crude form, corresponding throughout to the Nom. (nominative) singular. And the formative cases to which the various adverbs or postpositions are added, which serve to make up for the lost case- terminations. The latter case has been generally called the Oblique case by European grammarians, but we prefer to call it the Formative. (After the precedence of Dr. Couldwell)." (PP12)

(موجوده آريائي ٻولين جي ڦيرن/ گردان واري عمل (بنگاليءَ کان سواءِ) جي امتيازي خصوصيت اها آهي تہ اسم جون باقاعده طور تي ٻہ حالتون آهن، مطلق يا اصلوڪي حالت (Crude) جيڪا واحد فاعليءَ مطابق هوندي آهي ۽ ساختياتي حالت (Formative case) جنهن سان مختلف ظرف يا حرف جر ملايا ويندا آهن، جيڪي وڃايل حالتن ڪي ناهڻ لاءِ پورائو ڪندا آهن. هن پوئين حالت کي يورپي گرامر نويسن عام حالت يا حالتِ تغيري (Oblique case) سڏيو آهي، پر اسان ساختياتي حالت (Formative case) سڏڻ کي ترجيح ڏينداسين (ڊاڪٽر ڪالڊ ويل جي ترجيح (Precedence) ڏيڻ کان پوءِ).

جڏهن ڪنهن اسم تي ڪم ٿئي يا ان جو اثر پوي تہ ان جي حالت کي مفعولي (Objective) چئبو آهي، جيئن ”هو ماني کائي ٿو“ ۾ ”ماني“ مفعول آهي، انجي حالت کي حالت مفعولي چئبو. ڊاڪٽر ٽرمپ لکي ٿو تہ سنڌيءَ مان حالت مفعولي خارج ٿي وئي آهي.

"The Accusative case of the singular and plural has been droppen in Sindhi, as well as in all the



other kindred idioms. This has been already the case in the inferior Prakrit dialects, and is expressly mentioned of the Apabhransa, the mother of the modern Sindhi." (PP112)

(سنڌيءَ مان اسم واحد ۽ جمع جي حالت مفعولي خارج ٿي وئي آهي ۽ ساڳيءَ طرح ٻين سيني ساڳئي قسم جي محاورن مان بہ. اها صورتحال اڳ ئي بگڙيل پراڪرت جي محاورن ۾ هئي، خاص ڪري اپڀرنش لاءِ ائين چيو وڃي ٿو، جيڪا جديد سنڌيءَ جي ماءُ آهي.)

رين ۽ مارٽن (Wren) حالت مفعولي سبب يا (Accusative cases Martin) جي وصف ۾ لکن ٿا:

"When a noun (or pronoun) is used as the object of a verb, it is said to be in the objective (or accusative) case' A Noun which comes after a preposition is also said to be in the accusative case." (8)

(ان وصف مان بہ ظاهر ٿئي ٿو تہ اهو اسم يا ضمير جنهن تي فعل جي ڪم جو اثر پوي، ان کي مفعول چئبو ۽ ان جي حالت مفعولي ٿيندي يا وري اهو اسم جيڪو حرفِ جر کان پوءِ اچي، ان جي حالت مفعولي سببي آهي.)

" Accusative case اهڙي مفعولي حالت آهي جنهن ۾ مفعول ڪنهن عمل لاءِ ذميوار هجي ان جي حالت مفعولي سببي ٿيندي آهي." (9)

سرگريئرسن ”تنهنجو پيٽ پريان“ ۽ ”تنهنجي خدمت پيو

ڪريان“ وغيره حالت مفعولي سببيءَ جا مثال ڏنا آهن ان مان اهو نتيجو نڪري ٿو تہ سنڌيءَ مان حالت مفعولي يا مفعولي سببي خارج نہ ٿي آهي. بلڪِ ان جا مثال ملن ٿا. سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ پڇاڙيون (Pronominal suffixes) حرف طور بہ استعمال ٿينديون آهن. جنهن ۾ حرفِ جر ڳجهو رهندو آهي، هن وقت حالت اپادان (The Ablative)، حالت اوزاري (Instrumentalis) حالت مڪاني (Dative) کي حالت جري بہ چيو وڃي ٿو، پر ڊاڪٽر ٽرمپ صاحب اهي ٽئي الڳ الڳ قسم ڏيکاريا آهن. حالت مڪاني (The Ablative) ۾ لکي ٿو:

"The Ablative case is formed in Sindhi by the affix "آن" which is always connected with the base itself and never written separately"

(سنڌيءَ ۾ حالت اپادان ”آن“ ملائڻ سان ٺهندي آهي، جيڪو هميشہ بنياد سان مليل هوندو آهي، ان کي ڪڏهن بہ الڳ نہ لکيو ويندو آهي.) مثال طور سنڌيءَ ۾ گهر مان چوڻ بدران ”گهران“ چيو ويندو آهي، ساڳي طرح ’ڳوٺ مان‘ جي بجاءِ ”ڳوٺان“ چيو ويندو آهي. اڄڪلهہ ٻين (اردو، انگريزي) جي اثر ڪري ان لڪل حرف جر جو استعمال گهٽجي ويو آهي. حالت مفعولي ثاني يا مڪاني (Dative) ڪيئن ظاهر ڪئي ويندي آهي، گريئرسن لکي ٿو:

”حالت مفعول ثاني (Dative) ڏيکارڻ لاءِ حرف جر ”کي“ يا وري شاعراڻو ”ڪني“ ۽ ”لاءِ“ استعمال ٿيندا آهن.“ (10)

مثال طور: هڪ ماڻهوءَ کي بہ گهر هئا. هن مثال ۾ گهر جو لاڳاپو ماڻهوءَ سان آهي، ان مان اضافت يا مالڪيءَ جي معنيٰ نڪري



ٿي.

"The dative case has totally disappeared from the Prakrit and its functions have been assigned to the genitive. We find, therefore, in the modern idioms the greastest discrepancy as to the method in which the dative case is provided for- In Sindhi the affix "کي" is used, as well for the singular as for the plural, being placed after the formative singular or plural of a noun, e.g. "گهر کي"، "گهرن کي" (pp 144)

(حالت مفعولي ثاني پراڪرت مان بلڪل غائب ٿي وئي آهي ۽ ان جا ڪم حالت اضافت جي حوالي ڪيا ويا آهن، ان ڪري جديد محاورن ۾ جهڙي طريقي سان حالت مفعولي ثاني ناهي وڃي ٿي، ان ۾ اسان کي تمام گهڻي بي قاعدگي ملي ٿي. سنڌيءَ ۾ واحد توڙي جمع سان پڇاڙي ”کي“ استعمال ٿئي ٿي. جنهن کي اسم واحد يا جمع جي پويان رکيو ويندو آهي، جيئن ”گهر کي“ ”گهرن کي“. ”کي“ حرف اضافت ڪونهي، حرف جر آهي، پر ان جي ثانوي معنيٰ اضافت واري نڪري ٿي ان ڪري ئي گريئرسن ان حالت کي مفعولي ثانيءَ جو نالو ڏنو آهي. اڄڪلهہ سنڌيءَ ۾ ”گهر کي“ يا ”ماڻهوءَ کي“ ۾ ”گهر“ ۽ ”ماڻهوءَ“ جي حالت کي جري چيو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ تہ انهن جي پويان حرف جر (کي) آيل آهي.)

ٻئي طرف ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جو چوڻ آهي تہ:

”سنڌي ٻوليءَ ۾ حالت آپادان، حالت مڪاني ۽ حالت

اوزاري نالا انگريزي ڪتابن تان ترجمو ڪري آندا ويا آهن، پر اهڙين حالت جو سنڌي زبان جي سٽاءُ ۾ ڪوبه وجود ڪونهي، اهي سڀ حالت جريءَ جا روپ آهن.“ (11)

جڏهن ڪنهن اسم يا ضمير کان پوءِ حرف جر اچي ته ان اسم يا ضمير جي حالت کي عام حالت يا تغيري صورت (Oblique) به چئبو آهي. استعمال جي لحاظ کان سنڌي ٻوليءَ ۾ حالت مفعولي، حالت جري ۽ حالت اضافت کي عام حالت چيو ويندو آهي، جيئن ڊاڪٽر ٽرمپ لکي ٿو:

> “The Formative or Oblique case, though in Sindhi throughout identical with the Instrumentalis, is by itself no case, but represents, merely the euphonic change of the final vowel of a noun previous to the accession of any flexional particles or postposition, by means of which the various cases are made up. (pp 122)

(ساختياتي يا عام حالت جيتوڻيڪ سنڌيءَ واري حالت اوزاريءَ سان مشابهت رکندي به پنهنجي سر ڪا حالت نه آهي، پر صرف آخري سُر جي آواز جي تبديلي جي نمائندگي ڪري ٿي، جيڪا گرداني جزن ۽ حرف جر جي اڳيان ٿيندي آهي، جنهن ڪري مختلف حالتون نهنديون آهن.) انهن حالتن کان سواءِ ڊاڪٽر ٽرمپ حالت ندا (The Vocative) ۽ حالت اضافت (Genitive) به ڏيکاريون آهن.

**صفت:**

صفت اهو لفظ آهي، جيڪو ڪنهن اسم يا ضمير سان لاڳو



ٿي، ان جي گڻ، اوگڻ، خاصيت ڄاڻائي. ان جي ڀيٽ جا ٽي درجا آهن. صفت خالص (Positive degree)، صفت تفضيل (Comparative degree) ۽ صفت مغالبو (Superlative degree) انهن درجن جي نهڻ جو طريقو هر ٻوليءَ جو پنهنجي سٽا (Structure) مطابق هوندو آهي. سنڌيءَ ۾ صفت تفصيل ۽ صفت مغالبو ڪهڙي طرح نهن ٿيون، ڊاڪٽر ٽرمپ لکي ٿو:

> “The Sindhi as well as, the cognate idioms, has lost the power to form a comprative and superlative degree after the manner of the Sanskrit (and Persian) by means of adjective affixes, and it is very remarkable that the Semitic way of comprison has been adopted.” (pp 156)

(سنڌي ۽ ٻين ساڳئي بنياد وارن معلوم محاورن، سنسڪرت (۽ فارسيءَ) وانگر صفتي جوڙن سان صفت تفصيل ۽ صفت مبالغو ناهڻ جي طاقت وڃائي ڇڏي آهي ۽ اهو نوٽ ڪرڻ جي قابل آهي ته سامي طريقو ڀيٽ جي درجن ناهڻ لاءِ اختيار ڪيو ويو آهي.)

صفت جا ٻه قسم آهن، وصفي (Qualitative) ۽ عددي (Quantitative). وري عددي صفت جا به ڪيترائي قسم آهن، جيئن قطاري ”Ordinal“ (پهريون، ٻيون) شماري ”Cardinal“ (هڪ، ٻه، ٽي)، انگن جا نالا ڏيکاريندڙ عدد ”Arthmetical figures“ (ايڪو، ٻڪو، ٽڪو) ميڙ ڏيکاريندڙ عدد ”Collective numbers“ (ڏهاڪو، ويهارو)، تناسب ڏيکاريندڙ عدد ”Proportional “numbers (هيڪوڻو، ٻيڻو يا ٻٽو)، ورجاءُ ڏيکاريندڙ عدد ”Reproductive Number“

(هيڪار، ٻيهار) پاڱو ڏيڪاريندڙ عدد (Fractional numbers) (منو، اڌ، چوٿائي) انڪري ڊاڪٽر ٽرمپ لکي ٿو:

> "The Sindhi possesses a great variety numeral adjectives."

**ضمير:**

ضمير اهو لفظ آهي جيڪو اسم بدران ڪم اچي. جيئن، آءٌ، هو، تون، اهي وغيره. ڊاڪٽر ٽرمپ ضمير جا اٺ قسم بيان ڪيا آهن. ضمير خالص، ضمير اشارو، ضمير موصول، ضمير جواب موصول، ضمير استفهام، ضمير مبهم، ضمير مشترڪ ۽ انون قسم ضميري صفت (Pronominal Adjective) لکيو اٿس، ان جي وصف ۾ لکي ٿو ته:

> "Under this head we class only such adjectives, as participate more or less of the nature of pronouns are some what irregular in their infelxion, and such, as are derived from pronominal themes. All other adjectives, which may, according to their position in a sentence, supply the place of the pronoun. We exclude from this list such as". (pp218) "فلاڻو، هڪڙو، ٻيو، سڄو، وغيره"

(هن موضوع هيٺ، اسان اهڙين صفتن کي رکندا آهيون، جيڪي وڌ يا گهٽ ضمير جي خاصيت رکن ٿيون ۽ ڪنهن حد تائين پنهنجي گردان ۾ بي قاعدي هونديون آهن ۽ ضميري بنياد مان حاصل ڪيون



وينديون آهن. ٻيون اهڙيون سڀئي صفتون جيڪي جملي ۾ پنهنجي جڳهه جي لحاظ کان ضمير جي جاءِ وٺنديون آهن، اسان انهن کي هن لسٽ مان خارج ڪريون ٿا، جيئن فلاڻو، سڄو، ٻيو، هڪڙو وغيره.)

ڪنهن به لفظ کي نالو، جملي ۾ ان جي جڳهه ۽ ڪارج مطابق ڏنو ويندو آهي، چاڪاڻ ته ڪي وياڪرڻي صورتون نحوي سٽاءَ ۾ انفرادي طور ڏيکاريل ڪارج کان ڌار ڪارج ادا ڪنديون آهن. مثال طور: "هي هوشيار آهي" جملي ۾ "هي" ضمير آهي ۽ "هي ڇوڪرو هوشيار آهي" جملي ۾ "هي" صفت آهي. هونءَ ته لفظ "هي" وياڪرڻ موجب ضمير آهي. پر فقري (Phrase) يا جملي ۾ جڏهن ڪنهن اسم جي اڳيان ايندو آهي، تڏهن اهو صفت وارو مفهوم ادا ڪندو آهي.

> "تشريحي لسانيات جي مدد سان اهو ثابت ٿيو آهي ته ٻوليءَ ۾ ڪي وياڪرڻي صورتون انفرادي حيثيت ۾ هڪڙو ڪارج ڏيکارين ٿيون، پر اهي صورتون جڏهن فقرن يا جملن ۾ ڳالهائبيون آهن، تڏهن انهن جو ڪارج فقري يا جملي ۾ بيهڪ پٽاندڙ بدلبو آهي." (12)

ضميري پڇاڙيون سنڌي ٻوليءَ جي امتيازي خصوصيت آهن، جيڪا ٻين ٻولين ۾ نه ٿي ملي، ڊاڪٽر ٽرمپ لکي ٿو:

> "Instead of the inflected cases of the absolute personal and possesive pronuns, the Sindhi uses very extensivley the so called suffixes or pronuns, which are affixed to nouns, postpositions (adverbs) and verbs. The use of these suffixes

constitute quite a peculair feature of the Sindhi language and distinguishes it very advantageously from all the kindred idioms of India, which are destitute of pronominal suffixes”. (pp225)

(ضمير موصول ۽ مالڪي ڏيکاريندڙ ضميرن جي ڦيرايل حالتن جي بجاءِ سنڌيءَ ۾ وسيع پئماني تي پڇاڙيون يا اهڙا متصل ضمير استعمال ڪيا ويندا آهن، جيڪي اسمن، حرف جرن، (ظرف) ۽ فعلن سان ڳنڍيل هوندا آهن. انهن پڇاڙين جو استعمال سنڌي ٻوليءَ جي خاص خوبي آهي ۽ ان کي هندستان جي ٻين محاورن ۾ الڳ ڪري بيهاري ٿي، جيڪي ضميري پڇاڙين کان خالي آهن.)

**فعل:**

اهو لفظ جنهن مان ڪنهن تي ڪنهن ڪم جي ٿيڻ جي معنيٰ نڪري، ان کي فعل چئبو آهي. يا وري ائين به چئي سگهجي ٿو ته فعل اهو لفظ آهي، جنهن جي وسيلي ماڻهن يا شين وغيره بابت ڪجهه چئي سگهجي.

ڌاتو يا بنياد (Root) ان کي چئبو آهي جنهن مان ٻيا لفظ ٺهن، سنڌيءَ جي اڪثر گرامر نويسن مصدر کي فعل جو ڌاتو يا بنياد سڏيو آهي، جڏهن ته مصدر (Infinitive) امر (Imperative) جي آخر ۾ ”ڻ“ ملائڻ سان ٺهي ٿو، يعني اهو امر مان ٺهيل آهي، جيڪا ڳالهه ٽرمپ به لکي ٿو:

“We have seen already that the Infinitive of the Sindhi verb, terminating in “anu” corresponds to



the verbal noun of the Sanskrit and Prakrit. The root of the Sindhi verb is therefore not be sought in the Imperative, which exhibits the crude form of the verb without an additional increment, except that of the final vowel, which is not part of the verbal root.” (pp 250)

(اسان اڳ ۾ ڏسي آيا هيون ته سنڌي فعلن جو مصدر، جيڪو ”اڻ“ تي ختم ٿئي ٿو، اهو سنسڪرت ۽ پراڪرت جي فعلي اسم سان ملندڙ جلندڙ آهي. تنهن ڪري سنڌي فعل جو بنياد مصدر ۾ تلاش نه ڪرڻ گهرجي، پر ان کي امر سڏڻ گهرجي. جيڪو سواءِ ڪنهن اضافي فعل جي بنيادي يا ڪَچي حالت کي ظاهر ڪري ٿو، سواءِ آخري سُر جي جيڪو فعلي بنياد جو حصو نه آهي.)

امر کي فعل جو بنياد قرار ڏيندي ڊاڪٽر ٽرمپ لکي ٿو:

“The Imperative represents the root of a Sindhi verb, and as the whole conjugational process depends, a great deal upon it.” (pp 260)

(امر سنڌي فعل جي بنياد يا ڌاتوءَ کي ظاهر ڪري ٿو ۽ متصل فعلي ڦيرن جو سڄوئي دارو مدار ان تي آهي.)

ڊاڪٽر ٽرمپ فعل جا ٻه قسم فعل لازمي (Neuter intransative verb) فعل متعدي (Active or transative verb) ڏيکاريا آهن. سنڌيءَ ۾ مرڪب فعل (Compound verb) عام آهن، جيئن ”ٿي وڃڻ“، ”لکي وٺڻ“ وغيره. سرگريئرسن مرڪب فعلن کي زور پرائيندڙ (Intensitive)، سگهه ڏيکاريندڙ (Potentials) ۽ پورائي

ڪندڙ (Completives) ۾ تقسيم ڪيو آهي.

"The Sindhi possesses a great facility is giving different shadows of meaning to a verb by compounding it with another verb." (pp338)

زمانن جا ٻہ قسم آهن. بنيادي زمان ۽ انهن مان ٺهيل زمان. ڊاڪٽر ٽرمپ انهن کي سادا زمان (Simple tenses) ۽ مرڪب زمان (Compund tenses) سڏي ٿو. سادن زمانن لاءِ لکي ٿو:

"In the active and passive voice, there are only three simple tenses viz the Pontential, the aorist and the future."

(فعل جي معروف ۽ مجهول صورت ۾ سنڌيءَ ۾ سادا زمان آهن. سگهہ ڏيکاريندڙ مضارع ۽ مستقبل.) سگهہ ڏيکاريندڙ (Potential) ناھڻ لاءِ مکيہ فعل جي ماضي معطوفيءَ سان "سگهڻ" جو گردان ڪيو ويندو آهي، جيئن "لکي سگهڻ"، "هلي سگهڻ" وغيره.

"The Potential which implies possibility, uncertainty or a wish, is formed by adding to the root of the verb the inflexional terminations."

(سگهہ ڏيکاريندڙ زمان، مڪان، غير يقيني ۽ خواهش ظاهر ڪندو آهي، جيڪو فعل جي بنياد سان ڦرندڙ پڇاڙي (In flexional terminassion) ڳنڍڻ سان ٺهندو آهي.

**ظرف:**

ظرف اهو لفظ آهي، جو فعل، صفت يا ٻئي ظرف سان لاڳو ٿي، ان جي ريت، قدر يا انداز، وقت ۽ جاءِ يا طرف ڏيکاري ٿو. مثال



طور: اندر، ٻاهر، آهستي، گهڻو، گهٽ، اڄ، هينئر، سياڻي وغيره. سنڌيءَ ۾ مرڪب ظرف بہ ملن ٿا، جيئن پل پل، آهستي آهستي، اڄ سياڻي، اڳيرو وغيره.

"The Sindhi uses a considerable number of compound adverbs, which are formed either reduplicating the adverb (or noun) or adding a similar adverb (or noun) or by adding an adverbial affix or postposition."

(سنڌيءَ ۾ ججهي تعداد ۾ مرڪب ظرفن جو استعمال ٿئي ٿو، جيڪي ظرفن (يا اسم) کي دهرائڻ سان ٺاهيا وڃن ٿا. ساڳيو ظرف (يا اسم) ملائڻ سان يا وري ظرفي جوڙ (Adverbial) يا حرف جر ملائڻ سان ٺهن ٿا.

(الف): دهرائڻ واري عمل سان ٺهيل ظرف: گهڙي گهڙي، وري وري، پل پل وغيره.

(ب): ساڳئي ظرف يا اسم جي ملڻ سان ٺهيل مرڪب ظرف: جيئن تيئن، اڄ سياڻي، وغيره

(ت): حرف جر سان مليل مرڪب: اڳيرو، اڳتي، پوئتي وغيره.

**حرف جر:**

اهو لفظ جو اسم يا ضمير جي پٺيان اچي ۽ ان جو لاڳاپو ٻئي ڪنهن لفظ سان ڏيکاري، تنهن کي حرف جر چئبو آهي. ياد رکڻ گهرجي تہ انهن کي انگريزيءَ جي ڳالهائڻ وارن لفظن ۾ proposition چئبو آهي. ياد رکڻ گهرجي تہ انهن کي انگريزيءَ جي ڳالهائڻ وارن

لفظن ۾ preposition چئبو آهي.

حرف جر سنڌيءَ ۾ اسمن ۽ ضميرن کان پوءِ ايندا آهن، پر فارسي، (فارسيءَ ۾ بہ ڪڏهن ڪڏهن پويان ايندو آهي) عربي ۽ انگريزيءَ ۾ اڳ ۾ ايندا آهن، ان ڪري انهن کي سندن ان جاءِ جي حساب سان انگريزيءَ ۾ pre يعني اڳ ۽ post يعني پوءِ وارين اڳياڙين جا نالا ڏنا ويا آهن.

> "The Sindhi has no prepositions, but only postpositons, as all adverbs or particles, which influence in any way the noun are placed after the noun and not before it. Only "ري" may be optionally used as prepostion or postpostion". (pp398)

(سنڌيءَ ۾ ڪوبہ اڳيان ايندڙ حرف (prepositon) نہ آهي، صرف پويان ايندڙ حرف (postpositon) آهن. سيئي حرف يا جزا جيڪي ڪنهن بہ طريقي سان اسم تي اثر انداز ٿين ٿا، اسم جي پويان رکيا ويندا آهن نہ اڳيان. صرف ”ري“ ڪڏهن اڳيان ايندڙ حرف تہ ڪڏهن وري پويان ايندڙ حرف طور استعمال ٿيندو آهي.)

ڊاڪٽر ٽرمپ اهي ڳالهيون وضاحت سان سمجهايون آهن.

سنڌيءَ ۾ ظرف بہ حرف جر طور استعمال ٿيندو آهي. مثلاً:

چوڪرو هيٺ وينو هو. (’هيٺ‘ - ظرف)

چوڪرو وڻ هيٺ وينو هو. (’هيٺ‘ - حرف جر)

هو ڏاڍو تيز آهي. (’تيز‘ — حرف جر)

گهوڙو تيز ڊوڙي ٿو (تيز‘- ظرف)



سنڌيءَ ۾ ٻتا حرف جر بہ آهن، جيڪي ٻين ٻولين ۾ نہ ٿا ملن. جيئن وٽان، کان، سان وغيره. سنڌي ٻوليءَ ۾ نحوي ساخت ۾ حرف جر تمام اهم ڪردار ادا ڪندو آهي. ان جي استعمال سان اسم يا ضمير جي اصلي صورت بدلجي ويندي آهي، جيئن:

مان + جو - منهنجو

تون + جو - تنهنجو

اهو اسين سڀ ڄاڻون ٿا تہ سنڌيءَ ۾ ”جو“ حرف جر اضافت آهي ۽ اردوءَ ۾ ”ڪا“. اهي عدد ۽ جنس ۾ بدلجن ٿا. ”جو، جا، جي، جون“ ”ڪا“ ڪي، ڪي“ انگريزيءَ ۾ صرف ”of“ هڪڙو حرف جر آهي، جيڪو اضافت ڏيکاري ٿو، ان ۾ عدد يا جنس وغيره بہ بدلجڻ سان تبديلي نہ ٿي اچي. ان کان سواءِ سنڌيءَ ۾ تمام گهڻا حرف جر آهن، جيئن اردوءَ ۾ ”سي“ حرف جر آهي، ان جا چار متبادل سنڌيءَ ۾ نهن ٿا. ساڳيءَ طرح انگريزيءَ ۾ ”from“ آهي.

1. ميز ’تان‘ ڪتاب کڻ. (ميز سے کتاب اُٹھاؤ) — Take the books from the table

2. ڪٻٽ ’مان‘ ڪپڙا ڪڍ. (الماری سے کپڑے نکالو) — Take out clothes from the cupboard

3. هو حيدرآباد ’کان‘ ڪراچيءَ ويو. (وہ حیدرآباد سے کراچی گیا) — He went to Krachi from Hyderabad

4. مون ’وٽان‘ نوٽس ڪٽي وئي آهي.

4. She has taken notes from me.

(مجھ سے نوٹس لے کر گئی ہے)

**حرف جملو:**

اهڙا حرف، جيڪي ٻن لفظن يا جملن کي ڳنڍين ٿا، تن کي ”حرف جملو“ چئبو آهي، مثلاً ته، پر، يا، ۽، مگر، متان، چاڪاڻ ته وغيره. ڊاڪٽر ٽرمپ حرف جملي کي ان جي اهميت جي مطابق مختلف قسمن ۾ ورهائي ٿو.

> “According to their signification the conjuctions may be devided into (i) Copulative (ii) concessive (iii) adversative (iv) Casual and final (v) conditional (vi) Interrogative”.

**حرف ندا:**

جيڪي لفظ سڏ ڪرڻ يا دل جي حالت جهڙوڪ خوشي، ڏک، عجب، خواهش، ڪاوڙ وغيره ظاهر ڪرڻ جي ڪم اچن انهن کي حرف ندا چئبو آهي. جيئن: سنڌيءَ ۾ واهه واهه!، هاءِ هاءِ!، اڙي!، او! وغيره. ڪي اسم حرف ندا به آهن، چاڪاڻ ته ندائي صورت ڪي اسم ۾ جوڙي ڇڏبو آهي. جيئن: احمد! ڇوڪرا! هيڏانهن اچ.

> “In treating of the conjuctions we abstract from such nouns or phrases, as are or may be used in the sense of Interjection e.g. (pp418)

(ڪيترا حرف جملا ۽ اسم ذات حرف ندا جي صورت ۾ به استعمال ٿي سگهن ٿا، جيئن ڇگو! سچ! ماٺ! وغيره.)

**نتيجو:**



ڊاڪٽر ٽرمپ جو لکيل گرامر سنڌي ٻوليءَ جي گرامر جي ارتقا ۾ بنيادي حيثيت رکي ٿو. ان جي بيان کان سواءِ سنڌي گرامر جي تاريخ مڪمل ٿي نه ٿي سگهي. سنڌي مادري ٻولي هئڻ ڪري هتان جا ماڻهو اها ٻولي ڄاڻيندا ته هئا، پر ڊاڪٽر ٽرمپ انهن کي، سنڌيءَ جي لساني خوبين کان واقف ڪيو. هي ڪتاب ٻوليءَ جي سٽا ۽ ساخت يا گرامر جي بيان ۾ بنيادي ۽ اهم ڪتاب رهيو آهي ۽ پوءِ جي ڪيترن ئي گرامر نويسن ان مان استفادو ڪيو آهي.

ڊاڪٽر ٽرمپ پهريون عالم هو، جنهن اهو نظريو ڏنو ته، ”سنڌي سنسڪرت جي شاخ آهي.“ هي ڪتاب سنڌيءَ، سنسڪرت ۽ پراڪرت سان تقابلي مطالعي (comprative srtudy) ۾ به مدد ڪري ٿو، چاڪاڻ ته ڊاڪٽر ٽرمپ سنسڪرت، پراڪرت، ۽ هندستان جي ٻين محاورن سان سنڌيءَ جي گرامر جي ڀيٽ ڪري لکيو آهي.

(3) **سنڌي وياڪرڻ** (منشي اڌارام ٿانورداس- 1892ع)

منشي اڌارام ٿانورداس سنڌي ادب جو ناليوارو اديب هو. 1851ع ۾ مسٽر ايلس جي سربراهيءَ ۾ صورتخطيءَ ناهڻ لاءِ جيڪا ڪاميٽي مقرر ڪئي وئي هئي. هي به ان جو ميمبر هو. هن 1892ع ۾ ”سنڌي وياڪرڻ“ لکيو. علم صرف نحو جي وصف ۾ لکي ٿو:

> ”صرف ۽ نحو مان اها خبر ٿي پوي ته ٻولي صحيح ڪيئن ڳالهائجي ۽ لکجي، صرف مان لفظن جي قسمن ۽ اسم جي ڦيرن ۽ فعلي گردانن جي خبر پوي ٿي. (ص-1) منشي اڌارام لفظن جا اٺ قسم ٻڌائي ٿو اسم، ضمير، صفت،

فعل، ظرف، حرف جر، حرف جملو ۽ حرف ندا.“ (ص-1)

هن گرامر جو اهوئي انداز آهي، جيڪو پوءِ جي گرامرن ۾ گهٽوڪري ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

**اسم:**

هو اسم جا ٻه قسم، عام (Common) ۽ خاص (Proper) ڏيکاري ٿو، اسم ذات Abstract noun) ڪو نه ڏيکاريو اٿس. اسم جي جنس ۾ مذڪر ۽ مؤنث ۽ عدد ۾ واحد ۽ جمع ڏيکاريا اٿس. اڌارام ٿانورداس اسم جون پنج حالتون فاعلي، مفعولي، اضافت، جري ۽ ندا ڏيکاريون آهن. اسم جو ڦيرو ڇا آهي؟ ان جي باري ۾ لکي ٿو:

”اسم کي سيني حالتن ۾ مختلف صورتون ملن ٿيون، انهيءَ طريقي سان اسم جيڪا صورت اختيار ڪري ٿو، تنهن کي اسم جو ڦيرو چون ٿا. حرف جر لڳڻ کان اڳي اسم مٿجي جنهن صورت ۾ رهي ٿو، تنهن کي عام صورت چئبو آهي. پوءِ جڏهن ڌار ڌار حرف جر انهن سان لڳندا آهن، تڏهن ڌار ڌار حالتون ٿينديون آهن.“ (ص-10)

**صفت:**

سنڌيءَ ۾ صفت فاعل (موصوف) سان گڏ عدد، جنس حالت جي مطابق گردان ڪندي آهي. مطلب ته صفت انهيءَ اسم جي جنس، عدد ۽ حالت سان ڦرندي، جنهن کي واضح ڪري ٿي. اها خوبي صرف سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ آهي. برصغير جي ٻين ٻولين ۾ صفت هميشه حالت مفعوليءَ ۾ واحد رهندي آهي. جيئن جڳ مشهور ماهرِ لسانيات جي- اي گريئرسن لکي ٿو:



”اهڙي ريت اسين ڏسون ٿا ته انهيءَ نڪتي ۾ سنڌي ٻين هندستاني ٻولين کان مختلف آهي، جنهن ۾ ڦريل اسم سان لاڳو صفت هميشه حالت مفعوليءَ ۾ واحد رهندي آهي. اهو هندستانيءَ جو قاعدو هتي بهرحال ڪڏهن ڪڏهن مرضيءَ موجب هلندو آهي. خصوصاً جڏهن صفت اسم کان يڪدم پهرين اچي، جنهن جي اها وصف ڪري ٿي. اهڙي صورت ۾ صفت حالت مفعولي واحد ۾ ٿي سگهي ٿي، جڏهن ته اسم جمع ڇو نه هجي، جيئن ”فسادين ماڻهن کي “ يا ”فسادي ماڻهن کي“. ساڳيءَ طرح جيڪڏهن اسم ندائي حالت ۾ جمع يڪدم پهرين اچي ته ان کي به عام طرح ندائي واحد ۾ آڻيندي آهي، جيئن ”اي سنڌيا ماڙهئا!“ جي جاءِ تي ”اي سنڌي ماڙهيا“. (13)

مٿين فقرن ۾ ڪي بناوتون اسان کي ڇرڪائين ٿيون، ڇو ته اسين هاڻي اهڙي ڪا بناوت استعمال نٿا ڪريون، پر گريئرسن اهڙا مثال ڏنا آهن. سنڌيءَ ۾ ڪي صفتون اهڙيون به آهن، جيڪي اسم سان عدد جنس ۽ حالت موجب ڪو نه ٿيون ڦرن. اهو سندس پڇاڙيءَ تي مدار ٿو رکي. اڪثر ”او“ پڇاڙيءَ وارا صفتي لفظ اسم سان ڦرندا آهن، باقي ٻين پڇاڙين وارا صفتي لفظ سدائين اسم سان نه مٽبا آهن. ڪي صفتون رڳو جنس ۾ ۽ ڪي عدد ۽ حالت ۾ مٽبيون آهن.

”جن صفتي لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ ’اَ‘، ’آ‘ ۽ ’اِ‘ آهي، سي ڪين مٽبا آهن. جن صفتي لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ ’اِي‘ آهي

سي رڳو حالت ۾ ڦرندا آهن. پڇاڙيءَ وارا لفظ جنس عدد ۽ حالت ۾ متبا آهن، پر ڏارين ٻولين وارا لفظ نه متبا آهن.“ (ص-17)

ان باري ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا صفت جي موصوف سان مٽجڻ واري خاصيت کي آريائي اثر ٿو چوي ۽ نه مٽجڻ واري خوبيءَ کي دراوڙي خصوصيت ٿو سڏي:

”سنڌي زبان ۾ صفتون ٻن قسمن جون آهن. هڪڙيون اهي آهن، جيڪي سنسڪرت ۽ ٻيون آريائي ٻولين جي صفتن وانگر اسم سان عدد، جنس ۽ حالت پٽاندڙ گردان ڪنديون آهن، جيئن: ’چڱو ڇوڪر اچي ٿو‘، ’چڱا ڇوڪرا اچن ٿا‘. ٻيون صفتون اهڙيون آهن، جيڪي دراوڙي ٻولين جي صفتن وانگر اسم سان عدد، جنس ۽ حالت پٽاندڙ اصل ڪونه ڦرنديون آهن، پر ساڳيون رهنديون آهن جيئن: ’ڇٽ ڇوڪرو اچي ٿو‘، ’ڇٽ ڇوڪرا اچن ٿا‘. پوئين مثال مان ثابت ٿو ٿئي ته سنڌي ٻوليءَ پنهنجي ديسي ۽ قديم خصوصيت کي سانديو آهي ۽ ساڳئي وقت آريائي اثر کان به پاڻ بچائي نه سگهي آهي.“ (ص 14)

صفت جي ڀيٽ (Comparative degree) ۽ صفت مبالغو (Superlative degree). سنڌيءَ ۾ صفت جا درجا ڏيکارڻ لاءِ ڪي مقرر پڇاڙيون ڪونه آهن جيئن انگريزيءَ ۾ ”er“ ”est“ (قاعدي موجب) آهن. منشي اڌارام لکي ٿو ته:



”حقيقت ڪري سنڌيءَ ۾ صفت تفصيل صفت مبالغي ڏيکارڻ لاءِ ڪي مقرر پڇاڙيون ڪونه آهن، جيئن پارسي-شاستري ٻولين ۾ آهن، پر رڳو تفصيل ۾ موصوف جي پنيان حرف جر ”کان“ گڏ آڻي پوءِ صفت خالص آڻيندا آهن. جيئن ته، ”اٺ گهوڙي کان وڏو آهي“. صفت مبالغي ۾ ”سڀني کان“ يا ”سڀني ۾“ لفظ صفت خالص جي اڳيان آڻيندا آهن، جيئن ته هاٿي سڀني چوپاين کان يا سڀني چوپاين ۾ وڏو آهي.“ (ص-18)

**ضمير:**

هن گرامر مطابق ضمير ستن قسمن جا آهن. ضمير خالص، ضمير اشارو، ضمير مشترڪ، ضمير استفهام، ضمير موصول، ضمير جواب موصول ۽ ضمير مبهم. ضمير استفهام سوال پڇڻ جي ڪم اچي ٿو. ’ڪير‘، ’ڪهڙو‘، ’ڪجاڙو‘، ’ڇا‘ استفهامي لفظ آهن، انهن مان ڪهڙو ڪنهن سان لڳندو آهي، ان بابت منشي اڌارام لکي ٿو:

”ضمير استفهام، يعني سوال پڇڻ جو لفظ، جيئن ته ’ڪير‘، ’ڪهڙو‘ ۽ ’ڇا‘ يا ’ڪجاڙو‘ ۽ ’ڪير‘ رڳو ماڻهن سان لڳندو آهي، ’ڪهڙو‘ ماڻهن، شين ۽ ڪمن سڀني سان لڳندو آهي ۽ ’ڇا‘ يا ’ڪجاڙو‘ شين ۽ ڪمن سان لڳندو آهي. انهن منجهان ڇا عدد، جنس ۽ حالت ۾ نه ٿو مٽجي ۽ ڪجاڙو رڳو حالتن ۾ مٽجي ٿو.“ (ص-27)

اسم، فعل ۽ حرف جر سان ضميري پڇاڙيون لڳنديون آهن ته اهي ضمير خالص جو ڪم ڏينديون آهن. ان کي ضمير متصل به چوندا آهن. اهي ضميري پڇاڙيون (pronominal suffxes) هي آهن:

**واحد - جمع**

ضمير متڪلم لاءِ: 'مِ'- 'س'- 'سُ' (يا) 'اون'

ضمير حاضر لاءِ: 'ءِ'- 'وَ'

ضمير غائب لاءِ: 'اَ' (يا) 'سِ'- 'آءَ' (يا) 'نِ'. (ص-31)

**فعل:**

سنڌيءَ ۾ مکيه فعل به آهن (1) لازمي (2) متعدي. جن کي بنيادي فعل به ڪري سڏيندا آهن. منشي اڌارام ٿانورداس امر (Imperative) کي فعل جو بنياد لکي ٿو.

"فعل جي اصل شڪل آهي مصدر، جنهن جي پڇاڙي آهي 'اَڻ' ۽ 'اِڻ'. مصدر جو (ڻ) ڪڍجي ٿو ته امر واحد جڙي ٿو، جو فعلن جو بنياد آهي. امر واحد جي پڇاڙيءَ ۾ زير (-) يا (ُ) ٿئي ٿو." (ص-36)

ڏنو وڃي ته فعل جي ڌاتو يا بنياد (Root) ۽ امر واحد (Imperative) ۾ فرق آهي. امر واحد جي آخر ۾ حرڪت (زير، زبر، پيش) اچي ٿي. جڏهن ته ڌاتو ۾ حرڪت يا آخري سُر (Vowel) نه ٿو اچي مثال طور:

**امر واحد - ڌاتو**

**لِکَ - لِکُ**



۾ منشي صاحب ان ڳالهه کي چٽو ڪونه ڪيو آهي. منشي اڌارام فعل جا ٻارنهن زمان لکي ٿو، جن مان حال، ماضي ۽ مستقبل کي اصل بنيادي زمان سڏي ٿو. هن هرهڪ زمان جو ٺهڻ به ڏيکاريو آهي. هن جو خيال آهي ته سنڌيءَ ۾ اهي سڀ زمان (Tenses) اسم حاليه، امر واحد ۽ اسم مفعول مان ٺهن ٿا. ظرف جي وصف ۾ لکي ٿو:

"ظرف اهو لفظ آهي جو ڏيکاري ته فعل جو ڪم ڪيئن، ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿيو." (ص- 61)

حرف جر، حرف جملي ۽ حرف ندا جي وصف ڏئي، منشي صاحب انهن کي مثالن سان سمجهايو آهي. ان ۾ ڪا خاص تبديلي نه ٿي ملي.

## نتيجو:

منشي اڌارام ٿانورداس جو "سنڌي وياڪرڻ" عربي-سنڌي رسم الخط ۾ لکيل آهي. ان کان پهريائين ڪئپٽن اسٽئڪ ديوناگريءَ ۾ ڊاڪٽر ٽرمپ انگريزيءَ ۾ ديوناگري ۽ عربي سنڌيءَ جي مثالن سان سنڌي گرامر لکيا هئا. انگريزي ۽ ديوناگري نه پڙهي سگهندڙ لاءِ هي پهريون ڪتاب هو.

سنڌي ٻوليءَ جي قاعدن قانونن کي سمجهڻ لاءِ ان جي نحوي خوبين کان واقف ٿيڻ لاءِ ڊاڪٽر ٽرمپ انگريزي گرامر جي نموني تي اسم جون اٺ حالتون لکيون هيون، جڏهن ته منشي صاحب انهن مان ٽن حالتن کي خارج ڪري پنج لکيون، جيڪي اڄڪلهه به لکيون وڃن ٿيون. هن گرامر جي بنيادي ڪتاب ۾ هرهڪ لفظ سان ان جي ترتيب ۽ ڦيرو به ڏنو ويو آهي، ٻيو ڪو خاص واڌارو نه ٿو ملي.

(4) **سنڌي وياڪرڻ** (ڪشنچند گلاب سنگهه گدواڻي- ڏيارام وسڻ مل ميرچنداڻي- 1914ع)

ڪشنچند گلاب سنگهه گدواڻي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر هو ۽ ڏيارام وسڻ مل ٽريننگ ڪاليج جو استاد هو. انهن ٻنهيءَ جو واسطو تعليم ڪاتي سان هو. هي گرامر انهن اسڪول جي شاگرد لاءِ 1914ع ۾ لکيو، جيڪو ٻن ڀاڱن تي مشتمل آهي، جنهن لاءِ هنن لکيو ته:

"سنڌي ٻوليءَ ۾ ننڍن ٻارن لاءِ ڪنهن سولي ۽ سليس وياڪرڻ جي گهڻي گهرج ڏسڻ ۾ اچي ٿي، هن وقت جيڪي وياڪرڻ جا ڪتاب موجود آهن، تن ۾ فقط وياڪرڻ جون حقيقتون ڏنل آهن، پر ٻارن کي اهي ڪيئن سمجهائجن، تنهن بابت ڪا ترتيب ڏنل نه آهي. انهيءَ ڪري وصفون برزبان ياد ڪري ڇڏيندا آهن، جنهن ڪري انهن کي نڪو مزو اچي نڪو ڪين وياڪرڻ بابت چٽا خيال ويهن. سنو رستو اهو آهي ته سڀ وياڪرڻ جون حقيقتون يا قاعدا، مثالن وسيلي سيکاريندڙ جي هدايت هيٺ ٻار پاڻ ڳولي ڪڍن ۽ وصفون پاڻ چئي سگهن. خاص انهيءَ مراد سان هي ڪتاب لکيل آهي." (مُنڍ ص 1)

**اسم:**

جيئن مٿئين بيان مان ظاهر ٿئي ٿو ته هي ڪتاب هيٺين ڪلاس جي شاگردن لاءِ لکيو ويو هو، ان ڪري سمجهائڻ واري انداز سان لکيل آهي. هنن ليکڪن جي سمجهائڻ جو طريقو تمام گهڻو



سولو ۽ سنو آهي. مثال طور اسم کي سمجهائڻ لاءِ ان کي ڇهن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي. (1) ماڻهن جا نالا چونڊيو (2) ساهوارن جا نالا چونڊيو (3) جاين جا نالا چونڊيو (4) شين جا نالا چونڊيو (5) خاصيتن جا نالا چونڊيو (6) ڪمن جا نالا چونڊيو- ان کان پوءِ وصف لاءِ لکن ٿا:

سيني نالن کي اسم چئبو آهي، تنهنڪري اسم جي وصف ٿي،

"ڪنهن ماڻهوءَ، ساهه واري، جاءِ، شئي، خاصيت يا ڪم جي نالي کي اسم چئبو آهي." (ص-11 ڀاڱون پهريون)

اسم کي ٽن قسمن عام، خاص ۽ ذات ۾ ورهائين ٿا. اهو به لکن ٿا ته جاندار ٻن جنسن مذڪر ۽ مؤنث ۾ ورهايل آهن. ٻي جان شين جي جنس جي باري ۾ لکن ٿا:

"مٿي اسان انهن اسمن جي جنس جو ذڪر ڪيو آهي، جي ساهوارن جا نالا آهن، هاڻي باقي رهيا اهي اسم جي ساهوارن جا نالا نه آهن، اهڙن اسمن ۾ نر ۽ ماديءَ جو ڀيد ڪونهي ڇو ته بيجان آهن، تنهن هوندي به اهي ساهه وارين شين وانگر جنس جي ٻن دفعن ۾ ورهايل آهن. اهڙن اسمن جي جنس معلوم ڪرڻ لاءِ چڱو ۽ اڻ گس رستو آهي صفت لڳائڻ جو، جيئن ته 'ڪارو پاڻي'، 'ڪاري ڪچڻي'، سيني اسمن جي جنس صفت لڳائڻ سان پروڙي سگهجي ٿي. جي اسم سان "او" پڇاڙيءَ واري صفت لڳي ته اسم جي جنس مذڪر، جي "اي" پڇاڙيءَ واري صفت لڳي ته اسم

جي جنس مؤنث ٿيندي.“ (ص21- 22 ياڱو ٻيو)

**حالتون:**

ڊاڪٽر ٽرمپ اسم جون اٺ حالتون ۽ منشي اڌارام ٿانورداس پنج لکيون آهن. گلاب سنگهہ گدواڻي ۽ ڏيارام اسم جون ٽي حالتون فاعلي، مفعولي ۽ جري ڏيکاريون آهن:

”جڏهن ڪنهن اسم جي پٺيان حرف جر اچي ۽ ان اسم جو ٻئي ڪنهن اسم سان مالڪيءَ جو لاڳاپو ڏيکاري تڏهن ان جي پهرئين اسم جي حالت اضافت چئجي ٿي.“ (ص 38 ياڱو ٻيون)

”جو، جا، سجي، جيون، سندو“ وغيره جو انفرادي ڪارج حرف جر (Postpositon) وارو هوندو آهي. انڪري حالت اضافت ڪي ڪي عالم حالت جري سڏين ٿا. جيئن هي فوٽ نوٽ لکن ٿا:

”ڪن صاحبن جو رايو آهي تہ حالت اضافت، حالتن جي دفعي مان اصل ڪڍي ڇڏڻ گهرجي ۽ اهڙا اسم، جي مالڪي ڏيکارين سي حالت جريءَ جي دفعي ۾ آڻڻ گهرجن. پر ڪئپٽن اسٽئڪ موجب حالت اضافت جريءَ کان نياري سمجهڻ گهرجي، ڇوتہ هن جو چوڻ آهي تہ حرف جر جي صورت لاڳو اسم جي عدد ۽ جنس ۾ مٽجڻ ڪري اهي مٽجن ٿا، جيئن تہ ’گوپال جو ڪتابُ‘، ’گوپال جا ڪتابَ‘، ’گوپال جي ڪنجي‘، ’گوپال جون ڪنجون‘ ڪن حالتن ۾ حرف جر جي صورت ساڳي رهي ٿي، جيئن تہ ’پيتيءَ ۾ ڪتابُ‘، ’پيتيءَ ۾ ڪتابَ‘، ’پيتيءَ ۾ ڪنجي‘،



’پيتيءَ ۾ ڪنجون‘ ساڳيو رايو ٽرمپ صاحب، منشي اڌارام ۽ جهمٽ مل جو آهي تہ حالت اضافت جريءَ کان نياري سمجهڻ گهرجي.“ (ص-38 ياڱو ٻيو)

**ضمير:**

هي ٻئي عالم پنهنجي گرامر ۾ ضمير جا اٺ قسم ٿا ڄاڻائين. ضميري پڇاڙين کي بہ ضمير جو هڪ قسم ”ضمير متصل“ ڪري لکن ٿا.

”اهڙيون نشانيون جي ڪن ڳالهائڻ جي لفظن پٺيان اچن ٿيون، تن کي ضمير متصل يا گڏيل ضمير چون ٿا.“ (ص-65 ياڱو ٻيو)

**صفت:**

هن ڪتاب ۾ مصنف صفت جا ٽي قسم: وصفي، عددي ۽ ضميري لکن ٿا. اڪثر ٻولين ۾ صفتون عدد، حالت ۽ جنس سان ڦرنديون آهن ۽ ٻين ۾ وري نہ ٿيون ڦرن، پر سنڌي ٻوليءَ ۾ اهي ٻئي صورتون موجود آهن. ڪي صفتون موصوف سان عدد، جنس ۽ حالت ۾ ڦيرو ڪائين ٿيون تہ ڪي وري نہ ٿيون ڪائين.

**فعل:**

مصنف جي راءِ موجب فعل اهو لفظ آهي، جنهن مان هئڻ (To have)، ڪرڻ (To do) ۽ ٿيڻ (To be) جي معنيٰ نڪرندي آهي. فعل جا مکيہ بہ قسم بيان ڪيا ويا آهن (1) فعل لازمي (2) فعل متعدي. فعل متعدي (Transitive Verb) جا ٽي قسم آهن. فعل متعدي بالواسطہ، فعل متعدي معروف ۽ فعل متعدي مجهول. فعل متعدي معروف ۽ مجهول جو فرق ڏيکاريندي، هي صاحب لکن ٿا:

"فعل متعدي جون ٻه صورتون آهن، هڪڙي اها جنهن ۾ فاعل ڪو ڪم ڪري ٿو ۽ ڪم جو ڪندڙ پڌرو بينو آهي، ٻي صورت اها جنهن ۾ مفعول فاعل جي جاءِ وٺي ٿو ۽ فاعل ڳجهو رهي ٿو، يعني ان جي خبر ڪانهي، پهرين صورت کي فعل متعدي معروف سڏين ٿا ۽ ٻي صورت کي متعدي مجهول سڏين ٿا." (ص-86 ياڱو ٻيو)

فعل جو بنياد ڪهڙو آهي؟ ڪن گرامر نويسن امر کي فعل جو ذاتو لکيو آهي ته ڪي وري مصدر کي فعل جو ذاتو سمجهن ٿا. هي ٻئي ماهر مصدر کي فعل جو ذاتو يا بنياد (Root) لکن ٿا.

"اسين سکيا آهيون ته فعل مان ڪم جي ڪرڻ يا ٿيڻ جي خبر پوي ٿي، 'لکڻ'، 'پڙهڻ' ۽ 'گهمڻ' اهڙا لفظ ڪم ڪن ٿا ۽ انهن کي مصدر چون ٿا. مصدر جي معنيٰ آهي صادر ٿيڻ يا نڪرڻ جي جاءِ، ڇاڪاڻ ته سڀ فعل ان مان نڪرن ٿا." (ص 88 ياڱو ٻيو)

هنن ظرف، حرف جر، حرف جملي ۽ حرف ندا جي وصف ڏئي، انهن کي مثالن سان سمجهايو آهي ۽ هر لفظ سان ان جي ترتيب ۽ ڦيرو ٻه سمجهايو آهي.

**بيهڪ جون نشانيون:**

ڪشنچند گلاب سنگهه ۽ ڏيارام وسڻ مل پهريون دفعو سنڌي گرامر ۾ بيهڪ جي نشانين (Punctuation Marks) تي هڪ باب لکيو، انهن جي اهميت ۽ ضرورت بيان ڪندي لکن ٿا ته لکيل جملي



جي پوري معنيٰ معلوم ڪرڻ لاءِ بيهڪ جون نشانيون ڏيڻ ضروري آهن، انهن کي غلط جاءِ تي ڏيڻ سان جملي جو مطلب مٽجي وڃي ٿو، غلط استعمال جو مثال ڏيندي لکن ٿا:

ڪنهن اسان کي اکيون ڏسڻ لاءِ، نڪ سنگهڻ لاءِ، وات کائڻ ۽ ڳالهائڻ لاءِ، ڪن ٻڌڻ لاءِ ڏنا آهن." (ص-144)

معنيٰ ۽ مفهوم واضح طريقي سان پڙهندڙ تائين پهچائڻ لاءِ بيهڪ جي نشانين جو صحيح استعمال ضروري آهي. ان لاءِ واضح ڪن ٿا ته:

"بيهڪ جون نشانيون پورن هنڌن تي ڏيڻ گهرجن، ڇاڪاڻ ته بيهڪ جون نشانيون پورن هنڌن تي نه ڏيڻ ڪري مضمون مان يا ته پورو مطلب نٿو نڪري يا ته ڪل جهڙو مطلب پيو نڪري." (ص 145 ياڱو ٻيو)

## نتيجو:

گرامر جو هي ڪتاب خاص شاگردن لاءِ لکيل آهي. گرامر جا قاعدا قانون ڏاڍي سولي ۽ سنئي انداز سان سمجهايل آهن. گرامر کي ڪيئن سمجهجي؟ ان کي ٻوليءَ سان لاڳو (Apply) ڪيئن ڪجي؟ اهو هن ڪتاب ۾ سمجهايو ويو آهي، هنن اسم جون ٽي حالتون فاعلي، مفعولي ۽ جري لکيون آهن. حالت اضافت ۽ حالت ندا کي حالتن جي دفعي مان ڪڍي ڇڏيو اٿن. هي پهريان عالم هئا، جن فعل جو بنياد (root) مصدر (Infinitive) کي لکيو.

ڪشنچند گلاب سنگهه ۽ ڏيارام وسڻ مل پهريون دفعو سنڌي گرامر ۾ بيهڪ جي نشانين (Punctuation Marks) تي هڪ

باب لکي انهن جي اهميت کي بيان ڪيو. باقي ٻين ڳالهين ۾ پهرين لکيل گرامرن سان هڪجهڙائي نظر اچي ٿي.

(5) **سنڌي وياڪرڻ** (مرزا قليچ بيگ- 1916ع)

سنڌي ٻوليءَ جي هرفن مولا اديب مرزا قليچ بيگ 1916ع ۾ ”علم صرف“ ۽ ”علم نحو“ تي الڳ الڳ ڪتاب لکيا، جن کي گڏي 1992ع ۾ ”سنڌي وياڪرڻ“ جي نالي سان سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپايو ويو آهي. مرزا صاحب علم صرف واري ڀاڱي ۾ ڳالهائڻ جا اٺ لفظ لکي ٿو، پر نحو جي بيان ۾ عربي-فارسيءَ جي اثر هيٺ لفظن جا ٽي قسم ڄاڻائي ٿو:

> ”عربي ۽ فارسي صرف نحو موجب جيڪي ٻه لفظ ڳالهائجن ٿا، سي ٽن قسمن جا آهن: اسم، فعل، ۽ حرف. پر هاڻوڪي رواج موجب ۽ انگريزيءَ گرامر جي نموني تي ڳالهائڻ جا لفظ مڙيئي اٺ آهن، يعني جيڪي ڳالهائبو، سو ضرور انهن اٺن مان هڪڙو هوندو: اسم، فعل، ضمير، صفت، ظرف، حرف جر، حرف جملو ۽ حرف ندا. عربيءَ ۽ فارسيءَ صرف نحو موجب ضمير، صفت ۽ ظرف اسم هيٺ اچي وڃن ٿا ۽ حرف جر، جملو ۽ ندا حرف هيٺ اچي وڃن ٿا، تنهنڪري عربي ۽ فارسيءَ واري تقسيم اصول موجب پوري آهي. اسان هرهڪ جي تقسيم ۽ تفصيل عربي ۽ فارسي صرف نحو موجب ڏينداسين ۽ هاڻوڪي تقسيم موجب جيڪو فرق هوندو سو ٻه ڏيکاريندا ويندا سين.“ (ص-22-221)



**اسم:**

مرزا قليچ بيگ جي ڪتاب ۾ اسم جا ٽي قسم عام، خاص ۽ ذات ڄاڻايل آهن. اسم جمع (Collective Noun) لاءِ لکي ٿو تہ، سَپا، فوج، لشڪر ۽ ڌڻ وغيره اسم جمع آهن، پر انهن کي سنڌي گرامر موجب اسم عام لکيو وڃي ٿو.

گلاب سنگهہ گدواڻيءَ ۽ ڏيارام وسڻ مل اسم جي جنس معلوم ڪرڻ لاءِ ان سان صفت لڳائڻ جو طريقو ٻڌايو آهي، مرزاقليچ بيگ اسم جي پڇاڙيءَ مان جنس معلوم ٿيڻ کي سنڌيءَ جي خوبي سڏي ٿو، ’پاڻي ڪارو آهي‘، ’ڪچڙي ڪاري آهي‘. اهڙي طرح صفت لاڳو ڪرڻ سان اسمن جي جنس معلوم ڪري سگهجي ٿي، پر سنڌي ٻوليءَ جي سچي پچي خوبي هيءَ آهي تہ اسمن جي پڇاڙين مان جنس جي پروڙ پوي ٿي، اهي پڇاڙيون جملي ست آهن.“ (ص-8)

مرزا قليچ بيگ اسم جون ٽي حالتون فاعلي، مفعولي ۽ جري ڄاڻايون آهن، حالت ندا کي حالت فاعليءَ جو قسم ۽ حالت اضافت کي جريءَ جو قسم لکيو اٿس.

> ’ڇوڪرا خط لک‘، هتي ”ڇوڪرا“ لفظ سڏ ڪرڻ لاءِ ڪم آيو آهي. جملي ۾ اسم، سڏ ڪرڻ لاءِ ڪم اچي ٿو، تنهن جي حالت کي ”ندا“ چوندا آهن. ندا معنيٰ سڏ. حالت ندا سچ پچ تہ حالت ”فاعليءَ“ جو هڪ نرالو اسم آهي. تنهنڪري ڪن صاحبن جو رايو آهي تہ هتي ”ڇوڪرا“ لفظ کي ”ندا جو فاعل يا اسم“ (Nominative Address) سڏجي، ڪن جو رايو وري آهي تہ هن صورت ۾ حالت ندا هڪ ڌار حالت

ليکجي" (ص-12)

حالت اضافت (Possessive case) کي حالت جريءَ (اپادان) (Ablative case) جو قسم چوي ٿو، وري فوٽ نوٽ ۾ لکي ٿو:

'جو'، 'سندو' ۽ 'وارو' لفظ اضافت جي معنيٰ ڏيکارين ٿا ۽ اهي جن اسمن يا ضميرن جي پٺيان اچن ٿا تن جي حالت اضافت آهي، جا مائٽي، مالڪي يا ٻي نسبت ڏيکاري ٿي. هلندڙ رواج موجب حالت "اضافت" کي حالت "جري" ۾ گڏي ڇڏيو اٿن. ڪن صاحبن جو رايو آهي ته حالت اضافت ڌار حالت ليکڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته اها فقط ٻن اسمن جي پاڻ ۾ مائٽي يا لاڳاپو ڏيکاري ٿي." (ص-13)

**ضمير:**

ضمير جي قسمن کان سواءِ ضميري پڇاڙين (Pronominal suffixes) کي اڪثر گرامر نويس ضمير متصل جي نالي سان الڳ اسم لکيو آهي. مرزا قليچ بيگ انهن کي ضمير خالص (Personal Pronoun) سڏي ٿو:

ضمير خالص ٻن قسمن جا آهن. هڪ سڄا لفظ جهڙوڪ آءٌ، تون ۽ هو، ٻيو پڇاڙين وارا جن کي متصل يا گڏيل ضمير چئبو آهي." (ص-21)

**صفت:**

صفت جا ٻه قسم آهن، وصفي (Qualitative) ۽ عددي (Quantitative) سنڌيءَ ۾ اڪثر صفتي لفظ اسم سان عدد ۽ جنس ۾ ڦرندا آهن، جن کي مرزا صاحب نج سنڌي لفظ سڏي ٿو:



"عدد ۽ جنس ۾ ڦرندڙ صفتون، نج سنڌي ٻوليءَ ۾ آهن، مگر فارسي ۽ عربي ٻولين جا صفتي لفظ جنس ۽ عدد ۾ نٿا ڦرن، جيئن خوبصورت ۽ خوش وغيره (ص 28)

سنڌيءَ ۾ صفت جو ڦيرو کائڻ ۽ نه کائڻ واريون ٻئي خاصيتون ڇو آهن؟ ان جو ڪو ٺوس سبب ته اڃا تائين ڪنهن به نه ڄاڻايو آهي، باقي مرزا صاحب جي راءِ ته نج سنڌي لفظ ڦرن ٿا ۽ ڌارين ٻولين جا لفظ نه ٿا ڦرن، صحيح نه ٿو لڳي، ڇو ته "چٽ" ۽ "ڳچ" جهڙا لفظ نج سنڌي آهن، جيڪي موصوف سان عدد، جنس ۽ حالت ۾ ڦيرو نه ٿا کائين. جيئن:

ڳچ ڪتاب (مذڪر جنس)
ڳچ پينون (مؤنث جنس)
چٽ ڇوڪرو (واحد مذڪر)
چٽ ڇوڪري (واحد مؤنث)
چٽ ڇوڪرا (جمع مذڪر)
چٽ ڇوڪريون (جمع مؤنث)

**فعل:**

فعل جا ٻه قسم آهن: لازمي ۽ متعدي. انهن ٻنهيءَ جا وري ٻه ٻه قسم آهن، لازمي معروف ۽ لازمي مجهول، متعدي معروف ۽ متعدي مجهول. مرزا قليچ بيگ صاحب پهريون ڀيرو ان ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪايو ته فعل لازمي صرف سنڌي ٻوليءَ ۾ مجهول (Passive) صورت وٺي ٿو:

"انگريزي، ۽ هاڻوڪي سنسڪرت ۽ ڪن ڏيهي ٻولين ۾

رڳو فعل متعديءَ جون معروف ۽ مجهول صورتون ٿين ٿيون. فقط سنڌي ٻولي ئي آهي، جنهن ۾ لازمي فعل نہ اهي ٻئي صورتون وٺن ٿا. اهو نمونو بلڪل قديم سنسڪرت مان ورتل آهي.“ (ص-34)

اهو نمونو قديم سنسڪرت مان ڪيئن ورتل آهي، ان جي مرزا صاحب ڪا وضاحت ڪونہ ٿو ڪري، جڏهن موجوده سنسڪرت ۽ ٻين ڏيهي ٻولين، جيڪي ڪن عالمن جي نظريي مطابق سنسڪرت جون ڌيئرون آهن، انهن ۾ فعل لازمي مجهول صورت نٿو وٺي تہ سنڌيءَ ۾ اها خوبي سنسڪرت مان ڪيئن آئي؟ جيڪڏهن اهو نمونو سنسڪرت جو آهي تہ ان ۾ موجوده دؤر ۾ ائين بہ هئڻ گهرجي. ڪٿي ائين تہ ناهي اها سنڌيءَ جي اصلي خوبي آهي ۽ سنڌيءَ مان قديم سنسڪرت ۾ وئي. جيڪا ان ۾ برقرار رهي نہ سگهي؟ (سراج ميمڻ جو نظريو ان جي پٺڀرائي ڪري ٿو.)

فعل جو بنياد ڪهڙو آهي؟ ان بابت بہ رايا آهن. ڪي امر کي ذاتو لکن ٿا (ڊاڪٽر ٽرمپ، منشي اڌارام، پيرومل ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا)، تہ ڪجھ عالم وري مصدر کي فعل جو بنياد يا ذاتو ڪري لکن ٿا. مرزا قليچ بيگ لکي ٿو:

”مصدر معنيٰ جنهن مان ٻيا لفظ صادر ٿين ٿا يا ڦٽن ٿا، مطلب تہ مصدر معنيٰ ذاتو يا بنياد. عربي ۽ فارسي ٻولين جا لفظ مصدر مان نهن ٿا، تنهنڪري ان تي اهو نالو رکيو اٿن. سنڌي ٻوليءَ ۾ فعل جو بنياد مصدر نہ آهي، تنهنڪري مصدر کي ذاتو يا بنياد ڪري ليکڻ غلط آهي.“ (ص-35)



اڳتي هلي نحو واري ڀاڱي ۾ مصدر جي وصف ۾ لکي ٿو:

”مصدر اهو لفظ يا اسم آهي، جنهن مان ٻيا لفظ صادر ٿين يا ڦٽي نڪرن.“ (ص-106)

سنڌي فعل جو بنياد امر (آخري سُر کان سواءِ) آهي، ڇاڪاڻ تہ مصدر پاڻ امر مان نڪتل آهي. سنڌي وياڪرڻ لکندڙن عربي گرامرن جي اصولن کان متاثر ٿي مصدر کي ذاتو لکيو آهي، ان باري ۾ ڊاڪٽر الانا صاحب لکي ٿو:

”سنڌيءَ ۾ لکيل گرامرن جو جڏهن جائزو وٺجي ٿو، تڏهن ڪيترائي اهڙا سوال پيدا ٿين ٿا ۽ انهن سوالن جي جوابن لاءِ جڏهن انهن ئي گرامرن جا صفحا اٿلائجن ٿا يا ڪنهن ڄاڻوءَ کان انهن سوالن جا حل طلب ڪجن ٿا، تڏهن ائين پيو معلوم ٿيندو آهي تہ ڄڻ ڪنهن بہ صاحب انهن لکيل وياڪرڻن ۾ بيان ڪيل نڪتن کان اڳتي وِک نہ وڌائي آهي. سنڌيءَ جا اهي گرامر جا ڪتاب ثابت ٿا ڪن تہ انهن جي لکندڙن اردو ۽ پارسيءَ جي پراڻن گرامرن کي سامهون رکي سنڌي ٻوليءَ جا گرامر جوڙيا آهن. اڄ جڏهن انهن گرامر جي ڪتابن کي تحقيقي نظر سان ڏسجي ٿو، تڏهن ڪي وصفون گرامر موجب ۽ ڪي علمي نالا سنڌي ٻوليءَ جي صرفي نحوي اصولن موجب عجيب لڳن ٿا، اهي يا تہ عربي صرف- نحو سان واسطو رکن ٿا ۽ يا تہ انگريزي گرامر جا چرچا آهن، جيڪي سنڌي صرف- نحو جي اصولن موجب قبول ڪري نہ ٿا سگهجن.“ [15]

علم صرف (Morphology) تي مرزا صاحب ڪان پهريائين ڪتاب لکيا ويا هئا، پر علم نحو (Syntax) تي پهريون ڪتاب مرزا قليچ بيگ لکيو. چاڪاڻ ته هن وٽ ڪوبه سنڌي نحو جو نمونو نه هو، انڪري هن روايتون ۽ اصول عربي، فارسي ۽ انگريزي ٻولين مان ڪنيا، جنهن جو ذڪر ديباچي ۾ ڪري ٿو:

"علم نحو ۾ گهڻو ئي ڪي داخل آهي جيئن ته، لفظن جي بناوت، جملن جي بناوت، انهن جي تقسيم ۽ ترتيب، تفريق، اشتقاق، اصطلاح، عروض، علمي صنعتون، جي سڀ خوش بياني، خوش ڪلامي، عبارت آرائي، مضمون نويسي، فصاحت، بلاغت ۽ حجت دليل لاءِ نهايت ضروري آهن. هڪڙو عربي پهاڪو آهي ته "ڪلام ۾ نحو اهڙو آهي، جهڙو طعام ۾ لوڻ" يعني انهيءَ ڪان سواءِ ڪلام ڦڪو ۽ بيسوادو آهي، نحو ساڻ سلوڻو ۽ لذيذ آهي. تنهنڪري ڪن دوستن جي صلاح سان مون عربي، فارسي ۽ انگريزي نحو جي گڏيل نموني تي هيءُ سنڌي نحو جو ڪتاب لکيو آهي."

هر ٻوليءَ جا اکر سُر (Vowels) ۽ وينجڻ (Consonants) ۾ ورهايل هوندا آهن. اهي ملي ڪري لفظ ناهيندا آهن، سُر ۽ وينجن ڇا آهن؟ مرزا قليچ بيگ لکي ٿو:

"ان بابت الف-ب جي اکرن مان هڪڙا بيمار نهرايائون ۽ ٻيا چڱا ڀلا بيمارن کي حرف علت چيائون، جو علت جي معنيٰ آهي بيماري ۽ بيمار کي عليل چون ۽ چڱن ڀلن کي



صحيح. بيمار هن ڪري چيائون جو ضعف ڪري ٻيا انهن کي پاڻ سان ونئي يا ڪٽي هلائيندا آهن ۽ اهي پنهنجي منهن ڌار هلي نه سگهندا آهن. اهي ٽي اکر نهرايائون- ا، و، ي. بيمار ماڻهو به وايءِ وايءُ ڪندو آهي ۽ حرف علت به اهي ٽي اکر ٿيا." (ص-77)

متئين وصف هن سائنسي دؤر ۾ قبول ڪري نٿي سگهجي. سُر ته پنهنجي ليکي ڌار هلي سگهندا آهن، البت وينجڻ بنا سُر جي ڪونه هلي سگهندا آهن. ان ڪان سواءِ سنڌيءَ ۾ سُر (Vowels) ٽي نه پر ڏهه آهن، جيڪي هيٺ ڏجن ٿا.

اَ، آ، اِ، اُو، اي، او، اي، او، اَي، ۽ اَو.

اِي، اُو، اَي، اَو ٻٽا سُر آهن، جن جا لکيل اهي حرف علت آهن. ٻٽن سُرن کي جن کي انگريزيءَ ۾ "Diphthong" چئبو آهي.

"Sindhi has a ten-vowel system, showing three-fold contrast in the tongue-position: front, central and back; and five- fold contrast in the tongue- height: high, lower- mid and low," (16)

موجوده دؤر ۾ سُر ۽ وينجن ۾ ڪهڙو فرق ڪيو وڃي ٿو، ان ڏس ۾ ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو لکي ٿو:

"اندرين هوا ڳالهائڻ واري حصي (Oral cavity) ۾ ڪنهن به هنڌ رڪجي ته آواز کي چئبو "حرف صحيح" ۽ بنا ڪنهن رڪاوٽ جي ان حصي جي گول يا ٿراڪڙي صورت جي آڌار تي هوا ٻاهر نڪري ته اهو آواز سڏبو

"حرف علت".[17] آڪسفورڊ ڊڪشنريءَ ۾ سُر (vowel) ۽ وينجڻ (consonant) جي وصف هن طرح لکيل آهي:

> Vowel –"A speech- sound made without audible stopping of the breath (opposed to a consonant)"
> Consonant -"An Alphabetic or phonetic element other than a vowel, and elementary sound of speech which in the formation of a syllable, is combined with a vowel. Applied both to the sounds and to the letters." (The Oxford English Dictionary, P - 778,vol: iii).

اينسائيڪلو پيڊيا آف لئنگئيج ۾ حرف علت جي وصف هن طرح لکيل آهي.

> "A vowel is a sound in which there is narrowing or obstruction between the supera laryngeal articulators and hance no turbulence or a total stopping of the air can be perceived."

علم اللسان (Linguistics) ۽ صوتيات (Phonology) جو ماهر ڊاڪٽر غلام علي الانا سُر جي وصف هن طرح بيان ڪري ٿو:

> "سُر هڪ ڳرو آواز آهي، جنهن جي اچارڻ مهل هوا نڙيءَ ۽ وات واري ڪوپي مان، هڪ روان لهر (Continuous Stream) جي روپ ۾ لنگهندي آهي. "نيڪاس" وقت هوا کي نہ ڪٿي روڪ ٿيندي آهي ۽ نہ وري مخرج وٽ اچار دؤران هوا جي لنگهہ ۾ ڪا سوڙهہ يا گهٽ ڪئي ويندي



> آهي. جنهن جي ڪري هوا جي نيڪاس مهل "گهٽ" وٽ ڪو گهِڪو ٿئي، جنهن آواز ۾ اهي جملي خصوصيتون موجود هجن، تنهن کي سُر چئبو آهي." [19]

ٻولي هڪ سرشتو يا نظام (System) آهي، هر لفظ جي هڪ مقرر جڳهہ هوندي آهي، جيڪڏهن ڪنهن بہ ٻوليءَ جي لفظن کي ان جي نظام تحت نہ رکيو وڃي تہ اهي صحيح مفهوم ادا ڪري نہ سگهندا. سنڌي نحو ۾ لفظن جو انتخاب (Selection) ۽ انهن جي ترتيب (Order) اهم آهي. سنڌيءَ ٻوليءَ جو ستاءُ فاعل-فعل وارو آهي، جنهن ۾ فاعل پهرين ۽ فعل پوءِ ايندو آهي.

"نحو جا يا نحو جي قانون جا ٽي قسم آهن. مناسبت، انتظام ۽ ترتيب. مناسبت جي معنيٰ آهي مبتدا ۽ خبر يا جملي جي لفظن جي جنس، عدد، حالت، زمان وغيره جي نظريي تي پاڻ ۾ موافقت. انتظام اها طاقت يا اهو عمل آهي جو هڪڙي لفظ جو ٻئي لفظ تي رهي، حالت زمان وغيره ۾، "ترتيب" جو مطلب آهي جملي ۾ سڀ ڪنهن لفظ کي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي رکڻ يا بيهارڻ." (ص- 124)

ان ڪان سواءِ هن حصي ۾ مرزا قليچ بيگ علم نحو جو ٻين علمن سان واسطو بہ ڏيکاري ٿو، جنهن ۾ علم اِملا، صرف، منطق، معنيات ۽ بديع اچي وڃن ٿا. علم نحو (Syntax) جو علم صرف (Morphology) ۽ علم املا (Spelling) سان ڪهڙو واسطو آهي؟ لکي ٿو،

"حرفن مان لفظ ۽ لفظن مان جملا ٿا ٿين، حرفن جي بابت

جيڪو علم آهي تنهن کي ”علم اِملا“ ٿا چون. لفظن جي صورتن ۽ حالتن ڦرڻ گهرڻ کي ”صرف“ ٿا چون ۽ لفظن مان جملن نهڻ ۽ انهن جي ترتيب ۽ تفريق کي علم ”نحو“ ٿا چون. جيئن حرفن ۽ لفظن جي سڃاڻپ جملن لاءِ ضروري آهي، تيئن علم اِملا ۽ علم صرف علم نحو جي لاءِ ضروري آهن.“ (ص-145)

”اِملا“ کي سنڌيءَ ۾ ’صورتخطي‘ به چئبو آهي، جنهن جو مطلب آهي اکر ڳنڍي لفظ ٺاهڻ. حرفن کي ملائي ڪيئن لکجي مثلاً ”ماڻهو“ ۽ ”ماڻهون“- انهن ٻن صورتن مان هڪ جي آخر ۾ ’ن‘ آهي، اهو ’ن‘ لکجي يا نه؟ ڇا درست آهي؟ ڇا غلط آهي؟ اهي مسئلا هڪ معياري ۽ درست رسم الخط يا صورتخطي مقرر ڪري حل ڪيا ويندا آهن. ڊاڪٽر غلام علي الانا ”سنڌي صورتخطي“ تي پورو ڪتاب لکيو آهي. اڪثر ماڻهو لپي (Script) املا ۽ صورتخطي (Spelling) ۽ الف ب (Alphabet) ۾ منجهي هڪ ٻئي جي جاءِ تي استعمال ڪندا آهن. صورتخطيءَ بابت ڊاڪٽر الانا لکي ٿو:

ڪنهن به زبان ۾ لفظن ۽ جملن جي لکت لاءِ آوازن جي تحرير ٿيل صورتن (لکت وارن نشانن) کي اهڙي نموني استعمال ڪرڻ جو اها لکت سڄي ملڪ لاءِ هڪجهڙي معياري ۽ درست هجي. معياري ۽ هڪجهڙي صورتخطيءَ جو مطلب هي آهي ته لسانيات جي اصولن موجب ڌار ڌار خطن ۾، ڪن لفظن جي ڌار ڌار اچار (variant pronounciation) ڪري، اچار موجب ڌار ڌار نموني



لکڻ، يعني هڪ لفظ کي ڌار ڌار خطن ۾ اتي جي لهجي ۽ اچار موجب ڪتابن ۾ ڌار ڌار نموني ۾ لکڻ، اهو درست نه آهي.“ [20]

مثال طور: ”ٿي“ يا ”چنڊ“ جي اچار ۾ اتر سنڌ ۾ هلڪو ”ر“ جو آواز ملايو ويندو آهي، پر معياري لهجي مطابق ان کي لکيو نه ويندو آهي. يا وري لاڙڪاڻي جا ماڻهو ”مڇي“ جو اچار ”مشي“ ڪندا آهن. پر لکيو هر هنڌ معياري لهجي مطابق ”مڇي“ ويندو آهي.

مرزا صاحب جو ’نحو‘ تي لکيل پهريون ڪتاب آهي ۽ اڄ ڏينهن تائين هن علم (نحو) تي ٻئي ڪنهن به پورو ڪتاب نه لکيو آهي، ان ڪري هي بنيادي ۽ اهم ڪتاب آهي. جناب امداد حسينيءَ جي اها راءِ درست آهي ته:

”مرزا قليچ جون جيڪي سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب لاءِ خدمتون آهن، تن جو ته ڪو ڪاٿو ئي ڪونهي. سنڌ جي هن عظيم سپوت جيڪي تصنيفون ڏنيون ۽ پن پن موضوعن تي ڏنيون آهن اهي لازوال آهن. اهي ان سون وانگر آهن، جنهن تي ڪڏهن به ڪٽ نٿي چڙهي. ترجمي، تحقيق ۽ تخليق جي ڏس ۾ قليچ جيترو پاڻ ملهايو آهي، اوترو ڪنهن به پاڻ نه ملهايو آهي.“ [21]

## نتيجو:

مرزا قليچ بيگ هڪ عالم فاضل شخصيت هئي. هن کي ڪيترن ئي ٻولين تي دسترس هئي، جنهن جو ثبوت مرزا صاحب جي

ڪيل ترجمن مان ملي ٿو. هو انگريزيءَ سان گڏ عربي ۽ فارسي به چڱي طرح ڄاڻيندو هو. هن جي لکيل گرامر جي خاص ڳالهه ۽ اهميت اها آهي ته ان ۾ علم نحو (Syntex) تي به لکيو ويو آهي. جيتوڻيڪ هن سنڌي وياڪرڻ کي عربي ۽ فارسي گرامر جي اصولن مطابق پيش ڪيو آهي. انڪري کي وصفون ۽ ڳالهيون سنڌي وياڪرڻ جي حوالي سان قبول ڪري نٿيون سگهجن، پر تنهن هوندي به مرزا صاحب سنڌي وياڪرڻ ۾ ڪيترين ئي نين شين کي متعارف ڪرايو. هن ڪتاب جي ٻي خوبي اها آهي ته هر باب جي آخر ۾ ضميمو ڏنل آهي، جنهن ۾ ان باب جا سوال ۽ پوءِ انهن جا جواب ڏنل آهن، جنهن سان پڙهندڙ جي مشق ٿي وڃي ٿي.

**(6) وڏو سنڌي وياڪرڻ** (پيرومل مهرچند آڏواڻي- 1925ع)

ڪاڪي پيرومل آڏواڻيءَ جو شمار ورهاڱي کان اڳ جي ناليوارن ۾ ليکڪن ۾ ٿئي ٿو. هن نثر توڙي نظم ۾ پاڻ ملهايو، هو لسانيات جو ماهر، تاريخ جو ڄاڻو، محقق ۽ مصنف پڻ هو. سنڌي زبان جي قدامت جي ڄاڻ ۽ ارتقا بابت جيڪو بنيادي ڪم ٿيو آهي، ان ۾ ڪاڪي پيرومل جو شمار پيڙهه جي پٿر رکڻ وارن مان آهي. ڪاڪي پيرومل مختلف موضوعن تي ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن جو مجموعي انگ ٽيونجاهه آهي. انهن ۾ "وڏو سنڌي وياڪرڻ" تمام اهم ڪتاب آهي، جيڪو هن 1925ع ۾ لکيو، جنهن جو ٻيو ڇاپو 1985ع ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ طرفان ڇپايو ويو آهي. هن ڪتاب جو پهريون باب آئيوٽا يا اکرن بابت آهي ان ۾ ڪاڪو پيرومل حرف علت



(Vowel) ۽ حرف صحيح (Consonant) جي وصف ۾ لکي ٿو،

> "سڀني ٻولين جا اکر ٻن مکيه دفعن ۾ ورهايل آهن 1. حرف صحيح يعني سالم يا ڏاڍا اکر 2. حرف علت يعني ضعيف يا ڪمزور اکر، اهي برابر ڪمزور آهن، ڇاڪاڻ ته اهي پنهنجا اچار سولائيءَ سان ٿا بدلائين، جيئن "چوڪري"- "چوڪر" (اي گهٽي) جيڪي حرف صحيح آهن سي صحيح سلامت يا جيئن جو تيئن رهن ٿا، يعني اهي پنهنجو اچار اهڙو سترو نٿا ڦيرائين." (ص-16)

ان دؤر ۾ حرف علت ۽ صحيح جي اهائي وصف مقرر ڪئي وئي هئي. اها اڳ ۾ به ڏئي آيا آهيون. ڪاڪي پيرومل آڏواڻيءَ ڳالهائڻ جي لفظن (Parts of Speech) جا اٺ قسم لکيا ويا آهن.

**اسم:**

سڀ کان اول پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ اسم جا ٽي قسم "عام"، "خاص" ۽ "ذات" لکيا آهن، وري انهن قسمن کي "ذاتي" ۽ "صفاتي" اسمن ۾ به ورهائي ٿو:

> "ڪنهن جي نالي چوڻ ته هي "خاص" يا عام" آهي سا ٽي صفت ڪرٽي، تنهنڪري اسم خاص ۽ اسم عام انهن ٻنهيءَ کي گڏي " صفاتي اسم" چئبو آهي ۽ جيڪي نالا ذاتي سياون، ڪمن ۽ حالتن تي رکيل آهن، تن کي ذاتي اسم چئبو آهي." (ص-25)

سنڌيءَ ۾ سڀئي جاندار توڙي بي جان شيون ٻن جنسن مذڪر

ءَ مؤنث ۾ ورهايل آهن. اسم جي آخري اعراب مان مذڪر ۽ مؤنث جي خبر پوندي آهي. اهي اسم جن جي آخر ۾ زبر هوندي آهي، گهڻو ڪري مؤنث هوندا آهن، تنهن کان سواءِ آ، اِ، اِي، پڇاڙين وارا اسم اڪثر مؤنث آهن. اهڙا ڪجهه مثال مذڪر جا به ملن ٿا جن کي استثنيٰ (Exception) قرار ڏنو ويو آهي. مثلن: هاٿي، مالهي، راجا، ديوتا، سيٺ، ڌوٻي، پاڻي وغيره.

ڪاڪو ڀيرومل لکي ٿو:

"سنسڪرت ۾ "اَ" پڇاڙيءَ وارا اسم گهڻو ڪري سڀ مذڪر ۽ سنڌيءَ ۾ سڀ مؤنث، اهو الٽو ليکو هن ڪري ٿيو آهي، جو سنسڪرت مؤنث پڇاڙي "آ" جو اچار سنڌيءَ ۾ گهٽائي "اَ" ڪريون ٿا، جيئن "پيڙا" مان "پيڙ" "ويلا" مان "ويل". اُهي اسم، جن جي آخر ۾ "اُ" اچي ٿو، سي مذڪر آهن. ان کان سواءِ "اُو"، "اون"، "اَو"، به مذڪر پڇاڙيون آهن. ڪجهه مثال مؤنث جا به ملن ٿا، جيڪي مستثنيٰ جي دائري ۾ اچي وڃن ٿا. مثلاً: "ماءُ"، "وڄُ"، "آبرو"، "يونءِ" وغيره. سسنسڪرت ۾ "او" پڇاڙيءَ وارا اسم گهڻو ڪري سڀ مؤنث آهن. جيئن "وڏو" جنهن جي بدران چئون "وهُو" معنيٰ زال يا ننهن. "اَوُ" پڇاڙي وارا اسم مذڪر آهن، جيئن "ڪدُو" ۽ "ماٺهو" اهو الٽو ليکو هن ڪري بينو آهي، جو مذڪر جي نشاني "او" جي بدران پهرين "ا" پوءِ "اُ" ڪيو اٿئون. جيئن رامو- رام- رامو."

(ص-32)



واضح رهڻ گهرجي ته ڪاڪو ڀيرومل ان نظريي جو هو ته سنڌي سنسڪرت جي ڄائي آهي. هن سنسڪرت جا درجا ورهائي سنڌيءَ کي وراڇد اپڀرنش مان نڪتل سڏيو. ان ڪري هن کي سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ جتي به ڪو باقاعده فرق (Consistent difference) نظر اچي ٿو. پوءِ اهو ڪا ترڪيب هجي يا وري لفظن جا ڌاتو هجن، هو ان کي ڪنهن نه ڪنهن طريقي سنسڪرت سان ملائي ٿو. انهيءَ لاءِ تاريخي لسانيات جي ماهر سراج صاحب لکيو آهي ته،

"ڪاڪي ڀيرومل جهڙو مڙس به هڪ طرف سنڌ جي قدامت ۽ سنڌين جي قديم ترين تمدن جا ڳڻ ڳائڻ لڳو ۽ جڏهن لفظن جي پيچ گهڙ تي آيو ته ساڳو يورپ وارو اندازو ته ضرور سنسڪرت مان نڪتي هوندي ۽ بلڪل ابتي پير هلڻ شروع ڪيائين. جيڪي سڏا سنوان اصلوڪا سنڌي لفظ هئا، تن لاءِ ائين چيائين ته اهي به سنسڪرت مان نڪتا هوندا." (ص-22)

ٻي جان شيون ڪجهه ٻولين ۾ (سنسڪرت انگريزي وغيره) ۾ الڳ جنس ۾ رکيون وينديون آهن. انگريزيءَ ۾ ان کي ٻي جان (Neuter gender) چيو ويندو آهي، جيئن "ڪتاب"، "ٽيبل"، "قدم" وغيره، جنس ٻي جان جا مثال آهن. سنڌيءَ ۾ ٻي جان شين کي به جنس جي دفعي ۾ آندو ويندو آهي، ان سان ڪٿي ڪٿي جيڪو مونجهارو پيدا ٿئي ٿو، ان جو ذڪر ڪندي ڀيرومل صاحب لکي ٿو:

"سنڌيءَ ۾ جنس ٻي جان ڪانهي ۽ ان جو نتيجو اهو ٿيو

آهي، جو ڪي لفظ هڪ هنڌ جنس مذڪر ته ٻئي هنڌ جنس مؤنث پيا ليکجن جيئن "رت" لفظ عام طرح جنس مذڪر ليکجي ٿو پر سرحد سنڌ ڏي چون "رتِ" (جنس مؤنث) هن قسم جي مونجهاري لاهڻ لاءِ ڪي به قاعدا جوڙڻ مشڪل آهي." (ص- 34)

سنسڪرت ۾ جنس بي جان آهي. ڪاڪو ڀيرومل ۽ ڊاڪٽر ٽرمپ سنڌيءَ ۾ جنس بي جان نه هئڻ کي سنسڪرت کان ڌار ٿيڻ لاءِ سنڌيءَ جو کنيل پهريون قدم سمجهن ٿا. ڪاڪو ڀيرومل لکي ٿو:

"سنسڪرت کان ڇڄي ڌار ٿيڻ لاءِ سنڌي ٻوليءَ پهريون هي قدم کنيو آهي، جو جنس بي جان ڪڍي ڇڏي اٿس. جن لفظن جي اصل جنس بي جان هئي تن مان ٿورا مؤنث ليکجن ٿا ۽ گهڻا "او" (اون) پڇاڙي وٺي بيٺا آهن، جنهن ڪري اهي مذڪر ليکجن ٿا، جيئن 'هنئون' (دل) ۽ "پريتڙو" (پريت) اها "اون" پڇاڙي اصل جنس بي جان جي نشاني هئي ۽ اها اڄ تائين گجراتي ٻوليءَ ۾ آهي." (ص- 35)

ڊاڪٽر ٽرمپ جي به هيءَ راءِ آهي ته،

"The Sindhi has lost the neuter…This, as it seems, has been the first step to break the fetters of the old compact mother tongue, and to initiate the levelling process of the present idioms." (A grammar of Sindhi language)(pp32)

## حالتون:



جملي ۾ اسم يا ضمير جو ٻين لفظن سان لاڳاپو ڏيکارڻ لاءِ انهن جي صورت ۾ جيڪا ڦيرڦار ٿئي ٿي، تنهن کي اسم يا ضمير جي حالت (Case) چئبو آهي. اسم جون حالتون ڪيتريون آهن، انهيءَ بابت شروع کان وٺي اتفاق نظر نٿو اچي، ڪن عالمن اٺ حالتون لکيون آهن ته ڪن وري ٽي ڪري ڇڏيون آهن. ڪاڪي ڀيرومل به اسم جون ٽي حالتون فاعلي (Nominative) مفعولي (Objective) ۽ جري (Ablative) لکيون آهن، ان جو سبب ڄاڻائيندي پنهنجي "منڍ" واري بيان ۾ لکي ٿو:

"هيٺين صاحبن جي راءِ آهي ته اسمن جون فقط ٽي حالتون سيکارجن، حالت فاعلي، مفعولي، ۽ جري 1. شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ 2. راءِ صاحب پريداس شيوڪ رام 3. ديوان ريواچند دولترام آڏواڻي 4.پروفيسر ايچ ايم گربخشاڻي 5. گلاب سنگهه سنگهه گدواڻي 6. ليلا رام پريمچند واڌواڻي 7. ڏيارام وسٽمل ميرچنداڻي."

مٿئين بيان مان ظاهر ٿئي ٿو ته ان دؤر ۾ باقاعدي بحث مباحثي کان پوءِ اسم (۽ ضمير) جون ٽي حالتون مقرر ڪيون ويون هيون. ڪاڪو ڀيرومل "حالت اضافت" کي "حالت جريءَ" سان سملائيندي لکي ٿو.

"ڇوڪر جو خط"- هتي "ڇوڪر" ۽ "خط" جو پاڻ ۾ لاڳاپو آهي. هتي "ڇوڪر" جي حالت اضافت يعني لاڳاپي ڏيکاريندڙ حالت (اضافت= لاڳاپو) آهي. پر "جو" حرف اضافت ڪي

"حرف جر" جي دفعي ۾ ليکين ٿا، تنهن ڪري هلندڙ رواج پٺاندڙ "چوڪر" جي حالت جري چئبي." (ص- 45)

جيئن ته اهو هڪ اصول مقرر ڪيو ويو هو ته حالت اضافت کي "جريءَ" ۾ آڻڻ گهرجي، تنهن ڪري ڪاڪو پيرومل به انکي "هلندڙ رواج پٺاندڙ" حالت جري لکي ٿو. نه ته هو پاڻ ان کي هڪ الڳ قسم سمجهي ٿو، جيئن فوٽ نوٽ ۾ لکيو اٿس:

"جنهن اسم جي حالت جري چئجي ٿي، سو هڪ قسم جو مفعول آهي پر جنهن اسم جي حالت اضافت چئجي ٿي، تنهن جو جملي جي فعل سان مفعول وارو لاڳاپو ڪونهي، تنهن ڪري ائين چوڻ ته حالت اضافت آهي حالت جريءَ جو هڪ خاص قسم، سو غلط آهي. هلندڙ رواج موجب جنهن اسم پٺيان حرف جر اچي ٿو، تنهن جي حالت جري چون ٿا ۽ حالت اضافت ۾ "جو"، "سندو" ۽ "وارو" حرف جر ڪم اچن ٿا، تنهن ڪري حالت اضافت کي حالت جريءَ ۾ ڳڻي ڇڏيو اٿن نه ته حقيقت ۾ ٻنهي حالتن جو هڪ ٻئي سان ڪوبه لاڳاپو ڪونهي". (ص-45)

اضافت وارا لفظ اڪثر صفت جي جاءِ تي استعمال ٿيندا آهن. يعني اضافت اڪثر ڪا صفت ڏيکاريندي آهي، جيڪا ان شيءِ جي جنس، عدد ۽ حالت سان نهي ايندي آهي، جنهن جي اضافت ڏيکاريندي آهي، ان ڪري اڳتي هلي ڪاڪو پيرومل چوي ٿو ته اسم جي پويان "جو"، "سندو"، "وارو" اچڻ ڪان پوءِ اها صفت جي ترڪيب ٿي پوي ٿي،



ان ڪري انکي حالت جري يا اضافت چوڻ ٺي غلط آهي:

"سچ پچ سنڌيءَ ۾ حالت اضافت رڳو نالي جي حالت آهي، ڇاڪاڻ ته جن اسمن جي پٺيان "جو"، "سندو"، "وارو" لفظ اچن ٿا سي ڦري صفت ٿيو پون، جيئن "هنر وارو"، "عقل وارو"، 'هوش وارو' لفظ صفتون آهن. 'منهنجو ڪتاب ڦاٽي پيو' هتي "منهنجو" لفظ صفت آهي ۽ اتي ان جي حالت اضافت يا جري چوڻ ٺي غلط آهي. "اشرافن سندو اولاد ڪهڙو اولاد؟ "سندو" هي لفظ ڇڻ ته اولاد جي صفت ڪن ٿا. اهڙيءَ طرح اهي لفظ جي حرف اضافت سڏجن ٿا، سي در حقيقت صفتي پڇاڙيون ٿي ڪم اچن ٿا. جيڪڏهن ترڪيب ڪرڻ جو اهو نمونو (صفت ڪري ليکڻ جو) وٺبو ته حالت اضافت جو نالو نشان به ڪونه بچندو." (ص-53)

اضافت وارا لفظ صفت طور استعمال ٿين ٿا، پر صفت آهن ڪونه. "چوڪري جو ڪتاب" اتي "جو" صفت نه پر "حرف اضافت" آهي. "مون وارو ڪتاب ڪيڏانهن ويو؟" هن جملي ۾ "وارو" صفت طور استعمال ٿئي ٿو، اهو ڪتاب ڪي سڃاڻپ ڏئي ٿو. ان جملي کي هيئن به لکي سگهجي ٿو، سنو ڪتاب ڪيڏانهن ويو؟ هن جملي ۾ "سنو" صفت آهي. اهو لفظ جيڪو سڏ ڪرڻ جي ڪم اچي، ان کي حرف ندا چئبو آهي ۽ اهو اسم جيڪو سڏ ڪرڻ لاءِ ڪم اچي ان کي حالت ندا (Vocative case) چئبو. "چوڪرخط لک"، هتي "چوڪر" لفظ سڏ ڪرڻ لاءِ آيو آهي، تنهنڪري ان جي حالت ندا چوندا آهن. جملي ۾ "جو" اسم سڏ ڪرڻ لاءِ ڪم اچي ٿو، تنهن جي حالت ندا چون ٿا. پر اهڙي

اسم کي "ندا جو فاعل" ڪوٺڻ گهرجي" (ص-45)

ڪنهن بہ اسم جو سيني حالتن ۾ واحد (Singular) توڙي جمع (Plural) ۽ مذڪر (Mascular) توڙي مؤنث (Feminine) جي صورت ۾ مٽجڻ کي "ڦيرو" چئبو آهي، مثلاً اسم "ڇوڪرو" جو ڦيرو هيٺ ڏجي ٿو:

حالت فاعلي: **ڇوڪرو** ڪم ڪري ٿو.

حالت مفعولي: قاتل **ڇوڪرو** ماريو.

حالت جري: 1. **ڇوڪرو** اسڪول کان موٽيو (فعل لازمي)

2. استاد **ڇوڪري** کي سزا ڏني.

حالت اضافت: هي **ڇوڪري** جو ڪتاب آهي.

حالت ندا: **ڇوڪرا!** هيڏانهن اچ

زمان حال: 1. **ڇوڪرو** ڊوڙي ٿو. (فعل لازمي)

2. **ڇوڪرو** روڊ تي ڊوڙي ٿو.

زمان ماضي: 1. **ڇوڪرو** ڊوڙيو (فعل لازمي)

2. **ڇوڪري** روڊ تي ڊوڙيو (فعل لازمي)

زمان مستقبل: 1. **ڇوڪرو** ڊوڙ

2. **ڇوڪرو** روڊ تي ڊوڙندو (فعل متعدي)

مٿين مثالن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ فرق فعل جو آهي. فعل لازميءَ ۾ فاعل ۾ ڦيرو نہ ٿو اچي، جڏهن متعدي استعمال ٿئي ٿو تڏهن ڪ صورتن ۾ فاعل ۾ ڦيرو اچي ٿو.

"اسمن جو سچو پچو ڦيرو اهو آهي، جنهن ۾ رڳو پڇاڙين



ڦيرائڻ سان جدا جدا حالتن جو مطلب پاڻيهي ظاهر ٿئي ٿو. پر گهڻين حالتن جون پڇاڙيون سنڌيءَ مان گم ٿي ويون آهن ۽ باقي جيڪي ٿوريون آهن، سي شعر ۾ ڪم اچن ٿيون. نثر ۾ لفظن کي اڪثر رڳو عام صورت ۾ بيهاري پوءِ جدا جدا حالتن جي معنيٰ ظاهر ڪرڻ لاءِ جدا جدا قسمن جا حرف جر گڏبا آهن، تنهن ڪري چئبو تہ سچو پچو ڦيرو جنهن کي چئبو آهي سو سنڌيءَ ۾ ٿيندو ئي ڪونهي." (ص-58)

پڙهئا پڙيجاهہ، سبق انهيءَ سورجو

(پڙيجاهہ- اوهين پڙهندا رهو)

تِهان پوءِ سئا سهُٽيءَ سڏ ميهار جا

(تِهان- تنهن کان)

**ضمير:**

ڪاڪي پيرومل ضمير جا ست قسم لکيا آهن. قسمن کي مثالن سمجهائي انهن جي استعمال جو طريقو "ڪم آڻڻ جي ريت" بہ بيان ڪئي آهي ضميري پڇاڙين کي ضمير خالص جو قسم سڏي ٿو.

**صفت:**

صفت اهو لفظ آهي جو اسم يا ضمير سان لاڳو ٿي ان بابت ڪجهہ حقيقت ڄاڻائي ٿو. ڪاڪي پيرومل صفت کي ٽن قسمن: وصفي (Qualitative)، عددي، (Quantitative) ۽ ضميري صفت (Pronominal Adjective) ۾ ورهايو آهي، ضميري صفت جي سمجهاڻيءَ ۾ لکي ٿو:

"هي ماڻهو"، "اهي زالون" (ضمير اشارو ويجهو)
"هوُ ماڻهو" "اهُي زالون" (ضمير اشارو ڏور)
"جو ڪتاب"، "جيڪو ڪتاب" (ضمير موصول)
"سو ماڻهو"، "سي زالون" (ضمير جواب موصول)
"منهنجو ڪم"، "تنهنجي ڳالھ" (اضافتي ضمير)
هن طرح جيڪي ضمير صفت ٿي ڪم اچن ٿا، تن کي ضميري صفت چئبو آهي." (ص-75)

جيڪي صفتون اسمن جي ڪنهن خاصيت، درجي يا قسم متعلق ٻڌائين، انهن کي "وصفي" چئبو آهي. جڏهن ڪنهن صفت جي ساڳئي جنس واري ٻي صفت سان ڀيٽ ڪجي ته ان کي صفت تفصيل (Comparative) چئبو آهي ۽ جڏهن وري ڪنهن صفت کي ساڳئي قسم وارن سڀني شين سان ڀيٽجي ته ان کي صفت مبالغو (Superlative) چئبو آهي. ڀيٽ جي درجن کي هن طرح ظاهر ڪيو ويندو آهي.

"اٺ گھوڙي کان وڏو آهي". صفت تفصيل ("گھوڙي"- حالت جري)،
"هاٿي سڀني چوپاين کان وڏو آهي". صفت مبالغو ("چوپاين" حالت جري)

مطلب ته جنهن اسم سان ڀيٽ ڪرڻي هوندي آهي، تنهن کي حالت جريءَ ۾ آڻبو آهي، جنهن لاءِ "کان"، "۾"، "منجهه"، "منجهان" حرف جر ڪم آڻبا پون ٿا." (ص-80)

عددي صفت جا ٻه قسم ٻُڌايا ويا آهن. عدد شماري (Cardinal) ۽ عدد قطاري (Ordinal). انگ پهرين ڪهڙي ٻولي، علائقي ۽ قوم ۾ رائج ٿيا؟ اهي ڪهڙي ٻوليءَ مان ٻين ٻولين ۾ منتقل ٿيا؟ انهن



بابت لکندي ڀيرومل مطابق سنڌي انگن جا نالا سنسڪرت تان ورتل آهن.

"انگن ۾ پهريون آهي "هڪ" يا "هڪڙو" جو اصل سنسڪرت لفظ "ايڪن" آهي. سنسڪرت ۾ "اي" معنيٰ اچڻ ۽ "ڪن" معنيٰ وڃڻ: "ايڪن" معنيٰ جو پاڻيهي اچي ۽ پاڻيهي وڃي يعني اڪيلو يا ڇڙهو. هن کان وٺي نون تائين جيڪي انگ آهن سي "ايڪن" يعني "ايڪا" يا "يڪا" آهن، ڇاڪاڻ ته ٻيو ڪو انگ ساڻ ڪونہ اٿن "ايڪن" جو اچار ڦيرائي "ايڪ"- "هيڪ"- "هڪ" ۽ "هڪڙو" (هڪ+ڙو) چئون ٿا." (ص-82)

سنڌي ٻوليءَ جي نامياري دانشور سراج صاحب مطابق! سنڌي انگن جي باري ۾ ٻه اڪثر ماهرن سنسڪرت ڏانهن ڏنو آهي. جيڪا ڳالهه انهن عالمن لاءِ قابل قبول ناهي. جيڪي سنڌيءَ کي سنسڪرت مان نڪتل نٿا سمجهن. محترم سراج سنڌيءَ کي هڪ اصلوڪي بنيادي ٻولي سمجهي ٿو، هو لکي ٿو:

"سنڌيءَ جي قدامت جو هڪ وڏو ثبوت انگن مان ٻه ملي ٿو. سنڌيءَ جي انگن مان معلوم ٿئي ٿو ته هند-آريائي زبانن مان پراڻي ۾ پراڻي صورت سنڌي انگن جي آهي. سنڌي "هڪ" کي اسين "ايڪو" ٻه چئون ٻين ٻولين ۾ اهو ٻنهي صورتن ۾ موجود آهي. سنسڪرت "اِڪ" ۽ "ايڪ"، هِتي "ايڪ" ۽ "هيڪ"، (اويستا- ايئوا، يوناني- ايئس، لئٽن- اونس، گاٿڪ- اِنيس) سنڌي "هڪ" جو وڌيڪ مثال

ان جي وقتي شمار جي صورت "هيڪر"، اويستا
"هيڪرت" مان ملي ٿو." (23)

سنسڪرت کي آرين (Aryan) جي ٻولي چيو ويندو آهي. انگن جو بنياد ڪهڙي قوم وڌو پيرومل صاحب جوخيال آهي ته،

"هندن جي شاسترن پٽاندڙ پڳوان جو خزانچي ڪبير ديوتا آهي، جنهن جي هٿ ۾ نوَنڌيون يعني نو خزانا آهن. انهن نون نڌين مان هڪ جو نالو ڪرب ٻئي جو نيل ۽ ٽئين جو پدم آهي. پروفيسر مئڪس مولر لکي ٿو ته انگن جوڙڻ جو خيال اول آڳاٽن آريا لوڪن کي آيو، جن انگ ناهي مٿن سنسڪرت نالا رکيا ۽ اهي ساڳيا نالا ٻين گهڻين ٻولين ۾ رڳو اچار ڦيرائي ڪم پيا آڻين." (ص- 84)

انهيءَ ڳالهه سان سراج صاحب جهڙا عالم متفق نٿا ٿي سگهن، چو ته آرين جي اچڻ کان پهرين سنڌ هڪ خوشحال ۽ شاهوڪار علائقو هو، معاشي حوالي سان به ته وي ثقافتي حوالي سان به، ظاهر آهي ته انهن وٽ ڳڻپ جو پنهنجو نظام هوندو.

"ڪن اسڪالرن جو خيال آهي ته سنڌ جي اها تهذيب دراوڙي هئي، ڪن جو خيال آهي ته آرين جي هئي، ڪي انکي سمير ۽ بابل جي تهذيبن واري سلسلي جي ڪڙي سمجهن ٿا ته ڪي وري ان کي سنڌ جي پنهنجي ديسي تهذيب ٿا سڏين. بهرحال هن هڪ ڳالهه تي سيئي متفق آهن ته اها تهذيب آريه دؤر جي ڌرمي ڪتابن ويدن لکجڻ کان اڳ جي آهي، ويدڪ دؤر ۾ پدري سماج هو. جڏهن ته هن



دؤر ۾ مادري سماج جا اهڃاڻ ملن ٿا." (24)

سپ کان پراڻو ويد اٿر ويد آهي ۽ اهو موهن جي دڙي واري دؤر کان اٽڪل هڪ هزار سال پوءِ لکيو ويو. آرين جي اچڻ کان پهرين موهن جي دڙي جي ماڻهن وٽ انگن جو هڪ باقاعده نظام هو، جيڪو ايڪن ڏهاڪن وارو هو ۽ اڄ سڄي دنيا ۾ رائج آهي.

"اها ته پراڻي تاريخ آهي ته عربن هندسه يعني انگن جو علم هندستان ۽ خاص طور سنڌين کان سکيو پر ان کان به پراڻي تاريخي روايت آهي ته انگي حساب هندستان مان ئي فونيشلوڪن وٽ پهتو، جن جي پوئين سڄي يورپ ۾ پکڙيو. موهن جي دڙي ۾ انگن جو حساب ڏسي، اهو يقين ڪرڻو ٿو پوي ته دنيا جي موجوده ڳڻپ جي طريقي ايڪن، ڏهاڪن ۽ سون جو موجوده سلسلو موهن جي دڙي جي ماڻهن جي ايجاد آهي، جتان پوءِ مصر، سمير،بابل، فونيشا ۽ قبرص وغيره پهتو." (25)

**فعل:**

سنڌي ٻوليءَ جي نحوي سٽا فاعل فعل واري آهي. اهو فعل جيڪو اهڙو ڪم يا حالت ڏيکاري جنهنجو لاڳاپو صرف فاعل سان هجي ان کي "فعل لازمي" (Intransative) چيو ويندو آهي. جيڪو فعل اهڙو ڪم ڏيکاري جو فاعل ڪري ٿو ۽ ان جو اثر ٻئي ڪنهن تي پوي ٿو، تنهن کي فعل متعدي" (Transitive verb) چئبو آهي. متعدي فعل جي جملي ۾ مفعول کان سواءِ مڪمل معنيٰ نه نڪرندي آهي.

مثال طور: "هو ڪائي ٿو" يا وري "ارشد لکي ٿو" جملي مان

پورو مفهوم سمجهه ۾ نٿو اچي. اهي جملا هيٺين ريت لکبا، تڏهن وجي پوري معنيٰ نڪرندي:

1. هو **ماني** کائي ٿو.
2. ارشد **خط** لکي ٿو.

سنڌيءَ ۾ فعل متعدي ٽي صورتون وٺي ٿو. فعل متعدي معروف، فعل متعدي مجهول ۽ فعل متعدي بالواسطہ ۔ فعل متعدي معروف ۽ مجهول ۾ فرق لاءِ پيرومل لکي ٿو:

"فعل متعديءَ جون ٻه صورتون آهن. هڪڙي اها جنهن ۾ ڪم ڪندڙ (فاعل) ظاهر ڄاڻائجي ٿو ۽ ٻي اها جنهن ۾ ڪم ڪندڙ ظاهر نہ ٿو ڄاڻائجي، جنهن ڪري مفعول ڦري جملي جو فاعل ٿئي ٿو. فعل جي پهرين صورت کي فعل متعدي معروف ۽ ٻيءَ صورت کي فعل متعدي مجهول سڏين ٿا." (ص-92)

مثلاً:

1. چوڪيدار دروازو کولي ٿو (فعل متعدي معروف)
2. دروازو چوڪيدار کان کلجي ٿو. (فعل متعدي مجهول)
3. ڪولمبو آمريڪا دريافت ڪئي. (فعل متعدي معروف)
4. آمريڪا ڪولمبو پاران دريافت ڪئي وئي. (متعدي مجهول)

فعل متعديءَ جي مجهول (Passive) صورت ۾ مفعول ڦري فاعل جي جڳهه تي اچي ٿو. پر فعل لازميءَ ۾ مفعول نہ هوندو آهي، انڪري ان جي مجهول صورت ۾ فاعل جي جاءِ خالي رهي ٿي. اها فعل لازميءَ جي مجهول صورت آهي، جنهن کي گرامر نويسن فعل بيفاعل



يا اڪرتڪ فعل سڏيو آهي. ڪاڪو پيرومل مرزا قليچ بيگ جي لفظن کي دهرائيندي تہ فعل لازميءَ جو اهو نمونو آڳاٽي سنسڪرت مان ورتل آهي، لکي ٿو:

"سنڌي ٻوليءَ کان سواءِ ٻي ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ فعل بيفاعل آهي ڪونهي، تنهن ڪري هن قسم جي جملن جو ٻيءَ ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ پوريءَ طرح ترجمو ٿي ڪين سگهندو. ٻي ڳالهه تہ ٻين ٻولين ۾ رڳو فعل متعدي معروف ۽ مجهول صورتون وٺي ٿو پر سنڌيءَ ۾ فعل لازمي بہ اهي ٻئي صورتون وٺي ٿو. اهو نمونو آڳاٽي سنسڪرت ما ورتل آهي." (ص-96)

ڪيترين نحوي ترڪيبن ۾ معروف فعل کي مجهول صورت ۾ بدلائڻ ۾ "ج" ۽ "پ" پد جو وڏو عمل آهي. جيئن:

| | |
|---|---|
| ڏسڻ- | ڏسجڻ |
| لڏڻ- | لڏجڻ |
| لکڻ- | لکجڻ |
| پڙهڻ- | پڙهجڻ |
| مارڻ- | مارجڻ |
| ڏائڻ- | ڏاپڻ |
| ڏوئڻ- | ڏوپڻ/ ڏوپجڻ |
| جمڻ- | ڄاپڻ وغيره |

مثلاً:

1. هو ڪتاب پڙهي ٿو.

مجهول صورت - ڪتاب پڙهجي ٿو.

2. سوار گهوڙي کي ماري ٿو.

مجهول صورت- گهوڙو مارجي ٿو.

3. اسين هلون ٿا

مجهول صورت- هلجي ٿو.

4. ڌوٻي ڪپڙا ڌوئي ٿو.

مجهول صورت- ڪپڙا ڌوئجن ٿا.

5. ڦر ٻڪريءَ کي ڏائي ٿو.

مجهول صورت- ٻڪري ڏاپي ٿي.

مطلب ته جنهن به ترڪيب ۾ ”ج“ يا ”پ“ جو پد داخل ٿئي ٿو ته ان ۾ فاعل نه ٿو رهي. پوءِ اهو متعدي فعل هجي يا لازمي، جيڪا ڳالهه ڌيان ڇڪائيندڙ آهي، جنهن کي سراج صاحب سنڌيءَ ٻوليءَ جي پراسرار خصوصيت سڏي ٿو.

> ”ج“ جي هڪ صورت اڪر ترڪ ۽ پريوگن ۾ داخل ٿئي ٿي. مثلاً ”اڇجي“، ”وڃجي“، ”هلجي“. ان ”ج“ جو اثر اهو ٿو ٿئي ته اهي لازمي فعل پنهنجو فاعل وڃائي ٿا ويهن (مفعول ته هونئن ئي ڪونه اٿن) متعدي فعلن ۾ جي دخل انداز ٿئي تڏهن به فاعل کي نابود ڪري ڇڏي. مفعول رهجيو وڃي! ”ڪجي“، ”ڪائجي“، ”پڙهجي“ وغيره، چاڪاڻ ته اهو ”ج“ هنن فعلن ۾ فاعلن کي ڪائي ٿو وڃي، ان جي هڪ صوتي صورت متعدي فعلن کي لازمي ۽ لازمي کي وڌيڪ لازمي بنايو ڇڏي. ان ڪري ٿي سگهي



> ٿو ته اهو ڪنهن اهڙي پد جو جزو آهي، جنهن جي خصوصيت ”فاعلي“ صورت سان دشمنيءَ جي آهي. اهو اصل پد ڳولڻ سان پنهنجي گرامر جي هڪ وڏي ڳجهارت حل ٿي پوندي.“ (26)

”پ“ پد بابت جارج شرٽ (George Shirt) چيو هو ته ان جو اصل دراوڙي آهي، دراوڙيءَ ۾ ”پو“ (Po) فعل مجهول ناهڻ لاءِ ڪم اچي ٿو. جنهن جي معنيٰ آهي ”وڃڻ“.

مثال طور: ڏاپڻ، ڇپڻ، ڏاپڻ، ڄاپڻ، ڌوپڻ، ڪپڻ وغيره

ان بابت ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو رايو آهي ته اها سٽا صرف دراوڙي ٻولين تائين محدود ناهي، اهو ٻين ٻولين، ايراني ۽ هندستاني وغيره ۾ به ملي ٿو، هو لکي ٿو:

> ”اهو پڻ غور طلب آهي ته ڪو انهن سنڌي فعلن ۾ ”پ“ جو اچار ”وڃڻ“ جوقائم مقام آهي. ڇو ته ”وڃ“ جي پشتي لڳائڻ جي باوجود انهن فعلن جي اڪثر صيغن ۾ ”پ“ باقي رهي ٿي: مثلاً ”ڏاپڻ“ برابر آهي ”ڏاپي وڃڻ“ جي، اهڙي طرح ڏاپڻ= ڏاپي وڃڻ، ڄاپڻ= ڄاپي وڃڻ، ڌوپڻ= ڌوپي وڃڻ. جيڪڏهن ”پ“ قائم مقام هجي ها ”وڃڻ “جو، ته ”وڃڻ“ پشتي لڳائڻ سان ”پ“ يا ته حذف ٿئي ها يا بدلجي ها.“ (27)

انهن راين سان بهرحال اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته اهڙيون خصوصيتون هرويرو سنسڪرت مان ئي آيل ڪونه آهن. ڪاڪي ڀيرومل امر کي (آخري سُر کان سواءِ) فعل جو ڌاتو لکيو آهي. هو لکي

تو تہ:

”امر واحد جي پڇاڙيءَ واري اعراب ڪيڻ سان فعل جو ذاتو يا بنياد ملي ٿو.“ (ص-99)

پيرومل فعل جي باري ۾ ٻيون بہ ڪي دلچسپ ڳالهيون ڪري ٿو. مثلاً:

1. هو هلي ٿو.
2. هو هلي ها تہ وڏيڪ بهتر ٿئي ها.
3. تون هَل.

مٿين ٽنهي جملن ۾ فعل ”هلڻ“ سان ماڻهن متعلق ڪجهه چئجي ٿو. پر ٽنهي جملن جي چوڻ جو نمونو مختلف آهي. پهريون بيانيہ (Indicative) انداز ۾ آهي، ٻئي ۾ شرط رکيل آهي، ان کي شرطيہ (Subjective) چئبو ۽ ٽئين ۾ حڪم ڪيل آهي. ان کي امري (Imperative) چئبو.

”ٻولي ۾ فعل جي وسيلي ماڻهن، شين وغيره بابت ڪجهه چئجي ٿو پر چوڻ جا نمونا آهن، تنهن ڪري ٻوليءَ جي قاعدن (گرامر) ۾ انهن نمونن جو بہ ذڪر آهي، هرهڪ نموني کي چئبو آهي ”صيغو“. صيغو معنيٰ نمونو، ڍنگ، ڍول، صيغو اهو آهي، جنهن مان خبر پوي ٿي تہ فعل ڪهڙي نموني بيان ڪري ٿو.“ (ص-102)

سنڌي صرفيات (Morphology) جي اصولن تحت لفظ ٻن طريقن سان بدلجن ٿا. هڪ اشتقاقي (Derivational) ٻيو گرداني (Inflectional). اشتقاقي طريقي سان نهيل لفظن کي ”مشتق“ چئبو



آهي. اسم مشتق اهي لفظ آهن، جي فعلن جي ڌاتوءَ يا بنياد مان ڇيرجي نڪرن ٿا. سنسڪرت ۾ انهن کي ”ڪردنت“ ۽ انگريزيءَ ۾ پارٽيسيپل (Participle) چون ٿا.“ (ص-112)

هن طريقي موجب جيڪي لفظ صرفين مان نهن ٿا، سي جملن ۾ جدا جدا ڪارج ڪن ٿا. گرداني (Inflectional) طريقي موجب لفظ نئين صورت (Form) اختيار ڪندا آهن، ليڪن سندن نحوي ڪارج بنيادي لفظ وارو رهي ٿو. اهي صرف عدد، جنس، حالت يا زمان جي ڦيري سبب صورت مان ڦرندا آهن. ڪاڪي پيرومل زمانن جا چوڏنهن قسم لکيا آهن، جن مان زمان حال، زمان ماضي، ۽ زمان مستقبل کي مکيہ زمان سڏي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ ۾ مضارع (Aorist) اهڙو زمان آهي، جنهن مان حال ۽ مستقبل ٻنهي جي معنيٰ نڪرندي آهي، انهيءَ ڪري ئي سرگريئرسن ان کي ”Old Present“ لکيو آهي:

”جيئن نالي (Old Present) مان ظاهر آهي تہ ان ۾ اصل ۾ زمان حال ڏيکارڻ واري سگهہ هئي، جيڪا موجوده دؤر ۾ قائم نہ رهي آهي صرف پهاڪن ۽ شاعريءَ ۾ اها نظر اچي ٿي. اڄ ڪلهہ عام استعمال ۾ ٻين هندستاني ٻولين جيان عموماً ان ۾ زمان حال شرطيہ وارو زور آهي. ڪڏهن ڪڏهن ان ۾ مستقبل سان پڻ لاڳاپو نظر اچي ٿو، جيئن ڪشميري هميشہ ٿيندو آهي.“ (28)

مثال طور: 1. مان ايڏانهن اچان. (مستقبل سان لاڳاپو)

2. تون ٻڌاءِ تہ مان لکان.

سنڌيءَ ۾ مضارع ناهڻ لاءِ امرجي پنيان ضميري علامتون ملايون وينديون آهن. مثلاً پڙهه+ آن= پڙهان ۽ زمان حال وري ان مضارع جي پويان زمان حال جون علامتون "تو"، "تا"، "تيون" ملائڻ سان نهندو آهي. مٿي گريئرسن (Grierson) جي راءِ ڏني وئي آهي، جنهن ۾ هن چيو آهي تہ زمان مضارع ۾ ڪڏهن ڪڏهن مستقبل سان لاڳاپو نظر اچي ٿو، مثلاً:

"هت هن ڪي ڪونيان؟"- "ڪونيان" معنيٰ هينئر ڪونيان (هلندڙ وقت ۾) پر پوريءَ طرح ويچار ڪبو تہ معلوم ٿيندو تہ جڏهن اڳلو چوندو "پلي ڪوئينس" تنهن کان پوءِ ڪونڻ جو ڪم ٿيندو. (ايندڙ وقت ۾). (ص-127)

**ظرف:**

ظرف اهو لفظ آهي جو فعل، صفت يا ٻئي ظرف سان لاڳو ٿي ان جي ريت، قدر يا انداز، وقت ۽ جاءِ يا ظرف ڏيکاري ٿو. ڪاڪي پيرومل ظرف جا ٽي قسم ظرف تميز، ظرف زمان ۽ ظرف مڪان ڏيکاريا آهن:

"هيءَ ڳالهہ هميشہ خيال ۾ رکڻ گهرجي تہ ڪوبہ ظرف ڪنهن بہ اسم يا ضمير سان ڪڏهن بہ لاڳو نٿو ٿئي ڇاڪاڻ تہ اسمن ۽ ضميرن سان لاڳو ٿي انهن بابت ڪجهہ حقيقت ڄاڻائڻ جو ڪم صفت جو آهي نہ ظرف جو. (ص-152)

**حرف:**

حرف جر، حرف جملي ۽ حرف ندا ۾ پيرومل صاحب بہ اڳين گرامر نويسن وانگر انهن جي وصف ڏئي مثالن سان اهي سمجهايا آهن. آڏواڻي صاحب جو ڪتاب "وڏو سنڌي وياڪرڻ" ڇئن ڀاڱن تي



مشتمل آهي علم صرف، علم نحو، علم اشتقاق ۽ رنگين بياني (جنهن ۾ هم معنيٰ لفظ، ضد، گهڻين معنائن وارا لفظ، اصطلاح، ورجيسون ۽ پهاڪا وغيره ڏنل آهن.) ڪتاب جو ٻيو ڀاڱو "نحو" بابت آهي. ڪاڪو پيرومل نحو (Syntx) جي وصف ۾ لکي ٿو:

"نحو معنيٰ دستور يا ريت پر اصطلاحي معنيٰ موجب علم نحو اهو علم جنهن ۾ خبر پوي ٿي تہ جملا ڪيئن ناهجن ۽ هرهڪ جملي جي لفظن جو هڪ ٻئي سان ڪهڙو لاڳاپو آهي. جملن جي بناوت ۽ تفريق يا ڇيد ۽ ٻيهڪ جي نشانين بابت ذڪر سڀ نحو ۾ اچي ٿا وڃن." (ص163) علم نحو جون مکيہ ڳالهيون ترتيب، موافقت ۽ انتظام آهن هر هڪ لفظ کي پنهنجي مناسبت جاءِ تي رکڻ کي "ترتيب" چئبو آهي. موافقت ان کي چئبو آهي جنهن سان، جملي ۾ لفظ هڪ ٻئي سان جنس، عدد، ضمير ۽ زمان پوريءَ طرح ملي ٻيهن، تنهن کي چئبو آهي "موافقت يعني ميلاپ". سنڌيءَ ۾ موافقت بلڪل ضروري آهي ۽ جي موافقت نہ ٿي تہ جملو غلط ليکبو." (ص-165)

مثال طور: هڪ ائٽم ۾ اليڪٽران، پروٽان ۽ نيوٽران هوندا آهن. جملي ۾ "هوندا آهن" بدران "هوندو آهي" لکبو تہ اهو "عدد" سان موافق نہ ٿيندو ۽ غلط ليکبو. علم نحو ۾ "پريوگ" جي بہ تمام گهڻي اهميت آهي، جنهن سان خبر پوندي آهي تہ فعل ڪهڙو آهي؟ معروف صورت وارو يا مجهول صورت وارو ۽ جنهن لفظ مطابق عدد، جنس ۽ حالت مٽجي ٿي سو فاعل آهي يا مفعول. جيڪڏهن فعل معروف

صورت وارو هجي ۽ فاعل مطابق گردان ڪري تہ انهيءَ پريوگ کي ڪرتري پريوگ“ چئبو آهي. مثلاً:

چوڪري ڪتاب پڙهي ٿي.

چوڪريون ڪتاب پڙهن ٿيون.

مٿين جملن ۾ فعل ”پڙهڻ“ فاعل”چوڪري“ سان مٽجي ٿو. فعل جڏهن مجهول صورت وارو هوندو آهي تہ مفعول ڦري جملي جو فاعل ٿيندو آهي ۽ فعل ان فاعل (يعني مفعول) مطابق گردان ڪندو آهي اهڙي گردان کي ”ڪرمڻي پريوگ“ چئبو آهي. مثلاً:

ڪپڙو ڌوپجي ٿو.

ڪپڙا ڌوپجن ٿا.

مٿين جملن ۾ ”ڪپڙا“ مفعول آهي، جيڪو مجهول صورت ۾ جملي جو ”فاعل“ بنجي ٿو ۽ فعل ”ڌوئڻ“ ان سان گردان ڪري ٿو.

”جڏهن فعل لازمي مجهول صورت وٺندو آهي، تڏهن اهو اڪثر فعل بيفاعل ٿي ڪم ايندو آهي، جنهن ڪري ڪم جي رڳو ذاتي ڀاوَ يا سياويڪ حالت جي معنيٰ ظاهر ڪندو آهي، ان کي ڀاوي پريوگ يا علحدي نسبت چئبو آهي.“

(ص-175)

مثلاً:

پينگهي ۾ لڏجي ٿو.

پينگهي ۾ لڏبو آهي.

**نتيجو:**

جيئن نالي مان ظاهر آهي ”وڏو سنڌي وياڪرڻ“ پيرومل هي



ڪتاب مٿين درجن جي شاگردن ۽ سنڌي ٻوليءَ جي وڌيڪ اڀياس ڪندڙن لاءِ لکيو هو، پيرومل گرامر کي ٻوليءَ سان لاڳاپيل مضمون طور لکيو آهي. هن هر اصول ۽ ترڪيب وغيره کي مثالن سان سمجهايو آهي. پيرومل ڊاڪٽر ٽرمپ جي نظريي جو حامي هو. ڊاڪٽر ٽرمپ کي سنڌي ٻوليءَ جي ڪا انوکي خوبي نظر آئي تہ هن ائين لکيو تہ، ”سنڌيءَ مان سنسڪرت وارو سٽا يا ڪنهن ترڪيب نهڻ جو سنسڪرت وارو طريقو گم ٿي ويو آهي، پر پيرومل واضح فرق هوندي بہ انهن کي سنسڪرات مان نڪتل ڏيکاري ٿو. ڊاڪٽر ٽرمپ، مرزا قليچ بيگ صاحب ۽ ڪاڪي پيرومل مهر چند آڏواڻيءَ جي لکيل گرامرن ۾ ڪافي هڪجهڙائي نظر اچي ٿي.“

(7) **سنڌي مُعلم** (ڊاڪٽر غلام علي الانا- 1984ع)

ڊاڪٽر غلام علي الانا جو شمار لسانيات (Linguistics) جي اُنهن ماهرن ۾ ٿئي ٿو، جن جديد دؤر جي گهرجن مطابق هن علم جي مختلف پهلوئن تي لکيو آهي. پاڻ لنڊن مان تربيت يافتہ لسانيات جو ماهر آهي، هن سنڌي صورتخطي، سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي، سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس ۽ سنڌي معلم جهڙا ڪتاب لکي، سنڌي زبان ۾ لسانيات جي علمي ذخيري ۾ قابل قدر اضافو ڪيو آهي.

”سنڌي معلم“ (Teach yourself Sindhi) اردو ڳالهائيندڙن کي سنڌيءَ جي وياڪرڻ جي بنيادي ڄاڻ ڏيڻ جي مقصد سان لکيو ويو آهي. جنهن کي ڊاڪٽر صاحب ٽن حصن ۾ تقسيم ڪيو آهي. پهرئين

حصي ۾ سنڌيءَ ۽ اردو جي الف،ب (Alphabet) ۾ هڪ جهڙايون ۽ فرق ڏيکاريا ويا آهن. ڳالهائڻ جا لفظ (Parts of Speech) به ان حصي ۾ اچي وڃن ٿا. ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڳالهائڻ جا اٺ لفظ لکيا آهن. اسم جا به عدد واحد ۽ جمع ۽ به جنسون مذڪر ۽ مؤنث لکيون آهن. هن پهريون دفعو اسم (ضمير) جون پنج حالتون فاعلي، مفعولي جري، اضافت ۽ ندا لکيون آهن، "جو" حرف جر آهي انڪري اڳين گرامر نويسن حالت اضافت کي حالت جريءَ جو روپ سڏيو آهي، هو ان جي وضاحت ۾ لکي ٿو.

> "سنڌي ٻوليءَ ۾ "جو" حرف جر آهي، پر جڏهن "جو" يا "جي" ملڪيت ظاهر ڪرڻ لاءِ استعمال ٿئي، تڏهن انکي حرف اضافت چيو ويندو آهي. "جو" حرف اضافت اسم يا ضمير کان پوءِ ايندو آهي. ان جي استعمال سان عام حرف جر جي استعمال وانگر اسم يا ضمير وغيره جي صورت بدلجي ويندي آهي. (ص- 24)

سنڌيءَ ۾ حالت مفعولي، حالت جري ۽ حالت اضافت کي عام حالت (Oblique case) چيو ويندو آهي، چاڪاڻ ته:

> "جڏهن ڪنهن اسم يا ضمير کان پوءِ حرف جر اچي ته انهن سيني اسمن ۽ ضميرن جي حالت عام يا تغيري صورت (Oblique) ٿيندي". (ص-25)

ڊاڪٽر الانا اسم کان پوءِ حرف جر کي آندو آهي. جملي ۾ حرف اسم يا ضمير کان پوءِ ايندو آهي ان سان اسم يا ضمير جي



صورت ۾ تبديلي ايندي آهي، مثلاً:

مان+ جو= منهنجو

هي ڪتاب منهنجو آهي

تون+ جو= تنهنجو

تنهنجو نتيجو ڪڏهن ايندو؟

ڇوڪرو+ کي

استاد ڇوڪري کي تصوير ٺاهڻ سيکاري ٿو.

سنڌي ٻوليءَ جي نحوي ساخت ۾ حرف جر اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. جڏهن ڪنهن اسم، ضمير، صفت يا ظرف کان پوءِ حرف جر استعمال ٿئي ٿو ته ان اسم، ضمير، صفت يا ظرف جي اصل صورت بدلجي ويندي آهي." (ص-37)

ضمير ۽ صفت ۾ انهن جا قسم مثالن سان سمجهائيندي انهن جا گردان ڏنا ويا آهن، ظرف، فعل، صفت ۽ ٻئي ظرف سان لاڳو ٿي انهن متعلق ڪجهه ٻڌائيندو آهي. ڊاڪٽر غلام علي الانا ظرف جا پنج قسم لکيا آهن.

1. ظرف زمان
2. ظرف مڪان
3. ظرف تميز
4. ظرف ناڪاري (نفي)
5. ظرف هاڪاري (اثباتي)

ٻين گرامر نويسن هاڪار ۽ ناڪار وارن ظرفن کي به تميز ۾ آندو آهي. "نه ۽ مَ" ناڪار ۽ "ها" هاڪار ڏيکاريندڙ ظرف آهن.

**فعل:**

فعل اهو لفظ آهي، جنهن مان "ڪم جي ٿيڻ" جي خبر پوندي آهي. "فعل" لفظ جي معنيٰ ئي آهي، "ڪم"، اهڙا فعل جيڪي حڪم ڏيڻ لاءِ استعمال ڪيا وڃن. انهن کي امر (imperative) چئبو آهي. امر صرف ضمير حاضر واحد ۽ جمع سان ٿيندو آهي. ان ۾ جنس جو فرق نہ هوندو آهي. ڊاڪٽر الانا صاحب امر جا ڇهہ قسم لکيا آهن:

1. امر حاضر
2. امراستقبال
3. امر نيازي
4. امر تمنا
5. امرنفي
6. امر مداحي

امر اها صورت جنهن ۾ ڪنهن ڪم لاءِ حڪم ڪيو وڃي پر اهو ڪم مستقبل ۾ ٿئي ان کي "امر استقبال" چئبو آهي.

مثال طور:

امر- امر استقبال

لک- لکج

اچ- اچج

امر نيازيءَ ۾ نياز ۽ عاجزيءَ وارو انداز اختيار ڪيل هوندو آهي، جيئن ڪنهن کي چئجي "هَل" تہ ان جو مطلب آهي "ضرور هَل" ۽ جيڪڏهن چئجي "هلج" تہ ان جو مطلب آهي "مهرباني ڪري هَل".

"اسان جي منڍ سنڌيءَ ۾ امر کي مانو ڪرڻ جي



صلاحيت بہ عجيب آهي. مثلاً "اَچ"، "اچيج" ۾ معنيٰ جو هلڪو فرق آهي. پهرئين ۾ آمرانہ اَمر يا حڪم آهي ۽ ان ۾ موجود وقت يا هڪدم ڪم ڪرڻ جي هدايت آهي، ٻئي ۾ ان "ج" ڏيڻ سان مانائي ۽ گهرائپ يا حڪم جي بدران "اچڻ" جي ضرورت جو احساس نظراچي ٿو ۽ ان سان گڏ ڪنهن ڪم جي "هڪدم ٿيڻ" جو امڪان ختم ٿي وڃي ٿو. ان ڪان پوءِ "ايج" پد ٿئين امر ۾ گڏڻ سان ان نيم مستقبل زماني جي مفهوم سان گڏ منت ۽ نيزاريءَ جو عنصر بہ شامل ٿئي ٿو، شاهہ رح جڏهن چوي ٿو تہ "جي ليلائي نہ لهين، تہ پڻ ليلائيج" تہ ان آخري "ليلائيج" چوڻ سان ان لفظ ۾ منت ۽ نيزاريءَ جو نهايت عجيب مضمون پيدا ٿي پيو آهي." (29)

امر جي اهڙي صورت جنهن ۾ ڪنهن خواهش جو اظهار هجي ان کي "امر تمنا" چئبو آهي.

مثلاً: ڊاڪٽر ڪان معائنو ڪرائجان.

ڏنو وڃي تہ امر استقبال، امر نيازي ۽ امر تمنا جي بناوت ۾ ڪوبہ فرق نہ آهي، (جيڪا ڳالهہ ڊاڪٽر غلام علي الانا بہ لکي ٿو) جيئن:

| | امر استقبال | امر نيازي | امر تمنا |
|---|---|---|---|
| واحد | اچج | اچيج | اچجان |
| جمع | اچجو | اچجو | اچجو |

ڪنهن کي ڪم نہ ڪرڻ جو تاڪيد ڪيو وڃي تہ امر جي ان صورت کي "امرنفي" چئبو آهي.

"جڏهن ڪنهن حاضر واحد کي اهڙو حڪم ڏنو وڃي جنهن
۾ ڪم مستقل جاري رهي تہ اهڙي امر کي استمراري يا
امر مداحي چيو ويندو آهي." (ص-71)

امر استمراريءَ جون علامتون آهن. 'پيو'، 'پيئي' وغيره.

مثلاً: پيو ڪيڏ
پئي ڊوڙ

فعل جي بنياد (Root) بابت ڊاڪٽر الانا لکي ٿو تہ:

"سنڌي ٻوليءَ ۾ فعل جو بنياد ضمير حاضر واحد جي امري
صورت آهي. ان کي بنياد (Root) بہ چئي سگهجي ٿو.
سنڌيءَ ۾ امر واحد جي معنيٰ جي بنياد جي پويان علامت
يا نشاني ملائڻ سان ظاهر ڪئي ويندي آهي." (ص-73)

فعل جا ٻہ قسم آهن. لازمي (Intransative) ۽ متعدي (Transative). سنڌيءَ ۾ اهي ٻئي فعل وري ٻہ ٻہ صورتون معروف (Active) ۽ مجهول (Passive) وٺن ٿا. فعل لازم جي مجهول صورت کي "فعل بيفاعل يا اڪرترڪ" بہ چيو ويندو آهي. ڊاڪٽر غلام علي الانا ان کي فعل لازمي لکي ٿو.

مثلاً: باغ ۾ گهمجي ٿو.

"اهي لفظ جيڪي فعل جي بنياد مان نڪرن يا ٺهن ٿا انهن
کي مشتق يا ڪردنت (Participle) چيو ويندو آهي."
ص-84



فعل جا ڪردنت (Participle) هي آهن. اسم حاليہ (Present Participle)، اسم استقبال (Future Participle)، اسم فاعل (Participle)، ماضي معطوفي (Conjuctive Participle).

ضميري پڇاڙيون يا ضمير متصل اسمن، فعلن ۽ حرف جرن سان لڳنديون آهن.

"سنڌي، اردو ۽ ٻين ٻولين ۾ جهڙيءَ طرح اسم جي بجاءِ
ضمير استعمال ٿيندو آهي، اهڙيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ ۾
ضمير خالص جي جاءِ تي ضمير متصل استعمال ڪيو
ويندو آهي. (ص124)

ضمير متصل جو ڪارج هي آهي تہ:

1. اهو ملڪيت ڏيکارڻ وارن اسمن سان گڏ هوندو آهي.
2. فعلن سان گڏ ڪم ايندو آهي.
3. حرف جر جي جاءِ تي ڪم ايندو آهي." ص-124

مثلاً: پٽس هن کي ڪوڙ ڳالهائڻ ڪري سزا ڏني (اسم سان گڏ)
2. وٺندس، ڪندس وغيره (فعل سان گڏ)
3. سندن ڪم کي وڏي مڃتا ملي آهي. (حرف جر سندو سان گڏ).

حرف جملي ۽ حرف ندا کان پوءِ ڊاڪٽر الانا صاحب لفظن جا قسم ۽ انهن جي ٺهڻ جا طريقا لکيا آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن جا ٽي قسم آهن. مفرد (Simple Words) مرتب لفظ (Complex words) ۽ مرڪب لفظ (Compound Words)

"مرڪب لفظ اهي آهن، جيڪي ٻہ يا ٻن کان وڌيڪ مفرد

لفظن جي ملائڻ سان ناهيا وڃن. انهن ۾ مرتب لفظن وانگر اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون نہ ملايون وينديون آهن. جيڪڏهن ڪنهن بہ مرتب لفظ جي اڳيان اڳياڙي يا پويان پڇاڙي ملائي وڃي تہ ان کي مرڪب لفظ نہ، پر مرتب لفظ چيو ويندو." (ص-150)

## نتيجو:

"سنڌي معلم" ڊاڪٽر غلام علي الانا 1984ع ۾ لکيو، ورهاڱي کان پوءِ ڪيترائي اردو ڳالهائيندڙ سنڌ ۾ لڏي آيا آهن. هي ڪتاب انهن کي سنڌي ٻوليءَ ۽ وياڪرڻ جي بنيادي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ لکيو ويو آهي. ڊاڪٽر صاحب نہ صرف سنڌي گرامر جي قاعدن قانونن تي لکيو آهي، پر سنڌي ۽ اردو ۾ ڪهڙيون صوتي، صرفي ۽ نحوي هڪجهڙايون ۽ ڪهڙا فرق آهن، انهن کي بہ واضح ڪيو آهي. ان ڪري هي ڪتاب نہ صرف سنڌي سکندڙن لاءِ ڪارائتو آهي پر سنڌي ۽ اردوءَ جي تقابلي مطالعي (Comprative Study) ۾ بہ مددگار ٿي سگهي ٿو.

(8) **سنڌي ٻوليءَ جو صرف نحو:** (واحد بخش شيخ- 1986ع)

ورهاڱي کان پوءِ لسانيات جي ٻين شعبن جهڙوڪ تاريخي لسانيات (Historical Linguistics) ٻوليءَ جو علم (Philology) ۽ سماجي لسانيات (Socio Linguistic) تي گهڻو ڪم ڪيو ويو آهي. پر گرامر ڏانهن لسانيات جي ماهرن جو گهٽ توجهہ رهيو آهي. واحد بخش شيخ "سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۽ نحو" ٻن ڀاڱن ۾ لکيو آهي. جنهن جو پهريون ڀاڱو 1986ع ۾ ۽ ٻيو ڀاڱو 1989ع ۾ ڇپيو آهي. هن



ليکڪ تي عربي ۽ فارسيءَ جو گهڻو اثر نظر اچي ٿو. ايتري تائين جو سنڌيءَ کي عربيءَ جي ڀيڻ سڏي ٿو. هو پنهنجي "تمهيد" واري بيان ۾ لکي ٿو:

"سنڌي ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيندڙ آواز اهي ئي آهن، جي سنسڪرت جا آهن ، يعني اَ، آ، اِ، اي، او اُو، اؤ، اَؤ، اَئ- حقيقت ۾ هنديءَ يا سنسڪرت ۾ حرڪتن جو استعمال ظاهري طرح آهي ئي ڪونہ، پر سنڌي ٻوليءَ جي آوازن جون ظاهري نشانيون يعني زبر (ـَ)، پيشُ (ـُ)، شدّ (ـّ) ۽ مد استعمال ٿين ٿيون سي عربي کان اڌاريون ورتل آهي ۽ اهي هن وقت سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن حد تائين امتيازي خصوصيت بڻجي چڪيون آهن." (ص-2)

مٿيان اکر يا حرڪتون سنڌي ٻوليءَ جا حرف علت (Vowels) آهن، جيڪي هن جا پنهنجا آهن، پر ڇاڪاڻ تہ سنڌيءَ کي لکيو عربي اسڪرپٽ (Script) ۾ وڃي ٿو. اڳتي لکي ٿو:

"سنڌي ٻولي، اگرچہ سنسڪرت مان پيدا ٿي آهي، تاهم ٻنهي ۾ حرفي مشابهت کان سواءِ ٻي ظاهري هڪجهڙائي خير ڪا نظر ايندي پر انهيءَ جي برعڪس عربي، فارسي ۽ اردو ٻولين سان سندس تعلق ۽ تشبيهہ گهڻو نظر ايندي. تحريري طرز انهن چئن ٻولين يعني عربي، فارسي، اردو ۽ سنڌيءَ جي هڪجهڙي آهي يعني اهي چار ئي ٻوليون ساڄي طرف کان کاٻي طرف ۽ ڳنڍيل حرفن ۾ لکڻ ۾ اينديون آهن." (ص-4)

ٻولين جي وچ ۾ هڪجهڙاين ۽ لاڳاپن (تعلق ۽ تشبيهه) کي تحريري طرز تي نہ پرکيو ويندو آهي، ڇاڪاڻ تہ تحريري طرز ٻوليءَ ناهي هوندي اهو صرف ٻوليءَ کي ظاهر ڪرڻ جو ذريعو (Medium) آهي. جيڪڏهن سنڌيءَ کي ڪنهن ٻئي رسم الخط جيئن ديوناگري يا رومن وغيره ۾ لکيو وڃي تہ اها يقيناً ٻي طريقي سان لکي ويندي پر رهندي تہ پوءِ بہ سنڌي ٻولي! عربي، فارسي، اردوءَ ۽ سنڌيءَ جو رسم الخط هڪ ئي بنياد رکن ٿا. اردوءَ جو فارسيءَ تان، فارسيءَ جو عربيءَ تان ۽ سنڌيءَ جو بہ عربيءَ تان ورتل آهي. ٻولين ۾ لاڳاپو جاچڻ لاءِ انهن جي ساخت ۽ (Structure)، صوتياتي، صرفي ۽ نحوي هڪجهڙاين ۽ فرقن جو اڀياس ڪرڻ ضروري هوندو آهي. واحد بخش شيخ سنڌي وياڪرڻ جي صورتن ۽ ترڪيبن کي سمجهائڻ لاءِ معيار شاعريءَ کي ڪنيو آهي، هو چوي ٿو:

"جهڙي طرح عربي، فارسي ٻولين جو بنياد شعر تي ٻڌل آهي، يا ائين ڪٿي چئجي تہ عربي ۽ فارسي ٻولين جي صحت ۽ موزونيت جي ڪسوٽي سندن شعر ليکيو ويندو آهي، تهڙيءَ طرح سنڌي زبان کي بہ اهو ساڳيو ئي شرف حاصل آهي يعني سندس ڪلام جي صحت موزونيت يا ترڪيبي خصوصيتون سندس شعر مان ئي پرکي سگهجن ٿيون." (ص-4)

سنڌي الف بي (Alphabet) تي بحث ڪندي سنڌيءَ جي لکڻ جي مختلف طريقن، ان تي عربيءَ، فارسيءَ ۽ سنسڪرت جي اثر ۽ انهن ٻولين جا اکر جيڪي سنڌيءَ ۾ مروج آهن، انهن جو بيان ڏنو



اٿس. حرف علت جي وصف ۾ لکي ٿو:

"علت جا حرف ٽي آهن، ا-و-ي. علت معنيٰ آهي بيماري، ضعف يا ڪمزوري، ڇاڪاڻ تہ مذڪوره ٽي حرف ڪمزور آهن جو عربي زبان ۾ انهن جي صورت پئي مٽبي سٽبي آهي، تنهن ڪري انهن کي علت جا حرف سڏبو آهي."
ص-17

سنڌيءَ ۾ زير، زبر، پيش بہ انهن اکرن يعني ا،و۽ ي جون مختصر صورتون آهن، انهن کي ڇوٽا سُر (Short vowels) چيو ويندو آهي، جيڪي پڻ ساڳيو ڪارج ادا ڪن ٿا، ان کان سواءِ سنڌيءَ ۾ ٻٽا سُر (Diphthongs) بہ آهن، جيئن آءِ، آئو، آئون وغيره. انهيءَ ڪري سنڌيءَ ۾ سُرن جو تعداد ٽن کان وڌيڪ آهي (Vowel جي وصف پهريائين صفحي تي ڏنل آهي.) واحد بخش شيخ ڳالهائڻ جا لفظ ڇهہ لکيا آهن، حرف جملي، حرف جر ۽ حرف ندا کي هڪ ئي نالي هيٺ يعني "حرف" ۾ آڻي ٿو.

**اسم:**

اسم جي لفظي معنيٰ آهي "نالو". هو ان کي انهيءَ معنيٰ ۾ استعمال ڪري ٿو:

"اسم جي معنيٰ آهي نالو ڪنهن بہ ماڻهوءَ، جانور، پکي، جيت، ملڪ، شهر، هنڌ يا مڪان، رشتي ۽ آواز جي نالي کي اسم چئبو آهي. (ص-48)

ان ڪري اسم جا ويهہ قسم لکيا اٿس: اسم معرفه يا خاص، اسم نڪره يا عام، اسم ذات، اسم جنس، اسم آله، اسم ظرف، اسم

صوت، اسم عدد، اسم ڪيفيت، اسم منسوب، اسم ڪنايہ، اسم تصغير، اسم تڪبير، اسم جمع، اسم مرڪب، اسم فعلي، اسم حاصل مصدر، اسم فاعل، اسم مفعول، اسم حاليہ ۽ اسم استقبال.

سنڌيءَ ۾ اسم جون ٻہ جنسون آهن. مذڪر ۽ مؤنث، وغيره غير جاندار شين کي بہ تذڪير ۽ تانيث ۾ آندو ويندو آهي. ڪجھ مثال جنس عام (Common gender) جا بہ ملن ٿا. جيئن ماڻهو، پکي جيت وغيره جا لفظ مذڪر ۽ مؤنث ٻنهي لاءِ هڪجهڙا آهن. واحد بخش شيخ جو خيال آهي تہ:

"سنڌيءَ جي عام محاوري ۾ غير ذي روح يا بي جان شين جهڙوڪ: پٿر، چن، چاندي، يا ڪٺ وغيره سان بہ مذڪريا مؤنث جي جنس لڳائي ويندي آهي. مثلاً: پٿر، جن کي مذڪر ۽ چاندي، يا ڪٺ کي مؤنث سڏيو ويندو آهي. حقيقت ۾ جاندار ۽ غيرجاندار شين ۾ فرق ڪرڻ ۽ زبان جي اصولن کي قائم رکڻ لاءِ ضروري آهي تہ غيرجاندار شين سان تذڪير ۽ تانيث جي نسبت لاڳو نہ ڪجي، بلڪ انهن سان جنس غيرزي روح يا بي جان لڳائي وڃي." (ص-146)

ڪابہ ٻولي گرامر يا زبان جي اصولن مان وجود ۾ ڪانہ آئي آهي، ٻوليون پهرين نهيون آهن ۽ گرامر يا وياڪرڻ جا اصول ٻولين تان ناهيا ويا آهن. اهو هرهڪ ٻوليءَ جي سڀاءَ ۽ مزاج تي مدار ٿو رکي تہ ان ۾ عدد ڪيترا آهن جنسون ڪيتريون آهن يا ٻيون نحوي ترڪيبون ڪهڙيون آهن، پنهنجي مرضي مطابق ٻوليءَ سان ڪوبہ



اصول لاڳو نہ ٿو ڪري سگهجي. عدد (Number) جي حوالي سان لکي ٿو تہ "سنڌيءَ ۾ ٻہ عدد، جمع ۽ واحد آهن، پر ڪجھ ٻولين مثلاً عربي ۽ سنسڪرت ۾ عدد جو ٽيون قسم "تثنيہ" بہ ملي ٿو.

"عربيءَ ۾ مٿين ٻن صورتن ۾ (واحد ۽ جمع) ڪان سواءِ عدد جي ٽين صورت بہ ٿيندي آهي، جنهن کي عدد "تثنيہ" يا ٻن جو عدد چئبو آهي، مثلاً "دارين" يعني ٻہ جهان، "والدين" يعني ماءُ پيءُ، جيئن تہ عربيءَ جو سنڌيءَ سان گهڻو تعلق آهي تنهن ڪري تثنيہ جا صيغا پڻ ڪن حالتن ۾ سنڌيءَ ۾ استعمال ٿيندا، سنسڪرت جنهن مان سنڌي ٻولي پيدا ٿي آهي ان ۾ خود عدد جون ٽي صورتون آهن. تنهن ڪري مناسب ٿيندو تہ سنڌيءَ ۾ ٽي عدد شمار ڪيا وڃن اگرچہ سنڌيءَ کي تثنيہ جي پنهنجي صورت خير ڪا آهي." (ص-169)

جڏهن سنڌيءَ ۾ تثنيہ جي پنهنجي صورت خير ڪا آهي تہ پوءِ اهو ڪيئن مناسب ٿيندو تہ سنڌيءَ جا ٽي عدد شمار ڪيا وڃن!؟ شيخ صاحب اسم جون حالتون پنج لکي ٿو، فاعلي، مفعولي، جري، اضافت ۽ ندا، البتہ حالت اضافت جون وري ڇھ صورتون ڏنيون اٿس: اضافت تمليڪي، اضافت ظرفي، اضافت بياني، يا توضيحي، اضافت ذاتي، يا صفاتي، اضافت مجازي يا تشبيهي ۽ اضافت نسبتي.

**صفت:**

صفت مان اسم جي گڻ، اوگڻ، خاصيت تعداد ۽ مقدار جي خبرپوندي آهي يعني اها ڪنهن اسم (ضمير) سان لاڳو ٿي ان متعلق ڪجھ وڌيڪ ٻڌائيندي آهي. عام طرح سان صفت جا بہ قسم عددي

(Quantitative) وصفي (Qualitative) لکيا ويندا آهن واحد بخش شيخ صفت جا ست قسم لکيا آهن.

1. صفت مشبه، 2. صفت خالص، يا محض، 3. صفت نسبتي، 4. صفت ظرفي، 5. صفت عددي 6. صفت ضميري، 7. صفت مرڪب.

صفت مشبه جي وصف ۾ لکي ٿو:

”اها صفت جا موصوف سان مشابهت رکندڙ هجي، يا اها وصف جا موصوف ۾ طبعي طرح موجود هجي، تنهن کي صفت مشبه چئبو آهي.“ ص-232

مثال لاءِ ’سخي مرد‘، ’انڌو فقير‘، ’ٿڌي ڇانو‘ وغيره ڏنا آهن.

صفت خالص يا محض جي وصف ۾ لکي ٿو:

”اهو لفظ جو اسم جي ظاهري اتفاقي يا عارضي وصف بيان ڪري تنهن کي صفت خالص يا محض چئبو آهي.“ ص-235

مثالن ۾ ’چانڊوڪي رات‘، ’زخمي پير‘، ’ميرا ڪپڙا‘ وغيره ڏنا اٿس. صفت نسبتي جي لاءِ لکي ٿو:

”اهو لفظ جو اسم جي ڪنهن سان نسبت يا ان جو ڪو خاص تعلق يا ڳانڍاپو ظاهر ڪري، تنهن کي صفت نسبتي چئبو آهي.“ ص-239

’ڪشميري شال‘، جهنگلي ٻلو وغيره مثال ڏنا اٿس.

ظرفي صفت ڇا آهي؟ ان بابت لکي ٿو:

”اهو صفت جو لفظ اسم جو وضع يا هنڌ، مدت يا وقت،



طرز يا طريقو ۽ مقدار، انداز بيان ڪري تنهن کي صفت ظرفي چئبو آهي.“ ص-245

مثال طور: ”اٿاهه سمنڊ“، ”تکڙو قدم“ وغيره ۽ صفت مرڪب جي وضاحت ڪندي لکي ٿو:

”اها صفت جا هڪ کان وڌيڪ لفظن جي ٺهيل هجي تنهن کي صفت مرڪب چئبو آهي. مرڪب لفظ ٻن يا ٻن کان وڌيڪ لفظ گڏجڻ سان ٺهندو آهي.“ (ص-274)

جيئن ’تر جيترو‘، ’چنبڙ جهڙو‘، ’گوندر گاڏئون‘ وغيره.

صفت جي پيٽ جا ٽي درجا ڏيکاريا اٿس: صفت خالص کي ”صفت نفسي“ لکي ٿو، يعني صفت نفسي، صفت تفصيلي ۽ صفت مبالغو لکيا اٿس ۽ انهن جو استعمال به ڏيکاريو اٿس.

**ضمير:**

ضمير جا قسم، واحد جمع ٺاهڻ جا طريقا ۽ انهن جا گردان ڏنا اٿس، ضمير جا اٺ قسم لکيا اٿس چاڪاڻ ته ضميري پڇاڙين کي به هڪ قسم ڪري لکيو اٿس.

**فعل:**

هر ٻوليءَ جي نحوي سٽا ۾ فعل کي تمام گهڻي اهميت حاصل آهي، چاڪاڻ ته اهو جملي جي معنيٰ کي مڪمل ڪري ٿو. سنڌيءَ ۾ ”مصدر“ (Infinitive) ۽”امر“ (Imperative) فعل جون به صورتون آهن، مصدر امر جي آخر ۾ ”ڻ“ ملائڻ سان ٺهندو آهي ۽ فعل جو بنياد امر (آخري حرڪت کانسواءِ) آهي ۽ چاڪاڻ ته ڌاتو يا بنياد (Root) فعل جي اها ننڍي ۾ ننڍي صورت آهي، جيڪا وجود رکي

سگهي يا Exist ڪري، ان مان ٻيا لفظ نڪرن يا نهن. واحد بخش شيخ لکي ٿو.

"سنڌي ٻوليءَ ۾ فعل جو بنياد عام طرح مصدر ليکجي ٿو. سنڌي ٻوليءَ جو مصدر سنسڪرت ۽ پراڪرت جي مکيه يا اصل يا فعل جي برابر آهي، تنهن ڪري سنڌي لفظن جو اشتقاق مصدر جي بدران امر مان سمجهڻ گهرجي پر چاڪاڻ ته امر فعل جي مڪمل صورت پيش نٿو ڪري ۽ نه وري منجهس ڪا هڪجهڙائي آهي تنهن ڪري مصدر کي ئي بنيادي لفظ ورتو ويو آهي." (ص333)

شيخ صاحب امر جا چار قسم لکيا آهن.1. امر يا امرمجرد 2. امر استمراري يا مدامي 3. امر استقبال 4. امر شرطي. امر شرطيءَ جي وصف ۾ لکي ٿو:

"جيڪڏهن جملي ۾ امر جي پنيان ڪو حرف شرطي جهڙوڪ: 'ته'، 'تان' وغيره استعمال ٿيل هجي، يعني امر جي تعميل يا پوئواري ڪنهن شرط تي ٻڌل هجي ته اهڙي امر کي امر شرطي چئبو آهي ۽ انهيءَ جي پنيان هميشه مضارع جو صيغو استعمال ٿيندو آهي." (ص-348)

جيئن: اٿ ته هلون.

وطن وسائيج ته سنگهارن سک ٿئي.

واحد بخش فعل جا پنج قسم لکيا آهن. 1. فعل لازمي، 2. فعل متعدي، 3. فعل اڪرتڪ يا فعل ٻي فعل 4. فعل معطوفي، 5. فعل مرڪب.

ماضي معطوفي به فعل جو ڪردنت (Participle) آهي،



جيڪو ٻن جملن يا جملي جي ٻن حصن کي ڳنڍڻ جو ڪم ڏيندو آهي.

"اهو فعل جو جملي ۾ عطف جو ڪم ڏئي، يا فاعل جي هڪ ڪم جو ٻئي سان سلسلو ڳنڍي، يا هڪ ڪم جي پڄاڻيءَ تي ٻئي ڪم جو اجراءُ ظاهر ڪري، تنهن کي فعل معطوفي چئبو آهي." (ص-348)

مثلاً: صدر آمريڪا جو دؤرو ڪري انگلينڊ ويو. واحد بخش شيخ "مضارع"، "ماضي" ۽ "مستقبل" کي بنيادي يا مکيه زمان لکي ٿو: ڏنو وڃي ته "مضارع" بنيادي فعل ته آهي، پر ان جي مڪمل صورت ڪونهي، انڪري زمان حال کي بنيادي يا مکيه زمان لکڻ وڌيڪ صحيح آهي. هن ڪُل ويهه زمان لکيا آهن. پنج زمان مضارع مان ٺهندڙ جيڪي هي آهن: زمان حال يا حال استمراري، زمان حال مدامي، حال متشڪي، حال امڪاني ۽ حال التزامي ۽ ڏهه قسم زمان ماضيءَ جا به ڄاڻايا اٿس: ماضي استمراري، ماضي مدامي، ماضي قريب، ماضي مطلق، ماضي بعيد، ماضي تمنائي، ماضي متشڪي، ماضي امڪاني ۽ ماضي مستقبل امڪاني ۽ مستقبل التزامي.

هنن زمانن کي الڳ الڳ نالا ڏئي شيخ صاحب ڌار ڌار زمان لکيا آهن، جڏهن ته انهن مان ڪيترن جي جوڙجڪ ۽ سندن مفهوم ۾ هڪجهڙائي آهي. مثلاً ماضي تمنائي ۽ ماضي شرطي، مستقبل استمراري ۽ مستقبل مدامي ۾ ڪوبه فرق ڪونهي.

**زمان ماضي شرطي:**

"اهو زمان جنهن ۾ گذريل زماني ۾ ڪنهن ڪم جي پوري ٿيڻ لاءِ ڪو شرط ظاهر ڪيل هجي، تنهن کي زمان

ماضي شرطي چئبو آهي.“ (ص-46 ياڳو ٻيو)

مثال طور: تون سچ ڳالهائين ها تہ ايڏي مصيبت ۾ نہ پوين ها.

قوم سادگي اختيار ڪري ها تہ معاشرو نہ بگڙي ها.

**زمان ماضي تمنائي:**

”اهو زمان جنهن ۾ گذريل زماني ۾ ڪنهن ڪم پوري ٿيڻ جي آرزو يا خواهش ظاهر ڪيل هجي تنهن کي زمان ماضي تمنائي چئبو آهي.“ (ص-48 ياڳو ٻيو)

مثال: جي مون کي ڪو موقعو ملي ها.

جيڪو موت مهلت ڏئي ها.

مٿيان ٻئي جملا اڻپورا لڳن ٿا. انهن ۾ ”ملي ها“ ”ڏئي ها“ وغيره ۾ بہ شرط آهي. انهن جملن کي هيئن بہ لکي سگهجي ٿو:

1- جي مون کي ڪو موقعو ملي ها، تہ آئون توهان جي مدد ڪريان ها.

2- جيڪو موت مهلت ڏئي ها، تہ آئون پنهنجا رهيل ڪم پورا ڪيان ها.

يا وري ”زمان مستقبل استمراري“ ۽ ”مستقبل مدامي“ ۾ ڪو فرق نہ آهي.

**مستقبل استمراري:**

”اهو زمان جو ايندڙ وقت ۾ ڪنهن ڪم جي جاري رهڻ جو اظهار ڪري، تنهن کي مستقبل استمراري چئبو آهي.“ (ص-63 ياڳو ٻيو)

مثال طور گذاريندس پيو، سڪندا پيا وغيره.



**مستقبل مدامي:**

”اهو زمان جو ايندڙ وقت ۾ ڪنهن ڪم جي هميشہ جاري رهڻ جي خبر ڏئي تنهن کي مستقبل مدامي چئبو آهي.“ (ص-65 (ياڱون ٻيو)

مثال طور گهمندو رهندس، رُلندا وتندا وغيره.

هن زمان (مستقبل مدامي) کي مستقبل استمراري بہ چيو ويندو آهي.

**ظرف:**

ظرف، فعل، صفت، يا ٻئي ظرف سان لاڳو ٿي، ان ريت، قدر، وقت، جاءِ يا ظرف متعلق ٻڌائيندو آهي. واحد بخش ان جا ڇهہ قسم لکيا آهن. (1) ظرف مڪان (2) ظرف زمان (3) ظرف تميز (4) ظرف مقدار (5) ظرف اقراري ۽ (6) ظرف انڪاري.

ظرف مقدار جي وصف ۾ لکي ٿو:

”اهو لفظ جنهن مان وسعت، قدر يا انداز جي خبر پوي تنهن کي ظرف مقدار چئبو آهي.“ (ص-93 - ياڱو ٻيو)

’اڪيچار‘، ’بلڪل‘، ’بيحد‘، ’هيڪاندو‘ وغيره ظرف مقدار جا مثال آهن. واحد بخش شيخ حرف جملي، حرف ندا کي هڪڙو ئي لفظ ”حرف“ لکيو آهي. ان جي وصف ۾ لکي ٿو:

”حرف انهيءَ لفظ کي چئجي ٿو، جو جملي ۾ اسم يا ضمير جو لاڳاپو ٻين لفظن سان ڏيکاري. ٻن لفظن، جملي جي ٻن ڀاڱن يا ٻن جملن کي ڳنڍي يا ڌار ڪري، اسم ۽

ضمير جي اضافت بيان ڪري يا جنهن مان سُتِ آواز، آرزو، ارمان، عجب، تعريف يا توهين جي معنيٰ نڪري.“
(ص-97 - ڀاڱو ٻيو)

حرف جا وري اٺ قسم لکي ٿو: (1) حرف جر (2) حرف جملو (3) حرف اضافت (4) حرف ندا (5) حرف تمنا يا دعا (6) حرف تعجب (7) حرف تاسف (8) حرف نفرين.

نحو واري ڀاڱي ۾ جملي جا قسم، جملي ۾ لفظن جي نحوي حيثيت، جملي ۾ لفظن جو پاڻ ۾ رابطو يا لاڳاپو ۽ ٻيهڪ جون نشانيون ڏنل آهن. جملي ۾ لفظن جي پاڻ ۾ رابطي جي باري ۾ لکي ٿو:

> ”هر ٻوليءَ ڪي لفظن جي ترتيب ۽ جوڙجڪ جو پنهنجو نظام آهي، سنڌيءَ ڪي به اهڙي ئي قاعدي تي ٻڌل مستند نظام آهي، جنهن موجب اصل محرڪ اسم هوندو آهي ۽ ضمير ان جو عيوضي يا قائم مقام ٿي ڪم ڪندو آهي، تنهن ڪري اسم يا ضمير جو فاعل يا مفعول جي حيثيت ۾ سڌو سنئون فعل سان واسطو رهندو آهي. صفت خاصيت جو ٻيو نالو آهي، ان جو اسم يا ضمير سان طبعي لاڳاپو هوندو آهي ظرف جو تعلق به اڪثر ڪري فعل سان رهندو آهي ڇاڪاڻ ته ظرف جو لفظ ئي فعل بابت مڪان زمان ۽ طور طريقي جو تعين ڪندو آهي ۽ حرف اسم يا ضمير جي حالت ظاهر ڪندو آهي.“ (ص- 244 - ڀاڱو ٻيو)



## نتيجو:

سنڌ تي ساڍا ٽي سؤ سال عرب قابض رهيا آهن ان ڪان سواءِ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ تجارتي ۽ واپاري لاڳاپا صدين ڪان رهيا آهن، ان ڪري ٻنهي ٻولين (عربي- سنڌي) جو هڪ ٻئي تي تمام گهڻو اثر آهي. عربي، حڪمران طبقي جي ٻولي هئڻ ڪري سنڌيءَ کي وڌيڪ متاثر ڪيو پر ان جا اثر (influence) لفظن تائين محدود رهيا، اهي سنڌيءَ جي ساخت يا جملي جي بناوت تي اثر انداز نه ٿيا آهن. واحد بخش شيخ عربيءَ کي سامهون رکي، انهيءَ کي معيار طور کڻي سنڌيءَ ٻوليءَ جو گرامر لکيو آهي، ان ڪري ڪي علمي نالا (Terms) جيئن ”التزامي“، ”تاسف“، ”تفريق“، ”توضيحي“ ۽ ”تمليڪي“ وغيره اوپرا لڳن ٿا. ڪن هنڌن تي هن جون ڏنل وصفون (defination) سنڌي ٻوليءَ جي مزاج مطابق نه آهن. جيڪڏهن مصنف کي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي نيون بناوتون نظر آيون، جن جو اڳين نحوين ذڪر نه ڪيو هو ته انهن کي سنڌي نالا ڏنا وڃن ها. تنهن هوندي به هي سنڌي گرامر جي تاريخ ۾ هڪ ڪتاب جو اضافو ضرور آهي.

**(9) سنڌي گرامر ۽ ڪمپوزيشن**(ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي- 1987ع)

سنڌ جي ڪاليجن ۾ ٻارهين ڪلاس ۾ سنڌي لازمي مضمون طور پڙهائي ويندي آهي. ميمڻ عبدالمجيد جو لکيل ”سنڌي گرامر ۽ ڪمپوزيشن“ ان ڪورس جو ڪتاب آهي، جنهن ۾ گرامر، علم بديع، ادبي تاريخ ۽ مضمون نويسي وغيره تي مختصر مگر جامع معلومات ڏني وئي آهي، جيئن ليکڪ پاڻ لکي ٿو:

"هيءُ ڪتاب خاص طرح سان انٽر جي شاگردن جي ڪورس ۽ ضرورتن کي نظر ۾ رکي لکيو ويو آهي ۽ گذريل سالن جا پيپر سامهون رکيا ويا آهن ان کان سواءِ ٻين ڪورسن جي شاگردن لاءِ بہ مفيد ثابت ٿيندو."

"فصل پهرئين" ۾ ڳالهائڻ جا لفظ ڏنل آهن جيڪي ميمڻ صاحب اٺ لکيا آهن، لفظن سان گڏ انهن جي قسمن جو بہ بيان ڏنو اٿس. "فصل ٻئي" ۾ "پرپوگ" ڏنل آهن. جملن جي ترڪيب "ٽئين فصل" ۾ ڏنل آهي. ترڪيب ۾ جملي جي هرهڪ لفظ جو قسم، جنس، عدد، حالت ۽ زمان ڏيکاريو ويو آهي انڪري عدد، جنس، حالت ۽ زمان هن باب ۾ ڏنل آهن. فصل چوٿين ۾ "جملن جو ڇيد"، پنجين ۽ آخري فصل ۾ "بيهڪ جون نشانيون" ڏنل آهن.

## نتيجو:

جيتوڻيڪ هي ڪتاب شاگردن هئڻ ڪري سؤلو ۽ مختصر ڪري لکيو ويو آهي، پر ان جي ايتري گهڻي علمي حيثيت ناهي، جهڙي مٿي ذڪر ڪيل ٻين گرامر جي ڪتابن جي آهي. هن ڪتاب جهڙا ٻيا بہ گرامر جا ڪيترا ڪتاب ملن ٿا، پر اهي ايترا اهم ڪونہ آهن، جو هتي ذڪر ڪيو وڃي.

**(10) سنڌي ٻولي The Sindhi Language** (آر- پي ييگورو روا- 1971)

رايا ييگورو روا سنڌي ٻوليءَ تي "The Sindhi Language" نالي ڪتاب روسي ٻوليءَ ۾ لکيو هو، جنهن جو انگريزيءَ ۾ اِي-ايچ تسپان (E.H.Tsipan) ترجمو ڪيو. هيءُ ڪتاب 1971ع ۾ ماسڪو ۾ ڇپيو. هن ڪتاب ۾ پهريائين سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جو مختصر پر جامع



تعارف (Introduction) ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بُڻ بنياد، ارتقا ۽ سنڌي ادب جي مختلف دؤرن ۾ ترقي ۽ واڌاري جو احوال ڏنو ويو آهي. قاضي قادن، شاه ڪريم شاه لطيف، لُطف الله قادريءَ کان وٺي موجوده دؤر جي اديبن حسام الدين راشدي ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا وغيره تائين سڀني جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ييگورو روا پنهنجي ڪتاب جي شروعات صوتيات (Phonetics) کان ڪري ٿي. سنڌي ٻوليءَ جو هر لفظ مُتحرڪ آهي، يعني هر لفظ جي اخري اکر تي ڪانہ ڪا حرڪت هوندي آهي، مس رايا ان کي سنڌيءَ جي خاص خوبي سڏيندي لکي ٿي:

> "One of the specific fealures of Sindhi Phonetics is the presence of the of the short final vowels, a,u,e, which alter the meaning of words: ڏيهُ, dehu (land), ڏيهَ deha, (countries), جَڙ jara (root), جَڙُ jaru (stupid, untrained), ڇوڪرُ chokaru (boy), ڇوڪرِ – Chokare (girl). (pp23-24)

(سنڌي صوتيات جي هڪ خاص خوبي آخري ننڍي سُر، زبر پيش ۽ زير جي موجودگي آهي، جيڪو لفظن جي معنيٰ ۾ تبديلي آڻي ٿو. ڏيهُ (ڌرتي)، ڏيهَ (ملڪ) جَڙ (پاڙ)، جَڙُ (جنهن جي سکيا ٿيل نہ هجي)، ڇوڪرُ (ڇوڪرو)، ڇوڪرِ (ڇوڪري).

دنيا جي تقريباً هرٻوليءَ جا ڪيترائي لهجا هوندا آهن، جيڪي ڪجهه ڳالهين ۾ هڪٻئي کان مختلف هوندا آهن. سنڌيءَ جا بہ ڪيترائي لهجا آهن، جن مان اُترادي بہ هڪ نمايان لهجو (Dialect) آهي، اترادي

لهجي ۾ ڪجهه اکرن سان ”ر“ جو اُچار ڳنڍيو ويندو آهي، جيئن: ڊ، ڍ، ٿ وغيره. ييگو رو وا ان کي قديم هندستاني باقيات لکي ٿي!

> “In literary Sindhi the sound t, d,dh, can sometimes be pronounced as tr, dr, dhr (this r however, is not depicted in written form) which is an archaism retaining old Indian features.” (pp24)

(سنڌيءَ ۾ ٿ، ڊ، ڍ آوازن کي ڪڏهن ڪڏهن ٿر، ڊر، ڍر به اچاري سگهجي ٿو، جيتو ٽيڪ ”ر“ کي لکت ۾ ظاهر نہ ڪيو ويندو آهي، جيڪا خاصيت قديم هندستاني باقيات آهي. قديم هندستانيءَ مان ڇا مُراد آهي؟ ان جي باقيات يا اهڃاڻ ڪيئن آهي؟ ان باري ۾ ييگورو وا ڪابہ وضاحت نہ ڪئي آهي. صوتيات واري ڀاڱي ۾ سنڌي الف- ب (Alphabet) جي هر اکر جو تفصيل ۽ ان جي انگريزي الف- ب (Alphabet) جي اکرن سان هڪجهڙائي بہ ڏيکاري وئي آهي، جيئن پ- (P) وغيره.

علم صرف يا صرفيات (Morphology) لفظن جي جوڙجڪ، ستا ۽ گردانن سان واسطو رکي ٿو. صرفيات واري ڀاڱي ۾ ڳالهائڻ جي لفظن (Parts of Speech) ۽ انهن جي قسمن وغيره جو تفصيلي ذڪر ڪيو ويو آهي.

ٻولين جا فرق ۽ هڪجهڙايون گرامر جي مدد سان جاچيا ويندا آهن، سنڌيءَ ۾ اسان کي گرامر جون ڪُجهہ اهڙيون بناوتون ملن ٿيون جيڪي ان کي انهن ٻولين کان الڳ ڪن ٿيون، جن سان اڪثر سندس تعلق جوڙيو ويندو آهي. روا لکي ٿي!



> “There are also such grammatical phonemes in Sindhi which distinguish it from other modern Indo-Aryan languages (for instance the system of pronominal enclitics” (pp35)

(سنڌيءَ ۾ گرامر جون ڪجهہ اهڙيون خاصيتون/بناوتون پڻ آهن جيڪي ان کي ٻين جديد انڊو-آرين يا هند آريائي ٻولين کان الڳ ڪن ٿيون. (مثال طور ضميري پڇاڙين جو سرشتو). اڳتي هلي ضميري پڇاڙين ۾ بہ ييگوروو‌ا لکي ٿي:

> “Unlike other modern Indo-Aryan languages, Sindhi has a system of pronominal enclitics which are added to different parts of speech (the substantive, verbor positive), to replace the corresponding personal pronouns. In the sentence the enclitics may appear as subject, object or attributes.” (p65)

(ٻين جديد انڊو- آرين (هند آريائي) ٻولين جي برعڪس سنڌيءَ ۾ ضميري پڇاڙين جو نظام آهي، جيڪي مختلف ڳالهائڻ جي لفظن (اسم، فعل، يا حرف جر) سان ضمير خالص جي متبادل طور تي جوڙيون وڃن ٿيون. جملي ۾ اهي پڇاڙيون فاعل، مفعول يا اضافت جي طور تي اچن ٿيون.)

اسم، صفت، ضمير، ۽ انهن جا قسم ڏنا ويا آهن، ان کان سواءِ اسم عدد، جنس، حالتون ۽ صفت جي ڀيٽ جا درجا بہ ڏنا ويا آهن. پر انهن ۾ اهي ئي ڳالهيون ملن ٿيون جن جو اسان پهرين ذڪر ڪري آيا آهيون. اسان هتي انهن ڳالهين جو ذڪر ڪنداسين جيڪي هن نيون

لکيون آهي.

فعل ۾ مصدر (The Infinitive)، صفت طور استعمال ٿيندڙ ڪردنت (The Participle)، اسم طور استعمال ٿيندڙ ڪردنت (Gerundive)، صيغا (Moods)، زمان (Tenses)، بنياد (Root)، ۽ مرڪب فعلن (Compound verbal derivatives) کي سمجهايو ويو آهي.

فعل جي بنياد يا ڌاتو (Root) جي باري ۾ لکي ٿي:

> "Etymologically, morphologically three types of roots can be determined in Sindhi:
> Roots proper! Prefixed roots and nominal roots. In addition there are roots borrowed from other languages, regardless of their morphological structure." (pp 106)

(لفظن جي بنياد جي مطالعي ۽ صرفيات طورتي سنڌيءَ ۾ ٽن قسمن جي بنيادن/ ڌاتن کي مقرر ڪري سگهجي ٿو. خالص ڌاتو، اڳياڙن وارا ڌاتو ۽ اسمن وارا ڌاتو. انهن سان گڏ اهڙا ڌاتو به آهن، جيڪي ٻين ٻولين کان اڌارا ورتا ويا آهن. هن ليکڪا امر جي صرفياتي بناوت جي بنيادن تي ان جي تقسيم ڪئي آهي.) (Roots Proper) ۾ لکي ٿي:

> "The roots proper are old Indian words which have entered the basic Sindh vocabulary. For instance, هل- (to go), ڪر-kar (to do) (pp 106)

(خالص ڌاتو قديم هندستاني لفظ آهن، جيڪي سنڌيءَ جي بنيادي لفظي ذخيري ۾ داخل ٿي ويا آهن. مثال طور: هَل، ڪر.)

ييگورو روا قديم هندستاني ڪهڙي ٻوليءَ کي چوي ٿي؟ اهو



واضح نہ ڪيو اٿس. (To go) (To do) مصدر (Infinitives) آهن، انهن 'هل' ۽ 'ڪر' جو انگريزيءَ ۾ ترجمو go ۽ do ٿيندو، (اها ترجمي جي غلطي به ٿي سگهي ٿي.) هن ڪتاب ۾ بنياد (Root) کي چڱيءَ طرح سمجهايو نہ ويو آهي. سنڌيءَ ۾ مرڪب فعل به تمام گهڻا آهن، جيئن "ٿي وڃڻ"، "ڊوڙي اچڻ"، "سوچي ڇڏڻ" ۽ "ڪري ڇڏڻ" وغيره جن کي مس رايا (Compound verbal derivatives) (مرڪ فعلي مشتق) لکيو آهي. انهن جي حوالي سان لکي ٿي:

> "In compound verbal derivatives, the first component of which (the basic verb) usually expresses the lexical meaning of the construstion, whereas the second component (the deriving verb) add meaning of perfective, tense, person, number etc. (pp 111)

سنڌيءَ ۾ مرڪب فعلن جو استعمال تمام گهڻو آهي. جنهن جو پهريون حصو (بنيادي فعل) اڪثر ڪري لغوي معنيٰ کي ظاهر ڪندو آهي. جڏهن تہ ٻيو حصو بنيادي فعل، زمان ۽ عدد وغيره جي معنيٰ ظاهر ڪندو آهي. ظرف، حرف جر، حرف جملي ۽ حرف ندا کي مثالن سان سمجهايو ويو آهي. "صرف" ۽ "نحو" ملي ڪنهن به ٻوليءَ جو گرامر ٺاهين ٿا. "صرف" کي لفظن ۽ "نحو" کي جملي جو گرامر چئي سگهجي ٿو. نحو ۾ فقرن، جملن ۽ لفظن جي بيهڪ، وياڪرڻي استعمال جو بنياد اچي ٿو. لفظ جملا ڪيئن ٺاهين ٿا؟ لفظن جو جملي ۾ هڪٻئي سان ڪهڙو لاڳاپو آهي؟ هي علم نحو جا موضوع آهن. علم نحو جي مکيہ ڳالهہ ترتيب، موافقت ۽ انتظام آهي. هن ڪتاب ۾

انهن ڳالهين کان سواءِ جملو، ان جي بناوت ۽ جملي جا قسم بہ سمجهايا ويا آهن. آخر ۾ هڪ ضميمو ڏنل آهي جنهن ۾ سنڌي ٽيڪسٽ (Sindhi text) جو مثال ڏنو ويو آهي.

## نتيجو:

مس رايا ييگو رو وا روسي ٻوليءَ ۾ سنڌي گرامر ۽ ٻوليءَ تي ڪتاب لکي روس ۾ سنڌيءَ کي متعارف ڪرايو آهي. هن تفصيل سان سنڌي ٻوليءَ جي صوتيات، صرفيات ۽ نحويات تي لکيو آهي. جيڪو سنڌي گرامر جي تاريخ ۾ هڪ قابل قدر اضافو آهي. ڪتاب جي شروعات ۾ تعارف ڏنل آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي ارتقا تي جامع بحث ڪيل آهي.

## حوالا:


1. الانا غلام علي ڊاڪٽر، سنڌي صورتخطي، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد سنڌ، 1993ع ص- 35
2. الانا غلام علي ڊاڪٽر، زبان اور ثقافت، علامہ اقبال يونيورسٽي اسلام آباد، 1987ع، ص- 124
3. جيٽلي مرليڌر، اوائلي شايع ٿيل سنڌي لوڪ ڪهاڻيون، اکل ڀارتيہ سنڌي ساهتيہ پرشد، 1/ 5 سرسوتي هائوسنگ سوسائٽي، 1986ع، ص 11.





4. الانا غلام علي ڊاڪٽر، سنڌي صورتخطي، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، سنڌ. 1993ع ص، 97
5. غلام قادر سومرو، ڊاڪٽر، سنڌي ٻن لفظن جي لغت، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ، 1996ع، ص، 15
6. ايضاً- ص 16
7. الانا غلام علي ڊاڪٽر، سنڌي ٻوليءَ جو پڙ بنياد، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، سنڌ، 1974ع، ص، 75
8. Wren and Martin, English Grammar and Composition, S Chand Company LTD, 2001- P 16
9. گريئرسن جي. اي. ترجمو ڪنڌڙ، ڊاڪٽر فهميده حسين، برصغير جي ٻولين جو لسانياتي جائزو، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ، 200ع، ص، 83
10. ايضاً- ص، 83
11. الانا غلام علي، ڊاڪٽر، سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، 1974ع، ص، 64
12. الانا غلام علي، ڊاڪٽر، سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو- 1987ع، ص- 88
13. گريئرسن جي. اي. ترجمو ڪنڌڙ: ڊاڪٽر فهميده حسين، برصغير جي ٻولين جو لسانياتي جائزو، سنڌيءَ ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ، 2000، ص 88
14. الانا غلام علي، ڊاڪٽر، سنڌي ٻوليءَ جو پڙ بنياد، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد سنڌ، 1944ع، ص، 73
15. نئين زندگي، مقالو، سنڌي گرامر جا مسئلا، ڊاڪٽر غلام علي الانا، مئي 1966ع، ص، 25

16. George Cardona and Dhanesh Jain, The Indo- Aryan Language - Routledge London and New York- 2003 P, 631, Paper by- Lachman M Khubchandani.

17. قاسم ٻگهيو، ڊاڪٽر، سنڌي ٻولي، (لسانيات کان سماجي لسانيات تائين)، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 1998ع ص، 51

18. Collinge N.E., An Encyclopedia of Language, Routledge, London-1990, P, 10

19. الانا غلام علي، ڊاڪٽر، سنڌي صوتيات، ادبيات پبليڪيشن جيڪب روڊ، حيدرآباد سنڌ، 1967ع، ص، 67

20. الانا غلام علي، ڊاڪٽر، سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو 1987ع، ص، 186

21. بيگ مرزا قليچ، سنڌي وياڪرڻ، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1992ع.

22. سراج، سنڌي ٻولي، عظيم پبليڪيشن حيدرآباد، سنڌ، 1964ع، ص، 33

23. ايضاً، ص، 61

24. فهميده حسين ڊاڪٽر، شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 1993ع، ص، 73.

25. سراج، سنڌي ٻولي، سنڌي ٻولي، عظيم پبليڪيشن، حيدرآباد، سنڌ، 1964ع، ص، 131.

26. نئين زندگي، مقالو، ”سنڌي ٻوليءَ جون چند خصوصيتون“، سراج، ص، 51 اپريل، 1965ع.

27. بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، 1990ع ص، 9.

28. گريئرسن جي، اي. ترجمو ڪندڙ، ڊاڪٽر فهميده حسين، برصغير جي ٻولين جو لساني جائزو، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد، سنڌ، 2000ع، ص، 142.





29. نئين زندگي، مقالو، ”سنڌي ٻوليءَ جون چند خصوصيتون“ سراج، ص، 18، مارچ 1965ع.

باب چوٿون

# سنڌي ٻوليءَ جا گرامر نويس

هن ڪائنات ۾ ان جي هر ذري پرزي جي بناوت ۾ جوڙجڪ ڪجهه اصولن مطابق ٿيل آهي، پوءِ انهن اصولن ڪي بيان ڪيو ويو هجي يا نه، يا اجا به ائين چئجي ته انهن ڪي سمجهيو به ويو هجي يا نه، پر اصل پنهنجي جڳهه تي موجود ضرور هوندا آهن. ڪنهن اصول جي خلاف ورزي، ڦيرگهير يا ان جي خلاف حرڪت سڄي نظام کي درهم برهم ڪري سگهي ٿي.

هن ڪائنات ۾ انسان ۽ ٻولي انسان جي زندگيءَ ۽ معاشري ۾ اهم جڳهه والارين ٿا. ٻولي به هڪ فطري عمل ۽ قدرتي مظهر (Natural Phenomenon) آهي. ان جي بنيادي ساخت يا بناوت ۾ جيڪي اصول هوندا آهن، انهن جي بيان کي گرامر چيو ويندو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جو شمار دنيا جي قديم ترين ٻولين ۾ ٿئي ٿو. جيڪا ڪيترن ئي جڳن کان هن سرزمين جي ماڻهن جي روزمره جي زبان رهندي آئي آهي، اها شاعريءَ ۽ ادب ۾ به مالامال آهي، موهن جي دڙي واري دؤر کان وٺي هن وقت تائين ان کي لکڻ لاءِ ڪيترائي رسم الخط رواج ۾ رهيا آهن ۽ ان ۾ ڪيترين ئي موضوعن تي لکتون ملن ٿيون، پر ان ۾ گرامر يا صرف و نحو لکڻ جي باقاعده شروعات انگريزن جي دؤر ۾ ان وقت ٿي، جڏهن انگريز سرڪار پاران تعليم مادري ٻوليءَ ۾ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ ابتدائي تعليم ڏيڻ لاءِ



درسي ڪتاب لکيا ويا. سنڌي گرامر لکندڙ ٻهريان عالم به انگريز ئي هئا، جنهن کان پوءِ سنڌيءَ جي ٻين ناليوارن ٻوليءَ جي ماهرن به گرامر لکيا آهن. هتي انهن عالمن جي ادبي خدمتن جو مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو.

### ڪئپٽن جارج اسٽئڪ:

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ انگريزن جي شروعاتي دور ۾ سنڌ ۾ آيو ۽ حيدرآباد جو ڊپٽي ڪليڪٽر مقرر ٿيو. هو سنڌ ۾ اچڻ کان اڳ هندستان ۾ به رهي چڪو هو، جنهن ڪري ڪيس سنسڪرت، هندي ۽ اردو ٻولين تي اڳي ئي مهارت هئي. سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ تمام ٿوري عرصي ۾ سنڌي سکائين ۽ سنڌيءَ جي صورتخطي مقرر ٿيڻ کان اڳ ئي گرامر ۽ ڊڪشنريون لکيائين. پر ان وقت هُن سنڌيءَ کي ديوناگري لِپي ۾ لکيو. هن جو نالو ٻهريون پيرو سنڌي ٻوليءَ جو گرامر، سنڌي انگريزي ۽ انگريزي سنڌي ڊڪشنريءَ جوڙڻ جي حوالي سان سڄاتو ۽ ياد رکيو وڃي ٿو. جارج اسٽئڪ ”سنڌي ٻوليءَ جو گرامر“ (A Grammar of the Sindhi) 1847ع ۾ لکيو، جيڪو هن کان اڳ ڇپيل واٿن (wathen) جي گرامر مان اتساهه وٺي لکيو هو ۽ 1849ع ۾ بمبئي سرڪار جي حڪم سان ڇپيو، ان جي اخر ۾ پنج لوڪ ڪهاڻيون به ڏنل آهن. جن مان پهرين هڪ ڏاهي قاضيءَ ۽ ٻن جهيڙيندڙ عورتن بابت آهي، ٻي هڪ پوڙهي عورت ۽ ٻن دوستن جي آهي، جن ان عورت وٽ پئسا امانت رکيا هئا، ٽين ڪهاڻيءَ هڪ اَن جي واپاريءَ ۽ بيوقوف چوڪري جي آهي، جڏهن ته چوٿين ڪهاڻي شهزادي املهه

ماڻڪ ۽ حسن پريءَ جي آهي. هن ڪتاب جي آخري ڪهاڻي راءِ ڏياچ جي آهي.

جارج اسٽئڪ سنڌيءَ جو پهريون لغت نويس پڻ آهي. سندس ٻيو وڏو ڪارنامو به ڊڪشنريون تيار ڪرڻ آهي. هڪ انگريزي سنڌي ڊڪشنري، جيڪا 1849ع ۾ ڇپي. هن ڊڪشنريءَ ۾ اٽڪل ٻارنهن هزار انگريزي لفظن لاءِ سنڌي هم معنيٰ لفظ ڏنل آهن، جن مان ڪيترائي هاڻي متروڪ ٿي چڪا آهن. ٻي ڊڪشنري سنڌي انگريزي، سندس وفات کان پوءِ 1855ع ۾ ڇپي، هن ڊڪشنريءَ جي تياريءَ ۾ به پنڊت برهم سچانند ۽ جيٺارام به ساڻس ٻانهن ٻيلي هئا. هن ڊڪشنريءَ ۾ اٽڪل سترنهن هزار سنڌي لفظ ڏنل آهن. سنڌي ٻوليءَ جي هن محسن ڊسمبر 1853ع ۾ وفات ڪئي. سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب لاءِ ڪيل سندس انهن شاندار خدمتن کي هميشه ياد رکيو ويندو.

**ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ:**

ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽُرمپ تيرهين مارچ 1828ع ۾ جرمنيءَ جي هڪ ننڍڙي شهر انسفيلڊ ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو جارج ٽرمپ هو، جيڪو هڪ هاري هو. شروع ۾ ٽُرمپ کي هڪ مذهبي اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو، ڇاڪاڻ ته سندس والد کيس پادري بنائڻ پئي چاهيو. هن کي ننڍي هوندي کان ئي ٻولين سکڻ جو تمام گهڻو شوق هوندو هو. جڏهن اسڪول ۾ داخل ٿيو ته انگريزي، لاطيني، يوناني ۽ ٻين يورپي ٻولين سان گڏ عربي، عبراني، فارسي ۽ سنسڪرت ۾ به دلچسپي ورتائين. ملازمت جو آغاز لندن ۾ ايسٽ انڊيا هائوس (East India house) ۾ اسسٽنٽ لائبريرين جي عهدي کان ڪيائين. 1858ع



۾ هندستان آيو، پهريائين ممبئي پوءِ ڪراچيءَ ۾ رهائش پذير ٿيو.

سنڌي ادب لاءِ ڊاڪٽر ٽرمپ صاحب جون خدمتون اڻ وسرندڙ ۽ اڻ مِٽ آهن. سنڌي سکڻ کان پوءِ "Sindhi Reading Book" لکيائين. کيس سنڌ جي سداحيات ۽ آفاقي شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي پهرئين مُرتب جو اعزاز پڻ حاصل آهي. شاهه جي رسالي کي ترتيب ڏئي نه رڳو ان کي 1866ع ۾ جرمنيءَ مان ڇپرايائين پر ان جو عالماڻو مقدمو به لکيائين.

ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽُرمپ سنڌي ٻوليءَ جو گرامر به لکيو جيڪو 1872ع ۾ شايع ٿيو، جنهن جي سنڌي گرامر جي تاريخ ۾ تمام گهڻي اهميت آهي. هن گرامر ۾ هن سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت پنهنجو نظريو ڏنو. سنڌيءَ کي سنسڪرت جائي چوڻ باوجود، هن ان جي ڪن انوکين خصوصيتن سبب ان کي ٻين سنسڪرتي ٻولين کان نرالي ٻولي سڏيو. ان کان سواءِ هن نامياري ليکڪ ۽ محقق سنڌي ٻولي، شاهه لطيف ۽ سندس ڪلام متعلق ڪيترائي مضمون لکيا. سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب لاءِ سندس ڪيل خدمتون تعريف جي قابل آهن.

**مُنشي آڌارام ٿانورداس:**

مُنشي آڌارام ٿانورداس 1833ع ۾ حيدرآباد ۾ ڄائو. سندس شمار انهن ليکڪن ۾ ٿئي ٿو، جن انگريزن جي شروعاتي دور ۾ سنڌي نثر ۾ گهڻائي ڪتاب لکي ان کي مالامال ڪيو. هن سنڌ ۾ سڀ کان پهريائين انگريزي سکي ۽ ڪمشنر جي آفيس ۾ ملازمت ڪئي. منشي صاحب سنڌي صورتخطي ناهڻ واري ڪميٽيءَ جو ميمبر به هو.

سنڌيءَ ۾ ڪيترائي درسي ڪتاب لکيائين، پهريون ڪتاب، ٻيو ڪتاب ۽ ٽيون ڪتاب تيار ڪيائين. ان کان سواءِ دنيا جي تاريخ، راءِ ڏياج جو قصو، مفيدالطالبين، ڪامسين ۽ ڪامروپ، طوطي نامو ۽ ڪجهه ٻيا قصا ۽ ڪتاب لکيائين. هو هڪ سٺو مترجم به هو. انگريزي ناول نگار ڊاڪٽر جانسن جي مشهور ناول جو ترجمو "راسيلاس" جي ساڳئي نالي سان ديوان نولراءِ سان گڏجي ڪيائين.

هو درسي ڪتابن ۾ ڪي ڳالهيون ۽ نُڪتا سمجهائڻ لاءِ ڏوهيڙا ۽ موزون ڪلام به وچ ۾ ڏيندو هو، جيڪي سندس لکيل هوندا هئا. ديوان صاحب 1892ع ۾ سنڌي گرامر جو ڪتاب "سنڌي وياڪرڻ" لکيو، جيڪو تمام گهڻو مقبول ٿيو ۽ ان دؤر يعني انگريزن جي دؤر ۾ گهڻا دفعا شايع ٿيو، ان دور ۾ ايترا ڇاپا ٻئي ڪنهن به ڪتاب جا نہ ڇپيا هئا. سنڌيءَ جي هن ناميارے ليکڪ پنجاهه سالن جي عمر ۾ 1883ع ۾ وفات ڪئي.

**ڪشنچند گلاب سنگهه گدواڻي ۽ ڏيارام وسڻ مل ميرچنداڻي:**

هنن ٻنهي صاحبن جو تعلق تعليم کاتي سان هو. ڪشنچند گلاب سنگهه گدواڻي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر هو ۽ ڏيارام وسڻ مل ميرچنداڻي ٽريننگ ڪاليج جو استاد هو. هنن خاص ڪري ننڍن ٻارن لاءِ 1914ع ۾ موجوده صورتخطيءَ ۾ "سنڌي وياڪرڻ" (ٻہ ڀاڱا نالي سان گرامر لکيو، جيڪو تمام ڪمائتو ڪتاب آهي.

**شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ:**

شاعر، نثر نويس، مترجم، محقق، مؤرخ، گرامر نويس، لغت



نويس، لطيف شناس ۽ ڊراما نويس اهي سڀ حوالا آهن "عالمن جي سج" مرزا قليچ- بيگ جا. مرزا قليچ بيگ 07 آڪٽوبر، 1853ع ۾ حيدرآباد جي ٽنڊي نوڙهي ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو مرزا فريدون بيگ هو، جنهن کي ست پُٽ هئا، قليچ بيگ انهن ۾ ٽيون نمبر هو. سندس وڏا جارجيا جا وينل هئا. مرزا قليچ بيگ شروع ۾ فارسيءَ جي تعليم حاصل ڪئي، پوءِ سنڌي اسڪول ۾ داخل ٿيو جتي سنڌيءَ سان گڏ عربي ۽ انگريزيءَ جي تعليم حاصل ڪيائين. مرزا قليچ بيگ جي گهر جو ماحول علمي ادبي هو. سندس پيءُ ۽ نانو فارسي ٻوليءَ جا عالم هئا، کين ڪتابن گڏ ڪرڻ جو شوق هو. مرزا قليچ بيگ به ننڍي هوندي کان ئي (ستن سالن جي عمر ۾) شاعري ڪرڻ شروع ڪئي، جنهن جي اصلاح سندس پيءُ ۽ نانو ڪندا هئا، اهڙيءَ طرح سندس لکڻ ۽ پڙهڻ جو ذوق وڌندو رهيو.

سنڌ ۾ مرزا قليچ بيگ جيتري قدر علمي ۽ قلمي خدمتون سرانجام ڏنيون آهن، اوتري قدر هن وقت تائين ٻيو ڪوبہ عالم نہ ڏئي سگهيو آهي. هن تقريباً هر موضوع تي ساڍن چئن سَوَن کان وڌيڪ ڪتاب لکيا ۽ ترجمو ڪيا آهن. جن ۾ اخلاقيات، مذهب، روحانيت، تاريخ، لغت، صرف ونحو، منطق، طب، اقتصاديات، فلسفي ۽ باغباني وغيره جا موضوع اچي وڃن ٿا. لسانيات ۾ مرزا قليچ بيگ صاحب لُغات لطيفي، سنڌي لُغات قديمي، ڀُهاڪن جي حڪمت ۽ فارسي زبان جي تاريخ ڪتاب لکيا سنڌي گرامر جي ڏس ۾ سندس ڪتاب "سنڌي وياڪرڻ" هو، جيڪو پوءِ "علم صرف نحو" جي نالي سان به ڇپيو. هن گرامر جي خاص ڳالهه اها هئي تہ هن ۾ مرزا صاحب عربي صرف

نحو جي قاعدن سان بہ پيٽ ڪئي ۽ ڪيترن هندي ۽ سنسڪرت جي اصطلاحن سان گڏ عربي اصطلاح بہ استعمال ڪيا. سندس مجتا ۾ ۽ علمي ادبي خدمتن جي عيوض سرڪاري طرفان ”خان بهادُر“، ”قيصر هند“ ۽ ان وقت جي وڏي اعزاز ”شمس العماءِ“ جو خطاب مليس. جديد سنڌي ادب جي عمارت ڪي اڏيندڙ ۽ سينگاريندڙ هي عالم پنجهتر سالن جي عمر ۾ ٽين جولاءِ 1929ع تي وفات ڪئي. سندس آخري آرامگاهہ حيدرآباد جي ٽنڊي ٺوڙهي ۾ آهي. مرزا قليچ بيگ پنهنجي علمي پورهيي ذريعي عوام جي دلين ۾ سدائين زنده رهندو.

**ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي:**

ڪاڪو ڀيرو مل 1875ع ۾ حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم مڪاني اسڪول ۽ سيڪنڊري تعليم حيدرآباد جي مشهور يونين اسڪول ۾ ورتائين، جتي ساڌو شوقيرام آڏواڻي ۽ تاراچند شوقيرام آڏواڻي سندس استاد هئا، جن کيس بي تعليم سان گڏ ادب ۽ شاهہ جي مطالعي جو بہ شوق ڏياريو. ڪاڪي ڀيرو مل جو شُمار ورهاڱي کان اڳ جي ناليوارن ليکڪن ۾ ٿئي ٿو. هن نثر ۽ نظم ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا. هو شاعر، نثر نويس، مؤرخ، محقق ۽ ماهرِلسانيات هو، سندس تخلص ”غريب“ هئو. خاص ڪري ٻارن لاءِ ڪيترائي شاهڪار نظم لکيائين، جيئن: ”مونکي ڪنهن تي ڪير پيارو“، ”وقت چوي آءٌ بادشاهہ“ وغيره.

سندس ڪتابن مان ”هيري جون ڪٽيون“، ”قديم سنڌي“، ”غريب اللغات“، ”ڦاڪن جي پيڙهي“، ”وڏي سنڌي وياڪرڻ“، ”سنڌي



ٻوليءَ جي تاريخ“ ۽ ”لطيفي سير“ هر دؤر ۾ مقبول رهيا آهن. ڪاڪي ڀيرو مل سنڌي ادبي بورڊ جي ”جامع سنڌي لغات“ جي پهرين جلد مرتب ڪرڻ ۾ سرگرم حصو ورتو. هو سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ (موجوده سنڌي ادبي بورڊ) جو شروع کان وٺي ميمبر بہ رهيو، بعد ۾ ان مرڪزي بورڊ جو ڪجهہ وقت لاءِ وائيس چيئرمن بہ رهيو.

سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد متعلق ڪاڪي ڀيرو مل جو رايو هو تہ ”سنڌي سنسڪرت مان نهي آهي“. ان کان پهريان اهو نظريو ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ ۽ ٻيا يورپي ماهر ڏئي چڪا هئا. ڪاڪي ڀيرو مل پورو ڪتاب لکي ان نظريي کي صحيح ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سنڌيءَ ۾ سندس گرامر وارو ڪتاب ”وڏو سنڌي وياڪرڻ“ وڏي اهميت رکي ٿو، جنهن جو پهريون ڇاپو 1925ع ۾ ڇپيو ۽ ان وقت جي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ لازمي پڙهايو ويندو هو. ڪاڪي ڀيرو مل هن گرامر ۾ بہ ڪيترن نڪتن مان سنڌي ۽ سنسڪرت جو لاڳاپو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪاڪو ڀيرو مل ورهاڱي کان پوءِ 1949ع ۾ بمبئي لڏي ويو ۽ اتي صرف هڪڙي سال کان پوءِ جولاءِ 1950ع ۾ وفات ڪيائين.

**رايا ييگورووا:**

سنڌي گرامر جي مختلف پهلوئن تي لکندڙ ”خاتون اول“ رايا ييگورووا جو تعلق روس جي راڄڌاني ماسڪو سان آهي. هن ماسڪو ۾ رهندي سنڌي سکي، هوءَ سنڌي جي ٻن ناميارن عالمن پير حسام الدين راشدي صاحب ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب سان خط و ڪتابت ڪندي هئي. هن ”سنڌي ٻولي“ نالي سان ڪتاب روسي

ٻوليءَ ۾ لکيو، جنهن ۾ سنڌي گرامر جي تقريباً سڀني پهلوئن تي روشني وڌي اٿس. ان ڪتاب جو انگريزي ترجمو 1971ع ۾ ماسڪو ۾ ڇپيو. رايا ييگوروووا ان ڪتاب کان سواءِ روسي ٻوليءَ ۾ سنڌي متعلق ٻيا مضمون به لکيا آهن، جن ۾ ضميري پڇاڙين ۽ فعل جي صيغن وغيره تي بحث ڪيو اٿس.

**ڊاڪٽر غلام علي الانا:**

ڊاڪٽر غلام علي الانا، 15 مارچ 1930ع تي ٺٽي ضلعي جي ڳوٺ ٺڙ خواجه ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾، ثانوي تعليم ميرپور بٺوري، ٺٽي محمد خان ۽ ڪراچيءَ مان حاصل ڪيائين. اعليٰ تعليم سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري ۽ لنڊن يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين. ڪيس سنڌيءَ ۾ پهريون پي. ايڇ. ڊي (Ph.D) هجڻ جو اعزاز حاصل آهي.

ڊاڪٽر غلام علي الانا سنڌ جو مڃيل اديب، عالم، دانشور ۽ ماهر لسانيات آهي. هن ڪهاڻيون، ناول ۽ ادبي تاريخ به لکي آهي، پر سندس سڃاڻپ لسانيات جي ميدان ۾ سندس ڪيل بي مثال خدمتون آهن. لسانيات ۾ سندس ڪتاب سنڌي صوتيات، سنڌي صورتخطي، سنڌ جي لساني جاگرافي، سنڌي معلم، سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا، زبان اور ثقافت، "Original and Growth of Sindhi" آهن. جن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مختلف پهلوئن تي بنيادي ۽ ضروري معلومات ڏني وئي آهي. ڊاڪٽر غلام علي الانا اديب هُئڻ سان گڏ اداره ساز به آهي. انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجيءَ کي ناهڻ ۽ ان کي موجوده اوج تائين پهچائڻ ۾ ڊاڪٽر



صاحب جي محنت جو وڏو عمل دخل آهي. هو علامه اقبال اوپن يونيورسٽيءَ اسلام آباد جو وائيس چانسلر، سنڌيونيورسٽيءَ ڄام شوري جو وائيس چانسلر ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو چيئرمئن به رهي چڪو آهي. ڪيس خدمتن جي مڃتا طور ڪيترائي ايوارڊ ملي چڪا آهن. ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس" جي مهاڳ ۾ لکيو آهي:

> "هڪ ڳالهه جو فخر ضرور اٿم ته پاڪستان ۾ لسانيات جي ميدان ۾، سڀ کان گهڻو ڪم، سنڌي زبان ۾ ٿيو آهي ۽ هن موضوع تي گهڻي ۾ گهڻو مواد سنڌي زبان ۾ ئي ڇپيو آهي. هن علم ۾ گهڻي ۾ گهڻو تحقيقي ۽ تخليقي ڪم سنڌي زبان ۾ ئي ٿيو آهي."

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب سنڌي ٻوليءَ ۽ لسانيات جي مختلف موضوعن تي سڀ کان وڌيڪ ڪتاب لکيا آهن. 1984ع ۾ پاڻ "سنڌي معلم" نالي ڪتاب اردودانن کي سنڌي سيکارڻ جي خيال کان لکيائين ۽ هن وقت سنڌيءَ جي مڪمل تفصيلي گرامر تي ڪم ڪري رهيو آهي. دعا آهي ته الله سائين ڪيس صحت سان گڏ ڊگهي زندگي عطا ڪري ۽ هو اسان لاءِ اهڙا قيمتي ڪتاب لکندو رهي.

**واحد بخش شيخ:**

واحد بخش شيخ جنوري 1919ع ۾ ڳوٺ ٻٽ سرائي هاٽوڪي دادو ضلعي ٺڏهن لاڙڪاڻي ضلعي ۾ پيدا ٿيو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان ۽ سيڪنڊري تعليم ميهڙ نصيرآباد مان حاصل ڪيائين. شيخ صاحب عربيءَ ۾ ماسٽرس ڪئي، ان کان سواءِ ايڊنبرگ برطانيه مان

هڪ سال جو ڊپلوما ڪورس بہ ڪيو. واحد بخش شيخ صاحب پيشي جي لحاظ کان استاد هو، مختلف اسڪولن ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنائين. پاڻ ڊائريڪٽر ايجوڪيشن، حڪومت سنڌ ۽ چيئرمن بورڊ آف سيڪنڊري ايجوڪيشن حيدرآباد بہ رهيو. شيخ صاحب کي ادب ۽ شاعريءَ سان بہ لڳاءُ هو، سندس تخلص "شاهد" هو.

شيخ صاحب "سنڌي ٻوليءَ جو صرف ونحو" بن پاڱن ۾ لکيو آهي، هن ڪتاب ۾ هن سنڌي گرامر کي عربي اصولن تي رکي پرکيو آهي ۽ سنڌي کي عربيءَ جي پيڙهہ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ ڪيترائي عربي اصطلاح ڪتب آندا آهن.ان کان علاوه هن انگريزيءَ ۾ "Education Based on Teaching of Holy Quran" ڪتاب بہ لکيو جيڪو 1993ع ۾ پاڪستان اسٽڊي سينٽر سنڌيونيورسٽي ڄامشوري شايع ڪيو آهي. واحد بخش شيخ کي سندس خدمتن جي عيوض 1968ع ۾ حڪومت پاڪستان پاران صدارتي ايوارڊ ۽ گولڊ ميڊل ڏنو ويو ۽ ايسٽ پاڪستان جو مفت دورو ڪرايو ويو.

**ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي:**

ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جو جنم يارهين سيپٽمبر 1931ع تي ڳوٺ ماڙي ضلعي شڪارپور ۾ ٿيو. هن ٽي ماسٽرس جون ڊگريون (سنڌي ادب، اسلامڪ ڪلچر ۽ رليجن) ۾ حاصل ڪيون. ان کان سواءِ ايل.ايل.بي ۽ سنڌي ادب ۾ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري بہ حاصل ڪيائين. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جو شُمار انهن ليکڪن ۾ ٿئي ٿو، جن ڏينهن رات محنت ڪري سنڌي ادب جي ذخيري کي مالا مال ڪيو آهي. سندس ڇپيل ڪتابن جو ڪُل تعداد ستيتاليهہ آهي. جن مان ٻائيتاليهہ



سنڌيءَ ۾ ۽ پنج اردوءَ ۾ آهن. انهن ۾ سندس ترجمو ڪيل ۽ ترتيب ڏنل ڪتاب بہ شامل آهن. سندس مشهور ڪتابن ۾ "ڏور"، "شاهہ ڪريم جو ڪلام"، "سنڌي نعتيہ شاعري"، "تذڪره شعراء سکر"، "فڪرِلطيف"، "پرک ۽ پروڙ"، "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو"، "شڪارپور جي ٻولي" ۽ ماڻڪ موتي لال" وغيره آهن. سندس خاص لاڙو تہ شاعرن جي ڪلام، انهن جي فڪرجي سمجهائي ۽ تاريخ ڏانهن آهي، پر "شڪارپور جي ٻوليءَ" ۽ "واحد سنڌي گرامر" کان سواءِ اردو ۽ سنڌي جي لساني رابطن بابت ڪتابن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هو لسانيات جي علم جي پڻ سني ڄاڻ رکندو هو. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي 65 سالن جي عمر ۾ 11 فيبروري 1996ع تي وفات ڪري ويو.

## نتيجا

اسان جي ڪيل تحقيق مطابق پهرئين باب ۾ معلوم ٿيو تہ انسان گروهن جي صورت ۾ رهي ٿو ۽ ٻين سان واسطو رکي ٿو، سندس رابطي جو ذريعو ٻولي آهي، ٻولي اهو وسيلو آهي، جيڪو معنيٰ، مقصد ۽ خيال جي اظهار ۾ مددگار ثابت ٿيندو آهي. ٻولي هڪ تنظيم آهي، ڪنهن بہ نظام کي پرکڻ لاءِ ان جو ڇيد (Analysis) ڪيو ويندو آهي، ٻوليءَ جي ستا (Structure) معلوم ڪرڻ لاءِ بہ ان جي آوازن، لفظن جي جوڙجڪ، لفظن جو جملي ۾ ڪارج وغير کي جاچيو ويندو آهي.

آوازن جي علم کي صوتيات (Phonology)، لفظن جي علم کي صرفيات (Morphology) ۽ لفظن جي جوڙجڪ ۽ جملي ۾ ڪارج جي علم کي نحويات (Syntax) چئبو آهي. صوتيا ڳالهائڻ

واري زبان (Spoken language) جا بنيادي ايڪا (Units) آهن. صوتيات ذريعي ڳالهائڻ جي آوازن، آوازن جو مخرج (Articulation points)، مختلف آوازن جي استعمال ۽ تقسيم جي خبرپوندي ٿي. لفظن جي علم (Morphology) تي ٻوليءَ جي وياڪرڻ جو سرشتو اڏيل آهي. هن علم ذريعي لفظن، انهن جي جزن ۽ جوڙجڪ جي خبر پوي ٿي. لفظ ملي ڪري ميڙ (Phrases)، فقرا (Clauses) ۽ جملا (Sentences) ناهين ٿا. لفظن مان جملا ڪيئن نهن ٿا؟ ۽ لفظن جي جملي اندر جڳهه ۽ ڪارج ڪهڙو آهي؟ اهو علم نحو جي دائري ۾ اچي وڃي ٿو. هن ڏس ۾ اها تحقيق ڪئي وئي آهي ته گرامر ڇا آهي؟ ان جي ابتدا ڪٿي ۽ ڪڏهن ٿي؟

باب ٻئي جي مطالعي ڪرڻ سان هي اخذ ڪري سگهجي ٿو ته، علم صرف نحو کي گڏي سنڌي ۽ سنسڪرت ۾ "وياڪرڻ"، عربيءَ فارسيءَ ۾ "صرف و نحو" ۽ انگريزيءَ ۾ گرامر (Grammar) چئبو آهي. گرامر يوناني لفظ "Gramatkis" مان نڪتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي "The art of Writing" يعني "لکڻ جو فن" گرامر لفظن جي مطالعي، قسمن، تبديليءَ جي قاعدن ۽ جملي ۾ هڪٻئي سان لاڳاپي جو علم آهي. هرهڪ لفظ سان جڏهن ان جي وياڪرڻي (Grammatical) وصف ڏجي ٿي ته اهو اسم، صفت يا فعل آهي. مذڪر يا مؤنث آهي، واحد يا جمع آهي، تڏهن اها ان لفظ متعلق ڄاڻ آهي ته اهو لفظ وياڪرڻي سرشتي ۾ ڪهڙي ريت ڪم اچي ٿو. تنهنڪري گرامر ٻوليءَ جي بناوت جو خلاصو (Description) آهي.

ڪنهن به ٻوليءَ متعلق جيڪي اختلافي ڳالهيون هجن انهن



کي گرامر جي تجزيي سان ختم ڪري سگهجي ٿو. ان ذريعي ٻولين جي وچ ۾ هڪجهڙاين ۽ فرقن کي معلوم ڪري سگهجي ٿو، ڇو ته دنيا جون سڀ ٻوليون ڪيترين ڳالهين ۾ مختلف هوندي به ڪن خاصيتن ۾ هڪجهڙيون آهن.

يونان کي قديم زماني کان مختلف علمن جي ڪري امتيازي حيثيت حاصل آهي. ڪيترن ئي علمن جي تاريخ جو سلسلو اتان کان شروع ٿئي ٿو، تحقيق مان خبر پوي ٿي ته سڀ کان پهريان گرامر نويس يوناني عالم هئا. انهن لاطينيءَ جو چڱيءَ طرح مطالعو ڪيو ۽ ان نظريي کي سامهون رکي ڪري ته سندن ٻولي يعني لاطيني آفاقي طور مڃيل قاعدن قانونن (Universaly laid canons of logic) مطابق آهي، ان ۾ فڪر جا همگير نمونا موجود هئا. لاطينيءَ ۾ ڪنهن به تبديليءَ جي گنجائش کي نه ٿي مڃيائون، پر جيئن ته وقت گذرڻ سان هر ٻي شيءِ وانگر ٻوليءَ ۾ به تبديلي اچي ٿي، انڪري انهن جا ڪڍيل نتيجا غير اهم ۽ غلط ثابت ٿيا. ان کان پوءِ ارڙهين صديءَ جي انگلينڊ جي گرامر نويسن (Grammarians) انگريزيءَ جي گرامر کي لاطيني (Latin) جي اصولن مطابق پيش ڪيو، ان دؤر جي گرامر کي روايتي گرامر (Traditional Grammar) چيو ويندو آهي.

ارڙهين صديءَ جي آخر ۾ يورپي عالم پاڻيني (Panini) جي گرامر کان واقف ٿيا. تحقيق مان اها خبر پوي ٿي ته، پاڻينيءَ جو گرامر ڪنهن مخصوص مفروضي بدران حقيقتن ۽ مشاهدي جي روشنيءَ ۾ لکيل هو، جيڪو چار سؤ (400) سال قبل مسيح لکيو ويو هو. ان ٻوليءَ جي ڇيد (Analysis) جو اصول سيکاريو، جنهن ڪري ٻولين جي تقابلي

(Comparative) ۽ تاريخي (Historical) مطالعي ڪرڻ جو رواج پيو. جنهن ذريعي اها ڳالهه سامهون آئي ته سڀئي ٻوليون تبديل ٿين ٿيون.

ويهين صديءَ جي گرامر کي تشريحي (Description) ۽ ساختياتي (Structural) چيو وڃي ٿو. هي هڪ نئين سوچ هئي، جيڪا يورپ ۽ آمريڪا کان شروع ٿي. شروعاتي تشريحي گرامر نويسن ۾ بلوم فيلڊ جو نالو قابل ذڪر آهي. عمومي طور گرامر جي ارتقا کي جاچڻ کان پوءِ هن ڪتاب ۾ خصوصي طور تي سنڌي ٻوليءَ ۾ گرامر نويسيءَ جي ارتقا جو جائزو ورتو ويو آهي. موهن جي دڙي مان مليل لکت مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته اها باقاعدا لکي ۽ پڙهي ويندي هئي. انڪري اهو چئي سگهجي ٿو ته لکڻ ۽ پڙهڻ لاءِ انهن ضرور ڪي قاعدا قانون به ناهيا هوندا. پر ان جا ڪي ثبوت نه هئڻ جي صورت ۾ سنڌي گرامر نويسيءَ جي ارتقا جي تاريخ اتان کان شروع ڪئي وئي آهي، جتان کان ان تي باقاعدا ڪم ڪيو ويو. تحقيق مان خبر پوي ٿي ته ڪئپٽن اسٽئڪ پهريون يورپي عالم هو، جنهن سنڌي ٻوليءَ جي گرامر کي اهميت ڏني ۽ 1849ع ۾ ان کي بمبئي مان ڇپرائي پرڏيهي ۽ ڏيهي ماڻهن کي سنڌيءَ جي نحوي خاصيتن کان روشناس ڪرايو. گرامر تي ان کان پوءِ جيڪو اهم ڪتاب ڇپيو اهو هو "A Grammar of the Sindhi Language" جيڪو ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ 1872ع ۾ ڇپرايو. هي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي گرامر جي ارتقا ۾ بنيادي حيثيت رکي ٿو. مجموعي طرح هن صاحب گرامر جي پهلوءَ جي چڱي طرح سان ڇنڊ ڇاڻ ڪئي آهي ۽ ان جي امتيازي خوبين کي نروار ڪيو آهي. ڊاڪٽر ٽرمپ پهريون عالم هو، جنهن اهو نظريو ڏنو ته، "سنڌي سنسڪرت جي شاخ آهي" انڪري هن سنسڪرت ۽ پراڪرت کي بنياد



بنائي سنڌي گرامر تي لکيو آهي. اهو شروعاتي دؤر هو، ڇاڪاڻ ته گرامر لکندڙن وٽ ڪو آڳاٽو مثال ڪونه هو، انڪري اصول انگريزيءَ ۽ سنسڪرت ٻولين تان ڪنيائون. انهيءَ کان پوءِ آڏارام ٿانورداس، ڪشنچند گلاب سنگهه گدواڻي ۽ ڏيارام وسڻ مل ميرچنداڻيءَ جا نالا اچن ٿا، انهن وٽ به اصول ۽ روايتون گهڻو ڪري پهرين واريون ساڳيون رهيون.

ڏيهي عالمن ۾ ٻن قسمن جا گرامر نويس ملن ٿا. هڪڙا هندو ۽ ٻيا مسلمان. سنسڪرت هندن جي ڌرمي زبان ۽ عربي مسلمانن جي مذهبي زبان آهي، تنهن ڪري انهن ٻنهي طبقن جي سنڌي زبان جي عالمن جڏهن به پنهنجي مادري ٻوليءَ جي ڪنهن به پهلوءَ تي لکيو ته ان تي ڪنهن نه ڪنهن طرح سان سندن مذهبي رنگ به چڙهيل رهيو آهي. سنڌي ٻوليءَ جا اعليٰ پائي جا ليکڪ ۽ محقق مرزا قليچ بيگ ۽ پيرومل مهرچند آڏواڻي به پاڻ کي انهن اثرن کان بچائي نه سگهيا آهن. پيرومل جو بنياد ڊاڪٽر ٽرمپ وارو گرامر آهي، هن به سنڌيءَ جي هر وياڪرڻي صورت کي سنسڪرت جي "بگڙيل صورت" ڪري ڏيکاريو آهي. مرزا قليچ بيگ ڪيترين ئي ٻولين جو ڄاڻو هو، هو عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ مهارت رکندو هو، انڪري هن وري انهن ٻولين جون روايتون به سامهون رکيون آهن پر تنهن هوندي به سندس لکيل گرامر پنهنجي نوعيت جو اهم ڪتاب آهي، جنهن ۾ 'علم صرف' کان سواءِ 'علم نحو' تي به تفصيل سان لکيو ويو آهي. عربي ۽ فارسيءَ واري روايت اڳتي هلي اڃا وڌي وڃي ٿي. هڪ ٻئي گرامر نويس واحد بخش شيخ سنڌيءَ جي عربي ۽ فارسي ٻولين سان ويجهي مائٽي ثابت

ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن انهن ٻولين جي وياڪرڻي سٽاءُ کي سامهون رکي سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻيءَ سٽاءُ کي انهن جو ويس ڍڪايو آهي.

ورهاڱي کان پوءِ جي حالتن ۽ ضرورتن کي مدِنظر رکندي سنڌي گرامر کي اردو ۾ لکيو ويو، ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا جو لکيل ”سنڌي معلم“ اردو ڳالهائيندڙن لاءِ هئڻ جي باوجود سنڌي گرامر جي تاريخ جو حصو آهي. سنڌ کان ٻاهر روس ۾ به سنڌي ٻوليءَ ۽ ان جي گرامر تي ڪم ٿيو آهي، ان سان سنڌي ٻوليءَ جي اهميت پڻ اجاگر ٿئي ٿي. ييگوروا جي گرامر جو اڀياس پڻ اهم آهي. جهڙي نموني دنيا جي هر قوم ٻين قومن جي تهذيب ۽ تمدن کان متاثر ٿئي ٿي، اهڙيءَ طرح ٻولين جا به هڪٻئي تي اثر پون ٿا. تحقيق مان اها ڳالهه سامهون آئي آهي ته سنڌي ٻولي به ڪيترن ئي ٻولين جي اثر هيٺ رهي آهي. سنسڪرت ۽ پراڪرت عربي ۽ فارسي، انگريزيءَ ۽ اردو ٻوليون مختلف دؤرن ۾ سنڌيءَ تي اثر انداز ٿينديون رهيون آهن پر انهن ٻولين جا اثر (influence) لفظن تائين محدود رهيا آهن. ڪابه ٻولي ان جي ساخت ۽ سٽاءُ تي اثر انداز ٿي نه سگهي آهي، ڇاڪاڻ ته ٻوليون لفظ اڌاريندیون آهن اصول نه.

اسان مٿي ڪيل هن سموري اڀياس مان سنڌي ٻوليءَ ۾ گرامر جي ارتقا کي ڏسي سگهون ٿا. انهيءَ سان گڏ ان تي مختلف ٻولين جي روايتن اصولن ۽ قاعدن قانونن جي اثرن جي جائزي وٺڻ کان پوءِ چئي سگهجي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ جي گرامر تي ان جي پنهنجي صوتياتي صرفي ۽ نحوي سٽاءُ ۽ ان جي پڻ بنياد بابت ٻين جديد نظرين کي



سامهون رکي لکڻ جي ضرورت آهي.

# ببليوگرافي


**سنڌي ڪتاب:**

1. آفتاب ابڙو، ”شاهه لطيف بحيثيت مفڪر“، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 1993ع.
2. الانا غلام علي ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي- سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، 1987ع.
3. الانا غلام علي، ڊاڪٽر، ”سنڌي صوتيات“، ادبيات پبليڪيشن، جيڪب روڊ، حيدرآباد. سنڌ، 1967ع.
4. الانا غلام علي، ڊاڪٽر، ”سنڌي صورتخطي“، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، 1993ع.
5. الانا غلام علي، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد“، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد سنڌ، 1974ع.
6. آڏواڻي پيرومل مهرچند، وڏي سنڌي وياڪرڻ“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي، 1985ع.
7. اڏارام ٿانورداس منشي، ”سنڌي وياڪرڻ“، گورنمينٽ سينٽرل بڪ ڊيپو ڪراچي، 1892ع.
8. بيگ مرزا قليچ، ”سنڌي وياڪرڻ“، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1992ع.
9. بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي تاريخ“ پاڪستان اسٽڊي سينٽر- سنڌيونيورسٽي ڄام شورو، 1990ع.
10. ٻگهيو قاسم، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻولي (لسانيات کان سماجي لسانيات تائين)“، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 1998ع.
11. جتوئي علي نواز، ”علم لسان ۽ سنڌي زبان“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، 1996ع.
12. جيٽلي مرليڌر، ڊاڪٽر، ”ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ“، اکل ڀارتيه سنڌي ساهتيه ، پرشد، وويڪ وهار دهلي، 1999ع.
13. جيٽلي مرليڌر، ڊاڪٽر، ”اوائلي شايع ٿيل سنڌي لوڪ ڪهاڻيون“، اکل ڀارتيه سنڌي ساهتيه پرشد 5/1 سرسوتي هائوسنگ سوسائٽي، 1986ع.
14. سراج، ”سنڌي ٻولي“، عظيم پبليڪيشن حيدرآباد سنڌ، 1964ع .





15. شيخ واحد بخش، ”سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۽ نحو“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 1986ع.
16. غلام قادر سومرو، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻٽن لفظن جي لُغت“، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ، 1996ع.
17. فهميده حسين ڊاڪٽر، ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ“، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 1993ع.
18. گريئرسن جي. اي، ترجمو ڪندڙ- ڊاڪٽر فهميده حسين، ”برصغير جي ٻولين جو لسانياتي جائزو“، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ، 2000ع.
19. گدواڻي ڪُشنچند گلاب سنگهه ۽ ڏيارام وسڻ مل مير چنداڻي، ”سنڌي وياڪرڻ“ موتي اليڪٽرڪ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد، 1914ع.
20. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر، ”سنڌي گرامر ۽ ڪمپوزيشن“، عجائب اسٽورز، فريئر روڊ سکر 1987ع.
21. ”نئين زندگي“، (رسالو) پرچا، مارچ 1965ع، اپريل 1965ع، مئي 1966ع.

**اردو ڪتاب:**

1. الانا غلام علي، ڊاڪٽر، ”سنڌي معلم“، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو/ حيدرآباد سنڌ 1984ع.
2. الانا غلام علي، ڊاڪٽر، ”زبان اور ثقافت“، علامه اقبال اوپن يونيورسٽي، اسلام آباد، 1987ع.

**English Books:**

1. Bloomfeild leonard “Language, George Allen and Unwin Ltd. London, 1961.
2. Crystal David, “The Cambridge Encyclopedia of Language,” Cambridge Unveresity Press, 1987-88.
3. Cardona George and Dhanesh Jain, “The Indo Aryan Languages”, Rout ledge London and New York, 2003.
4. Collinge N.E, “An Encyclopedia of Language” Rout ledge- London, 1990.
5. Ernest Trumpp Dr. “A Grammar of the Sindhi Language”, Asian Educational Services New Delhi, 1986.
6. Palmer Frank, “A Pelican Original Grammar”.

7. Shakeel Amina, An Approach to the study of Linguistics and Phonetics with glossary", Golden Ppublication, Hyderabad, 2002.
8. Thomas owen, transformational grammar and the teacher of English, Halt Rimehart and winstam, 1969.
9. Wren and Martin, "English Grammar and Composition", S. Chand Company Ltd, 2001.